

(ناول)
عشق
اوندا هو
سڄ
عاشق بلوچ

عشق اونداهو سج

(ناول)

عاشق بلوچ

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڈجيٽل ايڈيشن:
2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڪتاب نمبر 141

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: عشق اونداهو سج

موضوع: ناول

ليکڪ: عاشق بلوچ

ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2018ع

ڪمپوزنگ: محمد حسين مهر

ٽائيٽل: شاهزيب ميمڻ

ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن

منو ٽاور سامهون عبرت پريس ويجهو دوابا پوليس لائين گاڏي ڪاتو

حيدرآباد 03003513966

مُلهه: 200

ISHQ ONDHAO SIJJ

(Novel)

By: ASHIQUE BALOCH

Sambara Publication Hyderabad

03003513966

ارپنا

سمورن هڪ طرفو

عشق ڪندڙن

جي نانءُ

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"عشق اونداهو سج"** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب نوجوان ليکڪ **عاشق بلوچ** جو لکيل ناول آهي. ساجد سنڌي لکي ٿو:

"هڪ شاعراڻي مزاج جي مالڪ نوجوان ناول نگار عاشق بلوچ جي پهرين تخليقي پورهئي ۾ سندس ڪردارن سان نياءَ، مڪالما ۽ ڪلائمڪس سنيهو ڏيندڙ ۽ سبق آموز ان ڪري به آهي جو هن ناول جو پلاٽ/ڪهاڻي زندگيءَ جي حقيقتن جي عڪاس آهي، جن ۾ نوجوان پڙهندڙ ڪٽي نه ڪٽي پنهنجي موجودگيءَ کي ضرور محسوس ڪري سگهن ٿا ۽ جيڪڏهن پڙهندي پنهنجو پاڻ سان گفتگو جي ڪيفيت طاري ٿي وڃي ته پڪ ڄاڻجي ليکڪ پنهنجي مقصد ۾ سڪلتا ماڻي ورتي آهي، عاشق بلوچ جو هي مختصر رومانوي ناول به هڪ اهڙي ڪاوش آهي، جنهن ۾ پاڻ سڃاڻن جي سگهه قوهه جوانيءَ جي ڏينهن ۾ ڇڪي آڻي بيهاري ٿي."

هي ڪتاب 2018ع ۾ سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد پاران ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سمبارا پبليڪيشن جي سرواڻ ساجد سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني

.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail. com
www. sindhsalamat. com
books. sindhsalamat. com

اداري پاران

موجوده دور اندر سنڌي ادب ۾ ٻين صنفن جي ٻيٽ ۾ خاص طور تنقيد ۽ ناول جي ڪوٽ کي شدت سان محسوس ڪيو پيو وڃي، جيتوٽيڪ ان جي پڙهندڙن ۾ وڌندڙ اضافو قابل ستائش آهي، نوجوان نسل جي سنڌي ادب ۾ دلچسپي ۽ پڙهڻ جي وڌندڙ رجحان اڻ ڳڻيا ليکاري ته پيدا ڪيا آهن، پر انهن جي فني ۽ فڪري پرک ڪندڙ الائي ته ڇو پنهنجي عملي اظهار کان اڻ ڄاڻ آهن، جنهن سبب سنڌي ٻوليءَ ۾ صحتمند ادب جي سرجڻ جو ڪاٿو ڪٽڻ مشڪل ٿيندو پيو وڃي، ان باوجود نوجوان ليکاري وت آهر پنهنجي حصي جو ڪم ڪرڻ لاءِ ڪنهن به طرح پاڻ کي پُٽِ تي نه ٿا پائين، جيئن اسان جو هي نوجوان ليکاري عاشق بلوچ پنهنجي رومانوي ناول" عشق اونداهو سج" سان پاڻ کي متعارف ڪرائيندي اهوباور ڪرائي ٿو ته هر ايندڙ ٿهي پاڻ سان گڏ پنهنجا اسلوب ۽ پنهنجا رستا پاڻ ناهڻ جي صلاحيتن کان ڪنهن به طرح غافل ناهي. نوجوان ناول نگار عاشق بلوچ پنهنجي هن ناول ۾ ٻن رومانوي ڪردارن ساجد ۽ سنبل جي پيار ڪٿا کي زندگيءَ جي تلخ حقيقتن جي روپ ۾ پسي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش کي ضرور سراهي سگهجي ٿو.

هڪ شاعراٽي مزاج جي مالڪ نوجوان ناول نگار عاشق بلوچ جي پهرين تخليقي پورهئي ۾ سندس ڪردارن سان نياءَ، مڪالما ۽ ڪلائمڪس سنيهو ڏيندڙ ۽ سبق آموز ان ڪري به آهي جو هن ناول جو پلاٽ/ڪهاڻي زندگيءَ جي حقيقتن جي عڪاس آهي، جن ۾ نوجوان پڙهندڙ ڪٽي نه ڪٽي پنهنجي موجودگيءَ کي ضرور محسوس ڪري سگهن ٿا ۽ جيڪڏهن پڙهندي پنهنجو پاڻ سان گفتگو جي ڪيفيت طاري ٿي وڃي ته پڪ ڄاڻجي ليڪڪ پنهنجي مقصد ۾ سڦلتا ماڻي ورتي آهي، عاشق بلوچ جو هي مختصر رومانوي ناول به هڪ اهڙي ڪاوش آهي، جنهن ۾ پاڻ سڃاڻن جي سگهه ڦوهه جوانيءَ جي ڏينهن ۾ ڇڪي آڻي بيهاري ٿي. پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي آڌار احساساتي اندر سان لفظن ۾ روح ڦوڪيندڙ عاشق بلوچ جو هي قلمي پورهيو" عشق اونداهو سج" جي روپ ۾ ڪيتري مجتا ماڻي ٿو، اهو ته ايندڙ وقت تي ڇڏجي ٿو پر هن نوجوان ليکڪ جي هن ڪاوش تي پليڪار ڇئي سندس ڳل تي شاباش جي ٿڦڪي ضرور هڻڻ ڪپي.

ساجد سنڌي

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

پنهنجي پاران

جاويده عشق کي دوام بخشڻ

میری باتوں میں ہے تاثیر کہ میں،
دل پہ لکھتا ہوں قلم سے پہلے. .

عشق جي قفس ۾ ڦڙڪل پيرن سان رقص ڪندڙ عُشاقن جي چالن سان ڇٽيل پيرن جا نقش مايوسين جي مقتل گاھ ڏي وڌندا رھن ٿا، عشق وجود جي وجد ۾ گھڙي ذات جي مادي حيثيت جا اسرار ڪولیندو رھي ٿو ۽ ماڻھو وجود جي ماھيَت ۾ انيڪ رمزون ڄاڻڻ جِي فيصلہ ڪُن آگاھي ڪانپوءِ پاڻ سان مخاطب ٿي پنھنجي اظھار جي قالب ۾ ڇوي ٿو تہ ھر ماڻھو پنھنجي قيد پاڻ اُٽي ٿو ۽ خود ماڻھو پاڻ ئي پنھنجي فطري آزادي جو جتادار ضامن ھجي ٿو.

جيتوڻيڪ پيدائشي طور تي ھر قيدي آزاد ڄمندو آھي، وقت ۽ حالتن جو آخطلاط اُن کي اسيري جو اِذن ٻڌائي انيڪ عقوبتن سان دامنگير ڪندو آھي. عشق حقيقي معنا ۾ پاڻ اڀرڻ جو نالو آھي ، پاڻ اڀرڻ مان مراد ھڪ ٻئي وجود ۾ پاڻ کي محلول ڪري پاڻ کي اُن جي ذات جي دائراءِ اختيار ۾ محصور ڪري ڇڏڻ آھي ڇو تہ مطلوب جي ذات کي دوام بخشڻ طالب جي جاويدہ عشق جو شيوو ھوندو آھي.

عشق ۾ خلوصِ دل جن جي ايمان جي سرڪردگي ڪندو آھي اُنھن لاءِ ٻڌائي جو ھي بيت عشق جي تجديد ھوندو آھي.

"اکين ۾ ٿي ويھہ، تہ واري ڇَپَر ڏيکيان،
تارن ۾ ڪر تکيو، پنبڻين ۾ ڪر پيھہ،
تو کي ڏسي نہ ڏيھہ، آئون نہ پَسان ڪِي ٻيو. "

يادگيرين جي تتل صحرا ۾ ھڪڙي ماضي بعيد جي ڳڻيڙ ڪلي ٿي تہ ڪيترين ئي يادون گُل افشاني ڪندي اِھو احساس ڏيارين ٿيون تہ ھڪ لِڳَا بارشن ٿر تي وسڻ کان نابري واري ڇڏي ھئي، خُشڪسالي جي زَد ۾ ٿر جي گرم واري تي ٻاڦيھن جا لاشا ڪثير تعداد ۾ موصول ٿيڻ لڳا ھئا، بي سواد زندگي صحرا جو جارھاڻو ڏيک ڏئي رھي ھئي، ھر طرف مانار، مايوسين ۽ ھيڪلائي جو سناٽاخيز بيابان ھو جنھن ۾ ڪڇندڙ ساھ ھن ماھ (جسم/ماس جو وجود) کي جيئرو رکڻ جي اجائي مشق لڳي رھيا ھئا، گويا زندگي جا اُپاڻڪا لمحا حياتي جي ڪلھن تي غيرضروري بوج لڳي رھيا ھئا.

پنھنجي وجود کي مصلوب ٿيندو ڏسي روح دھلجي ويو ھو. .

اُنھن ڏينھن محسوسات جي سنگباري ۾ مونکي لڳو تہ منھنجو پاڇو منھنجي وجود کي گرھ گرھ ڪري کائي رھيو آھي، منھنجي آھ سان سڃو آسمان ڦوڪجي ويو آھي، بحرِ عرب منھنجي لڙڪن جو ذخيرو ٿي ويو آھي، وڃ ھجرت جي خوف کان توائي ٿي چڪا آھن، آسمان کي ڪانگ پَٽي رھيا آھن، زمين کي ڪوريڙو سوڙي ڪري رھيو آھي ۽ ماکوڙيون سموند پي رھيون آھن.

نراسائي جي انھي اداس لمحن ۾ منھنجي ڪرنگھي تان مايوسي جي ريل متي رھي آھي ۽ آئون ڏرتي

جي پُڙ جو بار پنهنجي مٿي تي محسوس ڪندي پير کُپائي ويٺل آهيان.
مون اُن وقت محسوس ڪيو هوائون ننڍڙڪي ٻار جي عُريانيت کي چُهي سينہ ڪوبي ڪري رهيون آهن ، جيتن جي عالمي نمائش ۾ پوپٽن کي ڪوجهو قرار ڏئي تڙيو ويو آهي.
مون اُن ڏينهن شدت سان محسوس ڪيو تہ قبر جي پراٽي پڙن تي وسندڙ چانڊوڪي ڪيڏي نہ اداس ٿي چڪي آهي؟
دردن جي دونهين ۾ گهريل اُنهي ڪرپناڪ لمحن ۾ هُو ملي هئي جڏ سُڪڙجندڙ زندگي جي رڳن ۾ حياتي متحرڪ ٿي موتي آئي هئي ۽ دريا ڏرتي جا دڳ لتاڙي سموند سان ٻَڪين پئجي ويا هئا. . .
هُو منهنجي اکين جي ماڻڪين ۾ خدا جو پرتوو ٿي سمائجي وئي هئي. . .
هڪڙو دور هوندو آهي ماڻهو پرپور جيئندو آهي، هڪڙو دور ايندو آهي جو ماڻهو کي جيئڻو پوندو آهي. وقت حالتن جا تضاد آڻيندو آهي تہ زندگي جي جيئڻ جا لاڙا تبديل ٿي ويندا آهن ۽ حالاتن جو بدلجڻ سوچن جي ارتقا ۾ نوان تَصنع پيدا ڪندي آهي جنهن سان زوردار عشق جي اُجاره داري وجود تان ختم ٿي ويندي آهي ۽ ماڻهو پنهنجي ساڳي جُسي جي قبا ۾ واپس موتي ايندو آهي.
منهنجي هي ناول "عشق اونداهو سج" جي لکجڻ کي هڪ خيال جي تلميح جو ادبي سَعيو سمجهڻ گهرجي.
مون حتي الامڪان ڪوشش ڪئي آهي تہ ناول جو اسلوب تبديل هجي، ڇو تہ ناول جو موضوع ممڪن آهي نئون نہ هجي پر قدرن ڪوشش ڪئي آهي تہ ناول جي اسلوب کي نرالو رکجي.
هتي آئون اهو اعتراف ٿو ڪريان تہ ڏُهڻ ۾ ڦاٽل منهنجي ڪَلا جي سواري پنهنجي حدف کان گهڻو پوئتي مرڻينگ حالت ۾ پيل آهي انهي جو سبب بيان نٿو ڪري سگهجي.
لاش تي ويٺل مَکي جهڙي سماج ۾ تخيُل جي ديوي تي خاموشي محصور آهي پر تنهن هوندي بہ تخليق جي ڀڏندڙ سفيني مان هٿ اُپا ڪري پنهنجي هجڻ جو احساس ڏيارڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي آهي.
خودثنائي کان پري پڃڻ منهنجي شعور جو جُز آهي اهو ئي سبب آهي جو آئون اڃان تائين ادب ۾ گوشانشين تخليقارن جي ست جو حصو آهيان. آئون هن ناول بابت ڪنهن بہ ادبي خوشفهمي ۾ رهي پاڻ کي ڪا شيءِ هجڻ جو تعيُن ڪرڻ واري شرڪ کان پاڻ کي پري عدم هجڻ جو داعي سمجهان ٿو ها پر ڪڏهن ڪڏهن ، جڏهن ڪجهہ مخصوص ڪيفيتن جِي باقيات جي پاڇي ڇُيندي محسوس ڪندو آهيان تہ اُنهن جي خلش کي سانت ڪرڻ لاءِ اکرن جا چنبا هڻندو آهيان.
منهنجو هي ناول عرب شاعر امرءُالقيس جي هن قصيدي جي تتبح جو تشريحي ادراڪ آهي، جنهن ۾ هن چيو آهي "عشق هڪ آتش فشان پهاڙ آهي ۽ منهنجي دل ۾ آڳاهہ پيا ٻَرن، اگر هي باهہ هڪ نيزي جي فاصلي تائين منهنجي ويجهو اچي تہ هوند اُها بہ سڙي، ٻري، کامي خاڪ ٿي وڃي."
منهنجي هن ناول جي ڇپجي پڌرو ٿيڻ ۾ ڪجه دوستن جا دلي ٿورا آهن جن ۾ خاص طور تي ناول کي ڪمپوز ڪندڙ پياري دوست ۽ ڪلاس مٽ محمد حُسين مهر جو ٿورائتو آهيان جنهن ناول جي ڏيان سان ڪمپوزنگ ڪئي. ان کان علاوہ منهنجي شفيق استادن ڊاڪٽر فياض لطيف ۽ مٽبدم ريحانہ نظير جو ٿورائتو آهيان جن ڪتاب جي بيڪ ٽائٽل لاءِ راءِ لکي، اُن سان گڏ سنڌي شعبي جي ٻين مشفق

استادن جن ۾ سر مخمور بخاري جي لڳاتار اتساھ جو مشڪور آھيان ۽ گڏوگڏ سر نواب ڪاڪا، سر نورمحمد شاھ ۽ ميڈم شازيہ سفير جي اتساھ جو پڻ ٿورائتو آھيان.

پياري دوستن ناشاد رضوان ، جعفر شاھاڻي، شھاب نھڙيو ۽ احساس سمون جي محبتن جو مقروض آھيان جن منھنجي ڪتاب تي راءِ ڏني.

اداري پاران ۽ اکر لکڻ تي پياري ساجد سنڌي جو ۽ شڪر گذار آھيان.

ڪجھ منھنجي ڳوٺ ساڻوري جي ادبي دوستن جعفر شاھاڻي، پريتم چيتن، عرفان شاھاڻي، محسن شاھاڻي، زاھد حُسين، دين محمد، لياقت علي ۽ ذوالفقار شاھاڻي جون محبتون منھنجي ادبي سفر سان ھمسفر رھيون آھن ۽ ڪجھ يونيورسٽي جي دوستن ناشاد رضوان، بابو سومرو، ساگر مشتاق، اعزاز لغاري، انيل آزاد اوڏ جون محبتون ۽ مون سان گڏ گڏ رھيون آھن.

عاشق بلوچ
قاسم آباد، حيدرآباد، سنڌ
7ڊسمبر 2018ع
Email;ashiquebaloch2018@gmail. com

جامشوري جي فطرت جي جماليات جھڑو نثر !

لفظن جي ادائگي ۾ ان ۾ خيالن جي پختگي وارو مونکي عاشق بلوچ جي لکڻ جو اهو نرالو انداز ايترو تہ وٹندو آهي جو ايئن لڳندو آهي هن احساسن جي مصور وٹ خيالن کي اُٹڻ لاء اها سڄي Cosmeticology موجود آهي.

عاشق بلوچ جو نثر پڙهندي ماڻهو پاڻ کي الاهي ڪٹي وڃائي ڇڏيندو آهي ۾ وري وري پاڻ پنهنجي وجود جي ڳولها ۾ اندر ڏانهن جهاتي پائيندو آهي . طالب محبوب سندس لکڻين جي سحر ۾ جکڑجي ويندا آهن ۾ انهن خيالن جي سرمستي واري ڪيفيتن ۾ سندن تصور پنهنجي محبوب جي رخسارن کي چُمي وٹندو آهي.

عاشق جي تخليقن ۾ مونکي اها خاصيت نظر اچي ٹي جو سندس لکڻيون بخوبي خود Convince ڪري سگهن ٹيون.

هن جامشوري جي پهاڑين ۾ اُپسرائن جي پازيب جي ڇمڪار جي ڇم ڇم کي بہ قلمبند ڪيو آهي تہ ويجوڙن جا ورلاپ ڪندڙ وجود جي الوداعي کي بہ سندۓ تخليقن جي سماۓ ۾ سميٹيو آهي.

سندس هي ناول "عشق اونداهو سج"سموري جماليات جي علامت آهي.

هن زماني جي ظرف کي پروڙي عشق لامحدود جي منزلن تي پاڻ وڃائڻ سان گڏ ان مجازي عشق جي انداري سج جي تشريح بہ ڪئي آهي.

عاشق بلوچ جو هي ناول پڙهندي ايئن محسوس ٹيئي ٹو تہ هن درد کي پرکڻ سان گڏ پاڻ ۾ جذب بہ ڪيو آهي ۾ هو درد کي Self-exressiveness ڪرڻ جو فن بہ جاڻي ٹو.

هي موضوع اهڙو آهي جنهن تي دنيا جي هر هڪ تخليقڪار لکيو هوندو پر اصل ڳالہ Diction جي هوندي آهي ۾ ڪامياب لکڻي اسلوب ذريعي ئي پاڻ متعارف ڪرائيندي آهي. عاشق جو اسلوب بنھ پختو ۾ ۾ ڏاڍو دل افروز آهي، جنهن ۾ احساسن جو Climax بہ وٹندڙ اٹس.

هن ناول ۾ ليکڪ پنهنجي لفظن جي ڪُميتن کي صحراۓ جي پيچرن تي ڊوڙائيندي اولاڻي شهسواري ڪئي آهي، ۾ انهي اولاڻي سواري جو ايذاۓ سوار کي ڪيترو رسيو هوندو؟

ناول ۾ تجريد جو ڪمال جو آرٹ نظر اچي رهيو آهي جڻ ڪنهن سندرتا سنڈي ناريۓ جي ڪنڈ ۾ ست سري دهري جو چاتيۓ کي چمڻ. هن ناول ۾ درد جي منظر نگاري بہ پردیس ۾ پرٹايل ان وياڪل ڪنوار جي نکيتيۓ جي ٹاڻي اباڻي اڳڻ ۾ بينل وڻ جي تارَ ۾ ڇڏيل آخري نهار جي منظر جھڑو روح کي جهير ڏيندڙ درد آهي.

جتي عشق پنهنجين سمورين مسافتن ۾ بنا حاصلات جي ٿَڪ پيڄي اتي اهڙن نوجوانن جي قلم مان هڪڙا ناول تخليق ٿيندا ۽ اهي ئي ناول هن سماج جي حقيقي رومانويت جي پرپور عڪاسي ڪرڻ ۾ پنهنجو شاندار ڪردار ادا ڪندا.

پياري عاشق بلوچ کي اهڙو شاهڪار ناول لکڻ تي دلي واڌايون اميد ته هي ناول سنڌي ادب ۾ پنهنجو الڳ ۽ منفرد مقام ٺاهيندو.

ناشاد رضوان

عاقلي / ٿر

8ڊسمبر 2018ع

هڪ سچو آرٽسٽ

هڪ سچو آرٽسٽ هڪ ڏينهن فطري طور آرٽ ڏانهن آوس موٽندو آهي، ساڳي ڪيفيتون، حالتون، لهواريون اوپاريون عاشق بلوچ سان بہ لاڳاپيل رهيون آهن، جنهن کي آئون هڪ ئي ڳوٺ ۾ رهندي شعوري اکيون کلڻ وقت کان نہ صرف سڃاڻيندو پيو اچان پر زندگيءَ جي اڻ ڳڻين موڙن تي اسان هڪٻئي لاءِ مشڪل گھڙين ۾ نيڪ نيتيءَ سان سوچيو ۽ لوچيو پڻ آهي.

اڄ انهي پيار پنهنجائپ جي پرم ڪارڻ ڪوڙ يادون اسان جي دلين ۾ آهن جيڪي هت نٿو ڪريان ۽ اچان ٿو سندس تخليقي پورهئي طرف.

جيتوڻيڪ ناول، ناوليٽ ۽ ڪهاڻيءَ جي جوڙجڪ ۽ فني حوالي سان ٿوري ڦيرڦار، ننڍ وڏائي جي فرق کي سامهون رکي 1853ع ۾ انگزيرن جي ڪرم نوازين سان سنڌي الفابيٽ جُڙڻ ڪانپوءِ سنڌي ساهت ۾ انهن نثري صنفن جو آغاز ٿيو. اڄتي هلي انهن متعلق ڪيترائي انومانَ سامهون آيا جنهن لاءِ انهن ٽنهي صنفن جي تاريخي پسمنظر ۾ وڃي قلب ۾ هٿ وجهبو تہ، نہ رڳو ڳالھ ڳچ ٿي ويندي پر ڪيترن ئي سوالن جو جنم پڻ اٽڪر ٿي پوندو، جنهن ڪري انهي قصيءَ کي بہ اتي ئي ڇڏيان ٿو.

جيئن ڪنهن قوم جا رسمي طور طريقا، سماجي اُٿي ويٺي هوندي آهي، ائين دنيا جي ڪاروهنوارُ جا بہ پنهنجا قاعدا قانون هوندا آهن جن جي دنيا صدين کان پيروڪار آهي. اهو قانون قدرت بہ آهي تہ، نظام جي بهتري ۽ پاڻ کي دنيا ۾ اجاگر ڪرڻ جو اعليٰ نمونو بہ آهي، پر ڪو انهي قاعدن کان هٽي ڪري بہ ڪنهن غلط طريقي سان وڌي مقام تي پهچي ٿو ان جو قطعي اهو مقصد ناهي تہ اهي طور طريقا، قاعدا قانون غلط يا اجايا آهن. اصل ۾ اهي سڀ ڳالهيون منهنجي خيال ۾ آرٽ جي زمري ۾ آڻجن تہ بہ غلط نہ ٿيندو جن جي پيڇڪاڻي ڪندڙن جو فيصلو تاريخ ۽ وقت کي ڪرڻو پوندو آهي جنهن جا پيمانہ مثال مون ۽ اوهان سامهون ڪيترن ئي صورتن ۾ آهن. ان داستان ڦلهورڻ جو مقصد تہ ڪوبہ ڪم ڪجي تہ انهن ڳالهين کي مدنظر رکي ڪجي جيئن نام ۽ گام ٻنهيءَ جو نالو روشن ٿئي.

عاشق بلوچ منهنجو دوست انهي حوالي سان مونکي سدائين نہ رڳو متاثر ڪندڙ پر خوددار بہ لڳو آهي. ڪجھ ڏينهن پهرين جڏهن هُن پنهنجي ناول "عشق اونداهو سج" ڇپجڻ جي ڳاله ڪئي تہ ڏاڍي خوشي ٿي.

يقينً ڪو بہ تخليقي پورهيو ايڏو سؤلو ناهي ۽ اهو ڪنهن تخليقار کان راز ڳجهو بہ ناهي هوندو. ناول، ناوليٽ ۽ ڪهاڻي جون بنيادي فني گھرجون تقريبن ساڳئي آهن، سواءِ طوالت جي. ڪهاڻيءَ جو پلاٽ هڪ واقعي جي گرد ڦرندو آهي، جڏهن تہ ناوليٽ يا ناول جي پلاٽ مڪ ڪردارن سان ڪيترن ئي واقعن کي سلهاڙي سگھجي ٿو. باقي ڪردارن جي ڳاندا پي، پلاٽ جي ترتيب، گھاڙيتي، ڊائلاگ، تشبيهون، دلچسپي، تجسس، پڃاڻي سميت سيئي فني خوبيون ۽ فن ساڳيو آهي.

عاشق بلوچ جي هِن پهراڙيءَ جي ڪردارن کان شروعات ٿيندڙ ناول جا مڪ ڪردار پلاٽ جي ترتيب سان منڊ ۾ جن رستن تي، گھٽين ۾ رُسندي پرچندي، چرچا پوڳ ڪندي، پيار جي پيچرن تي هلندا نظر اچن ٿا اُتي پنهنجي فطري لاڙي جو عڪس بہ ظاهر ڪن ٿا. جڏهن اهي مڪ ڪردار پهراڙيءَ جي انهن

گھٽين ۾ پنهنجو پيار پروان چڙهندي محسوس ڪن ٿا تہ حادثاتي طور تي سندن رشتو ٽٽڻ جا امڪان هوندي بہ بچي پوي ٿو ۽ ساجد سنبل کان دل جي گهراين سان اجازت وٺي سنڌ يونيورسٽي وڃي وسائي ٿو. اُتي بظاهر پڙهندڙ جي ذهن ۾ صرف رومانوي خاڪو جڙڻ جا وڌيڪ امڪان محسوس ٿين ٿا پر عاشق سُهٽي اسلوب سان نہ صرف رومانس واري تاثر کان پڙهندڙ کي آجو ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي پر ويجهڙي جي وڌن کان بچائيندو تسلسل ۽ دلچسپي کي بہ برقرار رکيو اٿس.

عاشق بلوچ جو هيءُ پهريون قلمي پورهيو جنهن ۾ پن پيار ڪندڙن جو داستان بہ آهي تہ، لفظن جي ساحري سندس مطالعي جي گواهي بہ ڏئي ٿي. خاص طور تي يونيورسٽيءَ ۾ ٿيندڙ شاگردن جي ننڍن وڏن مسئلن کي ظاهر ڪرڻ سان گڏوگڏ سماج ۾ ٿيندڙ ستمن جي جهلڪ، تهذيبي عڪس، تشبيهن، پوليءَ سان پيار، ڳنڍيل واقعن جي ترتيب، طرز گفتگو، دلچسپي ۽ تجسس سان بہ پرپور نموني نپايو اٿس.

سنڌي ساهت جي پرگهور لهندڙ نالي چڙهيا اديب ڪٽي عاشق بلوچ جي هِن ناول کي ڪهڙي بہ نظر سان ڏسن پر "عشق اونداهو سج" مونکي وٽندڙ ۽ ليکڪ جي روشن ادبي شناس واري پرپور علامت ضرور محسوس ٿيو آهي.

جيتوڻيڪ عاشق جنهن منزل جو مسافر آهي ان جو اڃا پنڌ گهٽو پري آهي، عاشق سان منهنجون ڪيتريون ئي اميدون وابستہ پڻ آهن، جنهن لاءِ ڪيس پوئتي ناهي جانچڻو ۽ مسلسل مطالعي، مشاهدي ۽ دل لڳي سان پنهنجي منزل ڏانهن سفر جاري رکڻو آهي.

مون کي ويساه آهي جيئن پکي جي پهرين پرواز هُن جي حوصلي جي ضامن هوندي آهي، ائين عاشق بلوچ جو هيءُ قلمي پورهيو نوجوان ضرور پسند ڪندا.

جعفر شاهاڻي
8 نومبر 2018ع

ڪاريگر ناول نگار

ڪهاڻيون وٽن وانگي هونديون آهن ۽ ناول جهنگل آهن، عاشق بلوچ نثر جي جهنگل جو ڪاريگر شڪاري آهي، هونئن ته ناول جي شروعات روسي ادب کان ٿي آهي، دنيا ۾ ڪيترا ئي اهڙا ناولست آهن جن جا ناول ادبي ڪيتر ۾ پنهنجو مقام ۽ مرتبو رکن ٿا. سنڌي ٻولي ۾ جيتوڻيڪ ناول ترجمي جي صورت ۾ مليو آهي، پر پوءِ به سنڌ جي حالات ۾ ٻاهران ٿيندڙ حملن جي نتيجي ۾ سنسان ٿي ويل شهرن کان ويندي رسمن رواجن جي پروان چڙهيل دنيا ۽ شهر جي سياٽن واپارين وٽ ڪو ٻاڙ ڦرائي وينو جهڙي ماحول جڏهن جنم ورتو ته سماج م موجود ڪو عاشق بلوچ جهڙو احساس رکندڙ ماڻهو به آهي جنهن پنهنجي شعوري نگاهه جي ڳُهور سان سماج ۾ جنم ونندڙ مسئلن کي فوڪس ڪيو آهي.

ناول هميشه پنهنجي اندر ۾ پڙهندڙ لاءِ هر موڙ تي وڌا سرپرائيز ڇڏيندو آهي، انهيءَ ڪري اهو چوڻ به درست ثابت ٿو ٿئي ته ناول جي پوري ڪهاڻي مان هڪ ست جي حذف ڪئي وجي ته سڄي ناول جو سواد ختم ٿي ويندو.

انهيءَ ڪري ادب جي سيني صنفن مان ناول پنهنجي منفرد مجتا رکي ٿو. ناول ۾ جيڪڏهن ٻولي جو استعمال خوبصورتي سان ڪيو وجي ته يقينن پڙهندڙ کي حيران ڪريو ڇڏي.

عاشق بلوچ ناول جي دنيا ۾ اهو سَلو آهي جيڪو انگوران ٻلو آهي. ڪنري ۽ عمرڪوٽ جي وچ رستي تي ڳوٺ ساڏوري ۾ هن ڏات ڏٽي جنم ورتو، اسان جي دوستي کي ڏهاڪو ڪن سال ٿي چڪا آهن، دوستي جي هن دڳ تي عاشق ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ويندڙ بادل وانگي ملندو آهي. پنهنجي ادبي مطالعي مان انتهائي لاڀائتيون ڳالهيون ڪري ڏِگهي ٽپي ڏئي هليو ويندو آهي، هن وٽ ناول لکڻ جي رنگ ڍنگ جا زمين آسمان پنهنجا آهن، هو پنهنجو پاڻي ڏئي پنهنجو ٻج ڇٽي ادبي ڪيتر ۾ پوک پوکڻ جو هنر مند هاري آهي.

انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪَڙي توهان جي هٿ ۾ موجود ناول "عشق اونداهو سج" به آهي، جنهن جو بنيادي محرڪ ته رومانس رهيو آهي پر هن يونيورسٽي ۾ پيش ايندڙ شاگردن جي مسئلن کان ويندي سنڌي ٻولي جي آبياري لاءِ وزنائتا اکر لکيا آهن.

عاشق بلوچ سنڌ ي ٻولي جو هڪ بهترين قلمڪار آهي، شال سدائين پنهنجي لفظن جي گهاٽي ڇانوَ ۾ ٽڪ ٻيڙڻ جو موقعو فراهم ڪندو رهي.

احساس سمون

ڪنري

8ڊسمبر 2018ع

سگھارو ناول

ناول سنڌي ادب جي اهم صنف آهي، سنڌي ادب ۾ ناول نوبسي جو رجحان وڌي رهيو آهي. اسانجي دوست عاشق بلوچ جو هي ناول "عشق اونداهو سج "سنڌي ادب ۾ هڪ سگھاري ناول جو اضافو آهي .
عاشق جي هن ناول جو سڄو نثر دل لپائيندڙ آهي، فني ۽ فڪري خوبين ۽ خوبصورتين سان ڀرپور نثر سڄ پڄ دل جو پورهيو ٿو لڳي .
خاص ڪري رومانوي رنگ روح ۾ راماڻا ڪري اترندڙ آهن ، هن ناول ۾ سھڻي نثر جون سموريون حسناڪيون موجود آهن ، عاشق ناول جي فني، فڪري گھرجن سان پوري ريت نڀايو آهي. مون کي هي ناول نوجواني جي نڪور نينهن وانگر محسوس ٿيو آهي ، جنهن ۾ هڪ حسين جهان جرڪي ٿو ، سندرتائون ساھ ڪڍن ٿيون، اندلني احساس ڪر موڙين ٿا.
ڪيفيتن جو سمندر ڇُلڪي ٿو ، ساروڻين جو دريا وهي ٿو، نشيلين نگاهن جون نيريون نديون گجگوڙ ڪن ٿيون ۽ عشق جي عجيب اتھاس جي آدرشن مان اتساھ جو ايمان ملي ٿو.
عشق جيڪو ڪائنات جو هڪ اهڙو ديوتا آهي جنهنجون ڏرمي سرحدون ورهايل ناهن هر زنده روح سندس تابع آهي، سندس پوڄاري آهي.
ان عشق جي عظمتن جي ڪٿا جي صورت ۾ پياري عاشق بلوچ ناول کي نوَن گسن تي پنڌ ڪرايو آهي .
عاشق جو پُرڪيف، پُراثر نثر جيڪو وٽي بہ ٿو ۽ وڌ بہ ڏي ٿو .

شهاب نهڙيو
گونگيو ٿر
7ڊسمبر 2018ع


عشق
اونداهو
سڃ

(1)

هر شام تاٹي وڌڇي ويل وٹن جي مرتيي جي تڏي تي نوحہ گيري ڪندڙ پکين جا نوحا سڃي وايومنڊل کي سوڳ جي لهر ۾ لپيٽي رهيا هئا، شهيد جي لاش کي وينجهاريل ڳاڙهي پاٹي کي ٻڪ ۾ ڪٹي عشق قحبہ خاني جي چائنٹ تي چوڌهين جي پويتر چانڊوڪي کي مَٹي ميري سان گُهوري رهيو هو، ڪير جهڙي اُجري چانڊوڪي اوچي محلن جِي پَستين کانسواءِ سڃي عالم ۾ پنهنجي حُسناڪي جو جلوو پَسائي رهي هُئي، جنهن جو غيرحاد ثاتي عشق چڪور تي فرض غُسل جيان فرض ٿي چُڪو هو.

عشق. . . . . جنهن جي تفسير ۾، تڪليفده ڪيفيتن جي قهر ۾، مُسلسل هڪڙي تسلسل سان ويراڳ جي راڳ جا آلاپ ٿيندي سندس سماعتن ۾ شيشي جُون ڪِرچيون پرجي ويون هُيون. . .

عشق. . . . جنهن جا باختہ ٻڌجي ويل حواس باز جي چنبي ۾ آيل فاختہ جِي بي ساختہ ڳڻپير جِي ڪشمڪش جهڙا درد انگيز ٿي وياهُئا. عشق. . . . . جنهن جي تشريح جي بيوفائي واري باب ۾ ويساهن جي واٹن تي ڪنيل ساهن جا سلسلا پنهنجي جياپي جي تسلسل جو رڌم ٽوڙي رهيا هُئا ۽ دڳن تي چمڪندڙ چانڊوڪي کي وقت جي اڏوهي ڪائي ڪُٽائي رهي هُئي. . . . !

بَزمِ خَلوَت جي چنڊ کي وڇوڙي جي گرهٹ، فراق جي ڪاراٹ جو راڳو ڏئي ڇڏيو هو. . . . !

عشق. . . . . ! جنهن جي ڪيفين جي ڪشڪول ۾ ياد گيرين جا سِڪا گَلي ۾ دَڀيل اوڇنگار جي صورت ۾ مدم آواز ۾ ڇٹڪي رهيا هُئا. . . . . !

رَکي رَکي من ۾ پرندڙ ڪِن يادن جو لاوو جڏهن عشق جي وجود تي آتش فشان ٿي ڦاٹو تہ ٹُڪرن ۾ تقسيم ٿي ويل عشق کان دردن جي دونهين بينائي کسي ورتي جنهن کانپوءِ اِهو لوڪ پهاڪو نهيو "عشق انڊو ٿيندو آهي. "

عشق ازل کان اوڃاڳن جي سرزمين ڇو آهي؟

انساني عقل اڄ تائين انهي سوال جي جواب جا پيرا پيو ڪٹي پر محدود انساني سوچ ۽ ناڪافي انساني عقل عشق جي ازلي بيقراري بابت ڪا بہ حتمي راءِ قائم ناهي ڪري سگهيو. . . . !!

صدين جي سفر جي ڊگهي مُسافت تي مُحيط وقت جي ڊنڊ ۾ ڪيترائي عشق جا ڪنول ٽڙندا ۽ ڇٹندا رهيا آهن، بيشمار وجود عشق جي باهہ ۾ رَک ٿي ويا آهن، انيڪ وجود عشق جي جهنگ ۾ رُلي رهيا آهن. عشق جي اهڙي غمناڪ وارتا جي تسلسل جي هي بہ هڪ ڪَڙي آهي جنهن ۾ عشق جي گهاٹي ۾ پيڙجي ويل ويراڳي وجودن جي درد ڪهاٹي کي بيان ڪرڻ لاءِ منهنجي قلم مَس مان وضو ڪري تڪبيرِ اُولیٰ چئي اها بہ سئو گهرن تي مشتمل هڪ ڳوٹ ۾ جنم ونندڙ عشق جي درد ڪٹا آهي، جنهن ڳوٹ جي گهٹين ۾ عشق جي خوشبو اُٹي ٿي، روئي ٿي ۽ نيٹ درد جي هوا ۾ بي حسي جي واڇوڙن ۾ سنگسار ٿي وڃي ٿي. . . . !!

دستور موجب قمري تاريخ جي هر سُهائي سومر تي سُنبل پنهنجي ماسي زرينہ سان گڏ پنهنجي ماءُ جي مُقام(قبرستان) تي پاٹي ڇٹڪارڻ ۽ ختمو ڏيڻ ويندي هُئي، هن دفعي قمري چنڊ جي سُهائي سومر تي هُو

ماسي سان گڏ درگاهہ تي وڃي رهي هئي تہ رستي ۾ پين ٻارن سان گڏ ساجد بہ اڇي هنن سان گڏاٽو ۽ زرينہ ڳوٺ جي پين ٻارن سان گڏ ساجد ۽ سُنبل کي ونڊي اولياءُ جي حاضري تي وڃي پهتي. . . . !!

پهرين سُنبل جي ماءُ بشيران جي قبر تي وڃي ان کي ختمو ڏنائون ۽ پوءِ روضي واري درگاهہ ۾ حاضري لاءِ روضي اندر گهڙيون سُهائي سومر جي ڪري درگاهہ تي وڏي رَش لڳل هُئي، هر ڪو پنهنجي مَن جون مُرادون پوريون ٿيڻ لاءِ اولياءُ الله کي وسيلو بڻائي پنهنجي دعائن جي قبوليت لاءِ ٻاڏائي رهيو هيو. . . . !!

زرينا باوضو جُتي لاهي پيرن اُپراٽي اولياءُ جي احاطي ۾ ٻارن سميت داخل ٿي، انتهائي نياز ۽ نوڙت سان درگاهہ شريف جي حاضري ڏئي ٻارن ۾ وِلڇ ورهايائين.

ساجد پنهنجي حصي جي مليل وِلڇ جو اڌ حصو سُنبل کي ڏنو ۽ اڌ حصو پاڻ کاڌو.

زرينہ ٻارن جو پاڻ ۾ اهڙو قرب ڏسي خوش ٿيڻ لڳي هُئي.

ٻارن کي ولڇ کارائي زرينہ اُنهن کي ونڊي واپس ڳوٺ ڏانهن موٽي وڃي ٿي. . . . !

جون جولائي جي وئڪيشن جي موڪلن کانپوءِ جئين ئي اسڪول کلن ٿا تہ ڏميوار والدين جا ٻار اسڪول وڃڻ شروع ڪن ٿا، ڪي ٻار وئڪيشن جي موڪلون ختم ٿيڻ کانپوءِ اسڪول وڃڻ کان لنوائي رهيا هُئا، ڪي ٻار شوق سان اسڪول ٿي ويا تہ وري ڪي ڀهراڙي جي اسڪولن ۾ ماسترن جي موچڑن جي ڊپ کان ڪي ٻار پڙهائي تان هٿ کڻي مال چارڻ جي ڪِرت ۾ لڳي ويا. . . !!

اسڪول کلڻ واري پهرين ڏينهن تي سُنبل ۽ ساجد اسڪول ويا. . . !!

ساجد هڪ ذهين، هوشيار، ڏڙتيلو ۽ سڀ کان اڳرو ٻار هو، سڄي ڪلاس ۾ چالاڪي ۽ هوشياري ۾ هُو سڀ کان اڳرو هوندو هو، جڏهن تہ سُنبل هڪ مانيٽي ۽ خاموش مزاج نينگريءَ هُئي.

ساجد ۽ سُنبل پاڻ ۾ سئوٽ هئا، ان ڪري هُو روزانو اسڪول بہ گڏجي ويندا هُئا.

اسڪول کان واپس موٽي اڇي هوم ورڪ بہ گڏجي ڪندا هُئا.

پنهي جو پاڻ ۾ بيحد گهٽو پيار هوندو هو. ساجد وڏو شرارتي ٻار هوندو هو، هُو گهٽيون شرارتون سُنبل سان ڪندو هو، جو تہ ٻيا ٻار هن سان شرارتن تان وڙهي پوندا هُئا، پر سُنبل هن سان نہ وڙهندي هُئي. . . !

هو سُنبل کي گهٽو تنگ بہ ڪندو هو ۽ ننڍين ننڍين ڳالهين تان شرارتون ڪري هُن کي روئاڙيندو هو ۽ پوءِ پاڻ وڃي اُن کي پرچائي ايندو هو.

هنن جو هر روز پاڻ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ تي جهيڙو هوندو هو، خاص طور تي هِي جڏهن بہ ڪنهن اپاهج ماڻهو کي خيرات گُهرندي ڏسندا هئا تہ هنن جو بحث جاري ٿي ويندو هُيو.

ساجد چوندو هو:

سُنبل! ڏس، ڪجهہ ماڻهن جي مقدر جي ميخانن ۾ خوشين جا جام بنهہ گهٽ هوندا آهن اُن ڪري اُهي اياٽا ماڻهو تدبير کي ناهڻ جي ڪوشش ڪرڻ بجاءِ تقدير جي لکير جا فقير ٿي وينا هوندا آهن ۽ زندگي ڏڪن جي ڪاڙهي ۾ گُذاري وڃي موت سان هوت ٿيندا آهن.

سُنبل: نہ ساجد نہ رڳو ائين بہ ڪونهي، ڪجهہ ماڻهو پاڳ جي آڳ جو حصو هوندا آهن ۽ اُهي ماڻهو تدبير جا قائل ناهن هوندا ڇو جو اُنهن جو مڪتبِ فڪر "لکيو منجهہ نراڙ، قلم ڪياڙي نہ ٿئي، ، واري

بيت جي مصداق هوندو آهي، اُنهن لاءِ نصيب جي ريکائن ۾ نَصب ٿيل ڳالهيون حرفِ آخر هونديون آهن.
اُهي سوچ ۽ لوچ جي با مُشقت جَبري کوشش کي غير ضروري مَشق سمجهندي سپ ڪجهه بخت جي بازي کي سمجهندا آهن.
ساجد: ائين ڪونهي سُنبل.
سُنبل: ائين ئي آهي ساجد، ماڻهو جي نصيب ۾ جيڪو ڪجهه هوندو آهي اُهي تڪليفون، اُهي ذائقا، اُهي غم، اُهي پريشانيون ماڻهو پوڳي پوءِ مَرندو آهي. . !!!
تدبير جي حڪمت عملي تقدير جي اڳيان ائين فضول آهي جيئن ڪو ڪبوتر رات جو ٻلي کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي پنهنجي دانائي ۽ حڪمت عملي اختيار ڪندي اکيون بند ڪري ڇڏيندو آهي ۽ هُو سمجهندو آهي ته اکيون بند ڪرڻ واري تدبير سان جهڙي طرح آئون ٻلي کي نٿو ڏسان اهڙي طرح ٻلو به مون کي نٿو ڏسي، تان جو ڪبوتر انهي تدبير جي خوشفهمي ۾ اچي ٻلي جو لُقمءِ آجل ٿي ويندو آهي. . !!
سُنبل جي مثال ڏئي سمجهائڻ ڪانپوءِ ساجد پنهنجو منطقي انداز اپنائيندي چيو:
سُنبل! جيڪڏهن سپ ڪجهه تقدير آهي ۽ تدبير لفظ بي معنيٰ ايجاد ٿيل آهي ته پوءِ جڏهن ماڻهو روڊ ڪراس ڪندا آهن ته ٻنهي پاسن کان چگي طرح نهار ڪري پوءِ روڊ ڇو ڪراس ڪندا آهن؟
جيڪڏهن جيڪو تقدير ۾ لکيل هوندو سو ته ٿي رهندو اُهو تدبير اختيار ڪرڻ سان نه ٽرندو ته پوءِ ماڻهو روڊ ڪِراس ڪرڻ وقت بنا ڪنهن طرف نهارڻ جي سِڏوسنئون روڊ پار ڪن، جيڪڏهن نصيب ۾ ڪو حادثو لکيل هوندو ته ٿي رهندو جي نه ته ٽريفڪ جي هجوم مان ثابت بچي نڪربو.
سُنبل: نه نه ائين ڪونهي
ساجد: يقينن ائين آهي تون ويساهه نه ڪرين ته اها الڳ ڳالهه آهي.
هنن جو اڪثر انهن ڳالهين تي پاڻ ۾ بحث و مباحثو ٿيندو هو، هُو ڪڏهن به هڪٻئي جي دليلن سان سهمت ٿي يڪراءِ نه ٿيا، انهي بحث و مباحثي جي ڪري هنن جا پاڻ ۾ رنج رساما ٿيندا هئا.
وقت جو ريلو رڙهندو رهيو، ڪئلينڈرن جا مُک تبديل ٿيندا رهيا، سياري مان بهار، بهار مان سرءُ ۽ سرءُ مان اونهارا ٿيندا رهيا. . . !!
وِيچار جي وستين ۾ داخلي ڪيفيتن جو ڪاريهر جڏهن ڏنگيندو آهي ته محسوسات جي برسات ۾ پِڄندي ماڻهو سوچيندو آهي، دريا ڪڏهن ڪڏهن خُشڪسالي جي نظر ٿي ويندا آهن، سمونڊن جون لهرون مان جي واٽ ۾ سانت ٿي ويندیون آهن، چوڏهين جِي اُجري چانڊاڻ کي گرهڻ جي سياهي ڏُنڌلو ڪري ڇڏيندي آهي، گلشن اُجڙي پونو ٿي ويندا آهن، ڪنهن ڪنوار جي پوتي جهڙي امبر تي جڳمڳائيندڙ ثُريا جي سونهن کي به ڪاريون گهٽائون گهيري ويندیون آهن. . . !
ها ائين ئي ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جو ڏنل پتيون وري اڏجي ويندیون آهن، ميلن جا ميل اُجڙيل صحرا کي برساتون وري ساوڪ سان پرپور شادابي جي رِدا ارپي ويندیون آهن، چوڏهين جو چنڊ گهٽائن جي گهيري مان نڪري پنهنجي آب وتاب سان جَرڪي پوندو آهي، رات جي ڪاري چولي تي

ڪتين جي سونهن وري نڪري پوندي آهي، هر ڪمال کي زوال جي ضرب لڳندي آهي ۽ هر زوال کي ڪمال جو جمال ۾ ملي ويندو آهي.
وقت جڏهن پاسا متائيندو آهي تہ حالات ۽ ڪيفيتون ۾ ڪَروٽ بدلي ساڳي ناهن رهنديون.
ڦرندڙ وقت حالاتن کي تبديلي جا تمغا ضرور پهرائيندو آهي. . . !!
بدلجندڙ وقت جي نظر هاڻي ساجد ۽ سُنبل ۾ اڇي جواني جي سرحد کي پهتا. . . . !
سُنبل جيڪا هاڻي انٽر جو امتحان پاس ڪري چڪي هُئي، انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ اڳتي نہ پڙهي سگهي ۽ هڪ پرائيويٽ اسڪول ۾ ٽيچنگ شروع ڪيائين آهن.
هاڻي سُنبل جي اها وَهي اڇي وئي هئي جو جوپن جي واهوندن هُن جي ساهن ۾ ويتر سُرهاڻ برپا ڪري ڇڏي هئي، هاڻي هن جي عمر جي اُها حد اڇي وئي هئي جو ڏُور امبر تہ چمڪندڙ ستارا هن جي گَج جون ٽِڪون ٽيڻ جا طالبو ٽيڻ لڳا هئا، چنڊ ۾ چانڊوڪي جي فلائِنگ ڪِس ذريعي هن جي گلابي پنکڙين جهڙي ڪومل رُخسارن کي چمڻ لڳو هو، بهارن جي نهارن ۾ ڪيترائي پوپٽ گلشن جي شگفتگي جِي پُل ۾ صبح جو هن جي چپن جي چئوگرد گهمندا هئا.
هاڻي هن جي سڳي ۾ سوين عيد جا چنڊ دل لڳي جون سرگوشيون ڪرڻ لڳا هئا، سندس ڪجل جي ڪاليڪ ڪويل جي رنگت جو عڪس بڻجڻ لڳي هئي، رات هن جي وارن ۾ پاڻ پناهہ ونڻ لڳي هئي، ڳاڙهي گلابن جي رنگت هن جي چپن ۾ پاڻمرادو محلول ٽيڻ لڳي هئي. . . !!
هاڻي هن جي نيڻ ڪڻ تي سويرا ٿي پوندا هئا ۽ دنيا روشني سان روشناس ٿيندي هئي، هن جي نيڻ جهڪائڻ تي موسمن جي پيشاني تي گهنج پئجي ويندا هئا، پوپٽن ۽ پنئورن کي ساهہ ڪڻ ۾ تڪليف محسوس ٽيڻ لڳندي هئي. . . !!
سُنبل جي ٿور هاڻي ڏيلن کي حيرت ۾ ٻيهاري ڇڏيندي هئي، هن جي حُسن جي انتها اها هئي جو ماکي جڻ تہ هن جي لُعاب جو جُز هئي، هن جي صندلي بدن جي مهڪ کي محسوس ڪري ڏرتي ساهہ کڻي رهي هئي ۽ آسمان ڪڪرن جو بار کڻي پنهنجي جگهہ تي ٻيهڪ وٺي ٻيٺل هو، فضا ۾ هن جي سُگنڌ سموري نباتات جو دائمي جياپو هئي. . . !!
سُنبل جي پيءُ احمد علي هڪ پرائمري استاد هو، ننڍي سطح جو سرڪاري ملازم هئڻ باوجود هن اولاد کي پنهنجي حال سارو تعليم ڏياري ۽ هر ممڪن ڪوشش ڪري پنهنجي ٻارن جي بهتر تربيت ڪيائين.
سُنبل جي ٻي ٻيڻ انيلا هئي جيڪا ستين ڪلاس جي شاگرد ياڻي هئي، سندس وڏو ٻاءُ اسحاق ايم. بي. اي ڪرڻ کان پوءِ هڪ بينڪ ۾ ملازمت ڪندو هو.
احمد علي جي گهر ۾ هن ڪانپوءِ اسحاق گهر جو وڏو هو ۽ گهر جا اختيار هن کي هئا.
هُو ڏاڍو حساس، نرم دل، با ادب ۽ خوش اخلاق ماڻهو هو.
اسحاق پنهنجي ننڍي ٻيڻ سُنبل جو خاص خيال رکندو هو، هُو حتي الامڪان ڪوشش ڪندو هو تہ سُنبل جي هر هڪ خواهش پوري ڪري ان کي خوش رکجي.
سُنبل ۾ ننڍي ٻيڻ هئڻ جي ناتي سان اسحاق جو وڏو خيال رکندي هئي، اسحاق جا ڪپڑا لٽا ڏوئڻ،

استري ڪرڻ وغيره سڀ سندس حوالي ڪم هوندو هو ۽ هو اهي سڀ ڪم خوشي سان احسن طريقي سان ڪندي هئي.
سُنبل جي ماءُ بشيران انيلا کي جنم ڏيڻ کانپوءِ جلد ئي سرطان جي بيماري ۾ گذاري وئي.
احمد علي پنهنجي گهر واري جي وفات کانپوءِ پنهنجي ٻارن جو وڌيڪ ذميواري سان پرپور خيال رکندو هو. اسحاق به پنهنجي ماءُ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي ننڍڙي پيٽرن تي شفقت جو هٿ رکندو هو.
چوندا آهن ته "ماءُ جي مرڻ کانپوءِ اولاد يتيم ٿي ويندو آهي" پر احمد علي ڪڏهن به پنهنجي اولاد کي اهو احساس ٿيڻ نه ڏنو ته ڪو هنن جي ماءُ مري وهي آهي ۽ هاڻي هو يتيم آهن.
هُو پنهنجي ٻارن جي ننڍي وڏي ڀَالهه جو خيال رکندو هو ۽ پنهنجي اولاد جو بهترين دوست ٿي رهيو پر تنهن هوندي به شايد هو ماءُ جي ڪمي پوري نه ڪري سگهيو ڇو ته اولاد لاءِ ماءُ دنيا ۾ خدا جي محبت جو پَرتوو هوندي آهي، ماءُ جو وڇوڙو اولاد جي اندر ۾ ناسور جيان ڏکندو رهندو آهي.
جڏهن به ڪنهن ماءُ جو وڇوڙو سندس اولاد لاءِ دل اندر همیشہ ٻرندڙ هڪڙي دائمي وڇوڙي جي درد جو لاوو ٿي وجود تي آتش فشان ٿي ڦاٽندو آهي ته اولاد جي زندگي ڪَسمپرسي جي قفس م قيد ٿي رهجي ويندي آهي.
ابدي جدائي جي سوڳ ۾ رڳن ۾ هلندڙ رت ۾ اذيتن جي تيزاب جو اثر وڌي ويندو آهي، روح جي تحتُ الثرا کي فراق جو زلزلو چاڪ ڪري ڇڏيندو آهي، جيون جي صحرا تي اوهيرا ڪري وسندڙ اکيون سانوڻ جي موسمي برساتن کي مات ڏئي ڇڏيندیون آهن، مسلسل چُڀندڙ فراق جي نه ٿي سگهندڙ وصال جو غم بليڊ جي ڌار تي اکيون وڇائڻ جهڙي سخت اذيتناڪ مَشق ڪرائيندو آهي جنهن جي تلخي محسوس ڪندي ڇڻ ته آڪاش جي پولارن کان زمين جي تري تائين سڄي وايومنڊل کي باهه گهيري وئي هجي ۽ موت جي دڳن تي لاوارث بٹيل زندگي بي يارو مددگار ٿي ڦٽڪي رهي هجي.
تماشبين جو تاثر ڏيندڙ فطرت جي خاموشي جو پيد ڪهڙي ڪوس گهرن جي رت جي ريلن تي ڪُلي ٿو؟
رات جو ديرسان ٿيندڙ روڄ جي مدم سڏڪن تي پکي ڪهڙي خوف کان پڙڪو کائي اُڏامندا آهن؟
انيڪ پوپٽن جي قاتل برسات تي گُلن جي فرياد جو مقدمو مظلومن جي ڪهڙي عدالت ۾ هلائجي؟
گُهگهه اونداهه رات ۾ پاڻمرادو باهه ۾ ٽپو ڏئي سڙي ويل پتنگ جي جسم جي خاڪ کي وکيري هوائون ڪهڙي خون لڪائڻ جا پيرا ميسارينديون آهن؟
ڇا قبرستان ۾ بهارون وٽن جي طبع پُرسي ڪرڻ ايندیون آهن؟
وڇوڙن جي وسيع ڌُرٻ تي سانحن جي سيلاب جي زَد ۾ سينڪڙو سوال ويساک مُند جي واڇوڙن جيان ذهن جي فضا ۾ اُڏامي رهيا هوندا آهن جن جو جواب ڇِتي خاموشي جي بحِر ظلمات ۾ مُستغرق هوندو آهي... !!

(2)

پرائيويٽ اسڪول ۾ ٻار پڙهائيندي سُنبل کي هڪ مهينو پورو ٿي ويو هو. . . ساجد به انٽر پاس ڪرڻ کانپوءِ سنڌ يونيورسٽي جي پِري انٽري ٽيسٽ ۾ آپيئر ٿيو هو. . . ٽيسٽ ڪليئر ڪرڻ کانپوءِ هُو يونيورسٽي ڪلڻ جي انتظار ۾ ويٺو هو. . !

ساجد جي يونيورسٽي جا ڪلاس شروع ٿيڻ ۾ هاڻي باقي ٿورو وقت بچيو هو، جنهنڪري ساجد يونيورسٽي وڃڻ جاسانيپاها ڪرڻ لڳو هو. . !

اُنهن ڏينهن دوران ساجد ءِ سُنبل جي محبت گهڻي شدت اختيار ڪري چڪي هُئي ءِ هنن جو عشق جنونيت جون سرحدون ارانگهڻ لڳو هو، بلڪل شاهه جي هن بيت واري ڪيفيت هُئي ٻنهي جي. .

سڃڻ ساعت هيڪڙي، جي ٿين اکيون ڏار،
تہ ڪَر سپ ڄمار، ڏٺو سين نہ ڪڏهن.

سُنبل اسڪول ٽائيم ڪانپوءِ گهڻو وقت ساجد سان رهڻ لڳي هئي ساجد به يونيورسٽي جا ڏينهن ويجها اچڻ تي سُنبل کي وڌيڪ ويجهو ٿيڻ لڳو هو. . ! هڪ ڏينهن ساجد سُنبل کي چيو:

ساجد: سُنبل!

سُنبل: جي ساجد؟

ساجد: تون سڃو ڏينهن مون سان گڏ هجين ٿي تنهنجا گهر وارا تو تي ڪنهن به قسم جو شڪ وغيره ناهن ڪندا؟

سُنبل: منهنجا گهر پاتي ايترا تنگ ذهن ناهن جو هُو مون تي ڪنهن قسم جو شڪ ڪن. .

بابا کي مون تي وڏو اعتماد آهي ءِ هن کي اهو يقين آهي تہ منهنجي ڏيءَ ڪڏهن به منهنجي عزت خراب نہ ڪندي.

بابا کي مون تي پروسو آهي تہ آئون مائٽن جي لچ رکنديس، بابا کي هر لحاظ سان مون تي اعتماد آهي، هُو مون تي هرگز شڪ نہ ڪندو.

سُنبل جي ڳالهه هلندي جي وچان ساجد پڇيو:

"ءِ ادا اسحاق؟"

سُنبل وراٽيو:

"ادا اسحاق کي به مون تي مڪمل پروسو آهي، هن تہ هڪ ڏينهن مون کي چيو تہ آدي پنهنجو آئيديل ڳولهي وٺ نہ تہ اها وٺ پڪڙ به مون کي ڪرٽي پوندي.

ساجد هلڪو ٽهڪ ڏيندي چيو:

انهي جو مطلب تہ منهنجي رستي ۾ ڪابہ رُڪاوٽ ناهي؟

سُنبل: چا مطلب؟!
ساجد: مطلب تہ هاڻي آئون يونيورسٽي وڃڻ کان پهرين پنهنجي مڱڻي پَڪي ڪري وڃڻ گُهران ٿو!!
"سُنبل: پوءِ دير چا جي آهي؟
ساجد: ها هاڻي دير نہ ٿيندي آئون اڄ ئي منهنجي گهر وارن سان ڳالهايان ٿو. . !!
سُنبل: ساجد تو ۾ ايتري همت آهي جو تون پنهنجي گهر وارن سامهون اِها ڳالهہ رکي سگهين؟
ساجد: ها سُنبل ڇو نہ؟ تون مونکي ايترو ڪمزور نہ سمجهہ، آئون ايترو بزدل ناهيان جو پنهنجي گهر وارن سان تنهنجي باري ۾ ڳالهائيندي لاهرايان. . !!
سُنبل: نہ ساجد. . . توکي بزدل ڪير چوي تون تہ صفا شينهن مُڙس آهين. . !
ساجد: جيڪڏهن شينهن مڙس ناهيان تہ بہ ايتري همت اٿم تون اجايون ٽوڪون نہ ڪر. . !!
سُنبل هن جي ڳالهہ ٻڌي کلڻ لڳي. . !!
ساجد: سُنبل تون پِلي منهنجي ڳالهين تي کلي، مون سان مزاق ڪر، پر اُهو ڏينهن هاڻي گهٽو پري ناهي جڏهن تون ڳاڙهي جوڙي ۾ سميتجي منهنجي ڪنوار ٻٽبئين. . !!
ساجد جي اها ڳالهہ ٻُڌي سُنبل نيٺ جهڪائي شرمائڻ لڳي. . !!
پي ڏينهن ساجد پنهنجي ماءُ سڪينا سان ڳالهہ ڪندي چوڻ لڳو:
ساجد: امان. . !!
سڪينا: جيءُ پُٽ
ساجد: امان هو چاچو احمد علي آهي نہ؟
سڪينا: ها پُٽ چا ٿيو ان کي؟
ساجد: امان انهي کي ڪجهہ ناهي ٿيو.
سڪينا: پٽ پوءِ؟
ساجد: امان چاچي احمد علي جي وڏي ڏي سُنبل آهي نہ؟
سڪينا: ها پٽ
ساجد: امان اها مونکي پسند آهي ۽ ان سان آئون شادي ڪرڻ ٿو چاهيان.
سڪينا حيرت سان چيو
"هان. . . هي چا چيئي؟ تون سُنبل سان شادي ڪندين؟"
ساجد ماڻس ڏانهن التجا واري انداز ۾ نهاريندي چيو
"ها امان آئون ان سان شادي ڪندس"
ماڻس تسلي ڪرڻ لاءِ وري ساڳي جملو ورجايو
"اڇا. . . تہ تون سُنبل سان شادي ڪندين؟"
ساجد: جيءِ. . . امان
سڪينا: نيڪ آهي پٽ مونکي اهو رشتو منظور آهي.
ساجد: مهرباني. . . اوهان جي وڏي مهرباني

سکينا: پٽ هونئن ٻہ سُنبل اسان جي گھر جي چوڪريءَ آهي، هو منهنجو ڏاڏو خيال رکندي آهي ۽ مونکي وٺندي آهي.
ساجد انتهائي خوش ٿيندي چيو.
ها امان هو ڏاڏي سڻي چوڪريءَ آهي.
سکينا: ها پٽ هو تمام گھٽي سڻي چوڪريءَ آهي، هوبلڪل سياڻي ۽ سمجهدار پارسا چوڪريءَ آهي.
ساجد فڪر انگيز لهجي ۾ چيو:
"پر امان بابا؟"
سکينا: ان جو فڪر نہ ڪر ان کي آئون پاڻي مڃائيندس هونئن ٻہ بابَهين اڳي ئي هڪ دفعا مونکي چيو هو سُنبل پنهنجي گھر جي چوڪريءَ آهي جيڪڏهن ساجد ان ۾ راضي هجي تہ پاڻ ان کي پنهنجي گھر جي نُنهن بڻايون.
ساجد خوشي مان چيو:
واهہ واهہ امان اها تہ خوشي جهڙي ڳالهہ آهي جو بابا کي سُنبل پسند آهي.
سکينا: اسان مائيٽن کي ٻيو ڇا کپي بس رڳو اوهين اسان جو اولاد خوش هجو.
ساجد: امان اڄ دل خوش ڪري ڇڏيئي.
ائين چئي ساجد اڳتي وڌي اچي خوشي مان سندس ماڻُ جي پيرن تي هٿ رکيو ۽ ماٽس سندس پيشاني تي چمي ڏئي دعا ڪندي چيو:
خوش هجين.
دنيا ۾ ٻہ هستيون اهڙيون هونديون آهن جيڪي چاهيندیون آهن تہ اسان جو اولاد اسان کان هر ڳالهہ ۾ اڳتي هجي، اسان جيڪي خوشيون نہ ماڻي سگهياسين شل اهي اسان جي اولاد کي نصيب ٿين، شل اسان کان وڌيڪ اسان جو اولاد بخت وارو ٿئي.
هن دولابن جي دونهين ۾ گهيريل دنيا ۾ ٻيو ڪو ٻہ اهڙو پُرخلوص رشتو نٿو ٿي سگهي جنهن ۾ هڪ ماٽهو چاهي تہ ٻيو ماٽهو ان کان رُتبي ۾، درجي ۾، حيثيت ۾ مٿي هجي.
رشتن ۾ خلوص جا اهي مثال صرف ماڻُ ٻيءَ جي رشتي سان مشروط آهن. . . . !!
ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ساجد جا گھر وارا سُنبل جو رشتو ونڻ احمد علي جي گھر وڃن ٿا.
احمد علي جي گھر پهچڻ سان احمد علي هنن کي پليڪار چئي هٿ ڏئي کٽ تي ويهڻ جو چئي ٿو.
غلام عباس خوش خيرات کانپوءِ ڳالهہ شروع ڪندي چيو:
ادا احمد علي! اسين اڄ توهان جي گھر هڪ اهم ڳالهہ کڻي آيا آهيون، اسان کي اوهان مان پرپور اميد آهي.
احمد علي: جي ادا غلام عباس ٻڌايو؟
غلام عباس: ادا ڳالهہ اها آهي تہ تنهنجي نياڻي سُنبل کي اسان پنهنجي گھر جي نُنهن بنائڻ لاءِ ان جو رشتو گھرڻ آيا آهيون.
احمد علي غلام عباس جي اها ڳالهہ ٻڌي وائيڙو ٿي ويو پر پاڻ سنياليندي چوڻ لڳو:

ادا غلام عباس اهو ايڏو وڏو فيصلو آئون پنهنجي نياڻي ءِ اسحاق کان پڇڻ بنا نٿو ڪري سگهان، انهن سان ڳالهه ٻول کانپوءِ اوهان کي ورندي ڏيندس.

غلام عباس: ها ادا بلڪل اهو بهتر ٻه رهندو، توهان هنن سان صلاح مشورو ڪري پوءِ اسان کي آگاهه ڪجو.

احمد علي: بلڪل ادا. . . مونکي ڏاڍي خوشي ٿي آهي ته توهان پنهنجن کي سُڃاتو، الله اوهان کي خوش رکي.

غلام عباس وڃڻ وقت چيو:

اسان وري ٻن ڏينهن کانپوءِ توهان وٽ اينداسين پوءِ توهان آخري ورندي ٻڌائجو:

احمد علي: بلڪل. . . ادا. . . بلڪل

ائين چئي غلام عباس وارا احمد علي وارن جي گهران موڪلائي نڪرن ٿا. . !!

سنبل جڏهن اسڪول کان موٽي آئي ته احمد علي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس، سُنبل جنهن کي اڳ ئي انهي ڳالهه جي خبر هئي اها ڳالهه ٻڌي شرمائڻ لڳي ءِ لڄي ٿيندي، احمد علي کي چيائين ته بابا. . اهو رشتو مونکي منظور آهي. .

ائين چئي سنبل پنهنجي ڪمري ڏانهن روانو ٿي. . !

احمد علي جيڪو سنبل جي خوشيءَ ۾ خوش هو، سو سنبل جو راضپو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.

غلام عباس وارا ٻن ڏينهن کانپوءِ اچڻا هئا انهي وچ ۾ احمد علي اسحاق سان ٻه صلاح مشورو ڪيو اُن ٻه سنبل جي خوشي تي پنهنجي رضا مندي ڏيکاري. . !

ٻي ڏينهان غلام عباس وارا جڏهن احمد علي جي گهر آيا ته هو اڳيئي هنن جي اچڻ جي اوسيئڙي ۾ هئا، اُهي سندن اچڻ تي ڏاڍو خوش ٿيا.

حال احوال ءِ خوش خيرات کانپوءِ غلام عباس چيو.

ادا احمد علي اوهان پاڻ ۾ صلاح ڪئي هوندي،

اسان اڄ ورندي ونڻ آيا آهيون، اوهان الائي ڇا سوچيو آهي؟

احمد علي: ادا غلام عباس سوچڻ وري ڇا جو؟ اسان ته اڳ ئي راضي هئاسين ته پنهنجن ۾ رشتو ٿئي ته ان جهڙي ٻي ڳالهه ڪونهي بس. . . سنبل کان پڇڻو هو، ان جي رضا معلوم ڪرڻي هُئي، جڏهن اُها راضي آهي ته اسان اڳ ئي خوش آهيون.

غلام عباس خوشي مان کٽ تان اُٿندي چيو.

مطلب اوهان کي هي رشتو قبول آهي؟

احمد علي: ها، ادا بلڪل اسان کي اهڙو ٻاڳن ٻريو رشتو قبول آهي.

غلام عباس ءِ سڪينا خوشي مان اُٿندي سنبل کي پوتي اوڍائي ءِ مڱڻي جون رسمون ادا ڪري پاڙي ۾ مٺائي ورهائي. . . !!

احمد علي جي گهر ۾ مٺايون ورهائجي ويون، هر طرف مبارڪن جو سلسلو شروع ٿي ويو گهر ۾ ڪِل خوشي ءِ ٺهڪن جو ماحول جُڙي پيو. . . هن پُر مُسرت موقعي تي جڏ ته گهر ۾ خوشين جو ميلو مچي

ويو. . .
سنبل ۽ ساجد جي نئين رشتيداري جو ذڪر ڳوٺ جي گھر گھر ۾ ٿيڻ لڳو، هر ڪنهن جي وات ۾ اها ڳالھ هئي ته واھ واھ جوڙي سلامت هجي، شل ڪنهن جي نظر نه لڳي.
جڏهن کان ساجد ۽ سنبل جي محبت رشتيداري ۾ تبديل ٿي تڏهن کان هي پاڻ ۾ ويتر گھرا ٿي ويا هئا، جڻ ته هڪ جان ۽ جسم هجن. . . !!

(3)

مگٽي جي ٻنڊ ۾ ٻڌجڻ کي اڃان چند ڏينهن مس گذريا هئا جو اوچتو وقت جي عزرائيل سيني خوشين کي موت ڏئي فوت ڪري ڇڏيو، اوچتو فصلِ گُل تي خزان حاوي ٿي وئي، بارشن ٿر تي وسڻ کان نابري واري ڇڏي، هوائن جا ڪُلها پوپٽن جي لاشن سان سرشار ٿي ويا. . !!

ان ڏينهن سنبل اسڪول جي موڪل کانپوءِ واپس ڳوٺ ڏانهن موٽي رهي هُئي تہ روڊ ڪراس ڪندي هن کي سامهون تيز رفتار ايندڙ ڪار زور دار ٽڪر هنئي، ٽڪر لڳڻ سان سنبل اڇتي ڪڇي وڃي ڪار جي اڳيان ڪِري ۽ ڪار سندس ٻنهي ٽنگن جي مٿان گذري وئي، ڪار هلائيندڙ شخص اوچتو ٽيل حادثي جي خوف کان گهٻرائجي ڪار کي گهٽي اسپيڊ ڏئي تيزي سان يڪدم روڊ تان الوپ ٿي ويو. . .

سنبل جو زخمن سان چور وجود روڊ تي ڦٽڪندو رهيو ۽ روڊ هن جي وهندڙ رت سان لال ٿي ويو. . !!

سنبل کي رت ۾ لٿ پٿ بيهوشي جي حالت ۾ روڊ تي پيل ڏسي ماڻهن جو ميڙ اچي گڏ ٿيو جن ۾ ڪجهہ اسڪول جو استاف بہ شامل هيو جن سنبل کي کڻي اسپتال پهچايو. . . !

اسڪول جي استاف وارن احمد علي ۽ اسحاق کي فون ڪري حقيقت ٻڌائي ۽ اسپتال گهرايو. . . !

سنبل جي گهر وارن کي جڏهن اسڪول جي استاف اهو اطلاع ڏنو تہ انهن جي پيرن هيٺيان زمين نڪري وئي ۽ گهر ۾ ماتم برپا ٿي ويو. . !

سڄ گهروارا يڪدم اسپتال پهچي ويا، اسپتال ۾ بيڊ تي بي حال پيل سنبل کي ڏسي احمد علي وڏيون اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳو ۽ اسحاق هن کي پاڻ تي ضبط آڻڻ جي تلقين ڪندي خود بہ ڪنهن ڪنهن مهل ڳوڙهن کي روڪي نہ پي سگهيو. . !!

جڏهن تقدير جي هن عجيب کيل جي خبر ساجد کي پئي تہ هن کي لڳو ڇڻ تہ هو ناڪام حسرتن جي لاشن تي پير رکي شمشان گهاٽ تي انيڪ تمنائن جي تعزيتن جا طوق پنهنجي جيون جي زخمي گردن ۾ لٽڪائي غمناڪ دل ۽ نمناڪ اکين سان ڪنهن مُقام ۾مدفون ٿي ويو آهي، هن کي لڳو تہ زندگي پَستين جي انتها ڏانهن ڏڪجي وئي آهي، سڄ ۽ رُڄ جي ڍڳهي مسافت زندگي ۾ زخمي پيرن جا ڇالا رت ڳاڙي رهيا آهن، ۽ ويا ڪل شامن جي ڪرپناڪ هيڪلائي جي ڌار تي هلندڙ زندگي ٻيٽي اذيتن جي رات جي وات ۾ گرهہ گرهہ ٿي ڪاڇي رهي آهي. . . !!

ساجد لڙکڙائيندڙ قدمن سان جڏهن اسپتال پهتو تہ اسپتال جي ڪمري ۾ سنبل کي بيڊ تي بيهوش ڏسي سندس صبر ۾ سِير پئجي وئي هن زور دار اوچنگار ڏيندي چيو:

هي. . . هي ڇا ٿي ويو سنبل توکي. . . . ؟

چاچا احمد علي، هي سنبل کي ڇا ٿي ويو. . . ؟

پوءِ گهٽي دير تائين هِن جي سڏڪن جي گونج اسپتال جي ڪمريءَ ۾ گونجندي رهي. . !!

احمد علي ۽ اسحاق اڳ ئي ڏک ۾ ساٽا ٿي وينا هئا ويتر جو ساجد جون رڙيون ٻڌائون تہ وڌيڪ

پريشان ٿي ويا. . . !!
ساجد جي ماءُ سکينا جڏهن اسپتال پهتي تہ هن بہ سپني جو حال ڏسي روئڻ شروع ڪيو. . . !!
سکينا ڪجهہ دير روئڻ کانپوءِ پاڻ کي سنياليندي سپني کي آٿت ڏيندي چيو:
صبر ڪريو. . . نہ روءَ. . . دل برداشتہ نہ ٿيو الله بهتر ڪندو.
ساجد روئندي ماءُ سان مخاطب ٿي چوڻ لڳو:
امان هي سنبل کي ڇا ٿي ويو. . . ؟
سندس ماءُ ساجد جي مٿي تي هٿ گهمائندي چوڻ لڳي:. .
پٽ الله تي پروسو رک الله رحم ڪندو
پي ڏينهن تي جڏهن سنبل هوش ۾ آئي تہ هن پاڻ کي اسپتال ۾ بيڊ تي ليٽيل ڏٺو تہ هي پريشان ٿي وئي ويتر جو سندس ٻئي ٽنگون ڪپيل ڏٺائين تہ زور دار دانهون ڪري روئڻ لڳي. . !!
سندس دانهن ۽ آهن جي لپيٽ ۾ اسپتال تي سوڳ جي لهر ڇائنجي وئي. . . . !!
بس. . . . ائين ئي ناڪاره بڻجي ويل وجود جا پيار نامان جيون لائبريري جو نايابڪتاب ٽيڙ ڪان اڳ ئي راهن جي اڌوهي جو ڪاڇ ٿي ويا. . . !!
جڏهن وقت جو پکي اُڏامندو اچي شام جي لام تي ويٺو تہ ان وقت اسپتال جي ڪمري م ساجد ۽ سنبل بہ اڪيلا هئا. . . !
بيڊ تي بي حال پيل سنبل جون نگاهون ساجد کي وڏي گُهور سان گُهوري رهيون هيون ۽ انهي گُهور ۾ الفت جا اسرار سمايل هئا، جيڪي هڪ بيوس وجود جا خاڪسار ارمان ۽ ان جو غمگين داستان هئا. . !!
ساجد سنبل جي پير ۾ ويهي سندس هٿ سنبل جي هٿن تي رکيو تہ هن جي اکين مان سانوڻ جو مينهن اوڙڪون ڪري وسڻ لڳو. . !!
سنبل روئندي چوڻ لڳي:
ساجد هاڻي آئون هميشہ لاءِ معزور ٿي وئي آهيان، هاڻي منهنجي زندگي برباد ٿي وئي آهي.
ساجد هن جا لڙڪ اگهندي هن کي دلداري ڏيندي چوڻ لڳو. . !
بس. . . بس سنبل تون ايترو پريشان نہ ٿي، آئون توسان هر وقت گڏ آهيان، اسين سپ توسان گڏ آهيون، آئون تنهجي زندگي کي خوشگوار بنائڻ لاءِ پرپور ڪوشش ڪندس، تون ايتري دلگير نہ ٿي، وقت سان گڏوگڏ سپ ڪجهہ نيڪ ٿي ويندو.
سنبل بي چيني مان لچندي ورائيو:
ها ساجد، اوهين واقعي مون سان گڏ آهيو، وقت سان گڏ ڇا هي منهنجو اپاهجپڻو بہ نيڪ ٿي ويندو؟ ڇا اوهين مونکي منهنجون ٽنگون واپس ڪرائي سگهو ٿا؟ ڇا هاڻي آئون ڪڏهن بہ پهرين جيان هلي گهمي سگهندس؟
ساجد: اوهو. . . سنبل اهڙيون مايوسي واريون ڳالهيون نہ ڪر، ماڻهو ۾ هر مسئلي کي منهن ڏيڻ جو حوصلو هئڻ گهرجي ڇو جو حوصلن جي هڙ ۾ جيون جا ڏينهن بسر ڪندڙ خود اعتماد شخص کي

ڪڏهن ب دلگيري جو دونهون غمزده ناهي ڪري سگهندو ۽ هڪ خود اعتماد ماڻهو زندگي جي هر دڳ تي پرپور زندگي گذاري سگهي ٿو، هي قسمت جي ڳالهه آهي، هن ۾ ڪنهن جو وس نٿو هلي.

سُنبل: ها ساجد، قسمت لکڻ واري جي مرضي آهي، جنهن کي وٽيس جئين ڪري ڇڏي، شايد هن کي منهنجو روئڻ، رڙڻ وٽي ٿو، ان ڪري ئي هن مونکي هميشہ روئڻ رڙڻ جي مشغلي ۾ مستقل طور هٽي ڇڏيو آهي، شايد هاڻي روئندي روئندي ئي هن دنيا مان رخصت ٿيئڻو پوي.

ساجد: اڙي چري اهڙيون مايوسي واريون ڳالهيون نہ ڪر، الله تي پروسو رک.

سُنبل: ساجد ڇا هاڻي آئون ڪڏهن هلڻ ڦرڻ جي قابل ٿي سگهندس؟

ساجد هن کي ڪوب جواب نہ ڏئي سگهيو سنبل وري ب اداسي جي آڳ ۾ جلندي چوڻ لڳي:

هاڻي آئون پاند ۾ گل ڪٽي ڪڏهن ب بهارن کي پليڪار نہ ڇئي سگهندس ڇو تہ هاڻي سرءُ ئي منهنجي ساهہ جي سڳي ۾ پڌجي وئي آهي، هاڻي مون کي پن ڇڻ جي موسم سان گڏ ڇڏڻو پوندو.

هاڻي. . . . هاڻي برساتن ۾ پُسڻ جي تمنا مون کي راس نہ ايندي ڇو تہ ايندڙ برساتن ۾ آئون صرف سرد شوڪارا ڀري سگهندس. . !

پر. . . ساجد تون مون کي ڪڏهن ب اڪيلو نہ ڇڏجا، ڇو تہ تون هن جڏڙي جيءُ لاءِ ٽوٽي آهين، تو ڪانپوءِ آئون ڌهي پٽ تي ڪري پوندس، تنهنجو هجڻ مون لاءِ زندگي آهي، مون لاءِ هر خوشي آهي، تون صرف منهنجو آهين ۽ صرف منهنجو ٿي رهجان، آئون تو ڪانسواءِ جي نہ سگهندس.

تون رڳو منهنجي خوابن جي حَسين تعبير ناهين پر تون منهنجو سڪ، قرار منهنجو جياپو آهين. . !

ساجد هاڻي مون کي جيون جي صحرا ۾ اڪيلو نہ ڇڏجان مون کي تقدير جون اذيتون قبول آهن پر آئون تنهنجي دُوري برداشت نہ ڪري سگهندس.

آئون جيستائين حياتي آهيان، تون منهنجي دل جي ڌڙڪن آهين، منهنجي مرڻ ڪانپوءِ تون منهنجي قبر جو ڪتبو آهين، تون مون سان گڏ آهين تہ آئون آهيان نہ تہ هن جيون جي جهنگ ۾ ٻيو ڪجهہ ب نہ آهي سواءِ سُڃ ۽ رڃ جي.

تون منهنجي اونداهہ ڪائنات جو روشن سج آهين، تو بن منهنجي دنيا ويڳاٽي ۽ ويچاري آهي، تون عمر پر منهنجو آهين ۽ منهنجو ٿي رهجا. . . !!!

ساجد، سنبل جي پُرجوش ڳالهين ۾ جذباتي ٿيندي چوڻ لڳو:

سنبل آئون صرف تنهنجو آهيان، صرف تنهنجو، تون منهنجي رڳن ۾ رت وانگر شامل آهين، آئون تو کي ڪٽي ٿو ڇڏي سگهان؟

تون اجايو مايوس نہ ٿي، تون اجايا وهم نہ ڪر، آئون اڄ توسان واعدو ٿو ڪريان تہ عمر پر تنهنجو ٿي رهندس، جيستائين منهنجي ساهہ جو سلسلو جاري آهي تيستائين زندگي جو هر پل هر لمحو تنهنجي نالي ٿو ڪريان. مون پنهنجو سڄو جيون تنهنجي نالي سُنهن ساک سان لکي ڇڏيو آهي، توڪانسواءِ ڪنهن ٻي ڏانهن نهارڻ مون لاءِ ڏوهہ برابر آهي، تون منهنجو پهريون ۽ آخري پيار آهين، توکي وساريان تہ ان ڏينهن پاڻ کي ٻوڙي ماريان.

سنبل يڪدم ساجد جي وات تي هٿ رکيو ۽ ساجد جي اکين ۾ نهارندي چيو:

مرڻ جون ڳالهيون نہ ڪر، شل منهنجي عمر توکي لڳي، مون کي تنهنجي محبت تي پورو ويساهہ آهي.
ائين چئي سنبل ساجد جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي سندس ويساهہ جي وڻ جي ڇانوري ۾ تسلي حاصل ڪئي. . !!
هونئن بہ ويساهہ ئي محبت جو ساهہ آهي، ويساهہ بنا محبتون روح بنا جسم وانگي بيڪار هوندیون آهن. . !!
جيتوڻيڪ ويساهن جي ويران ٿي ويل واتن تان سچ سِير جو زمانو گذري ويو، ڪوڙ، لالچ ۽ دغا جي دونهين اعتبار جي اُجري آئيني کي ڏنڌلو ڪري ڇڏيو آهي، حِرس حَوَس ۽ لالچ لوپ جي لُڙاپ ۾ مخلصي جي اٽاٽ ايتري وڌي وئي آهي جو انسانيت ۽ اُلفت جي ساک ڪاٽ ۾ پئجي ماٽ اوڀي لحد ۾ ليٽي پئي آهي.
آدميت جي عظمت جي بيقدرانہ موت ڪانپوءِ جڳ ۾ احساس جي ڪنوار بيواهہ ٻڌجي ظلم جي ماتمڪدي ۾ هي نوحا چئي رهي آهي تہ دنيا جي گولي تان ختم ٿيندڙ محبتن جي متي تي انسانيت اوپرائپ جي اُس ۾ سڙي رهي آهي، رت رت کي لڳل باهہ جو سيڪ اچي اتي پهتو آهي جو دور حاضر ۾ هر ماڻهو جو اهو تڪيہ ڪلام ٿي ويو آهي تہ "ڪوبہ ڪنهن جو ناهي"
آجنَبيَت جي انهي قبرستان ۾ پنهنجائپ جي احساس جي ڇِتا زمانا ٿيا اوپرائپ جي آڙاهہ ۾ جلي وئي، احساسن جي اک ۾ پير جا ڪنڌا چپوئڻ ڪانپوءِ ماڻهن جو خُشڪ ٽيل مزاج "جو ڪري ناڻو سو نہ ڪري راڻو" واري چوٽي جي مصداق ٿي ويو آهي.
مال ملڪيت ۽ پئسي ڏوکڙ جي حاصلات لاءِ ماڻهن جا پڪا اصول ۽ ضابطہ اخلاق متجي ويا، بد نظامي ۽ بد گماني جي باهہ هن سماج جي ماڻهن کي وڻ ويڑهي جيان وکوڙي وئي آهي، ان ڪري ئي انسانيت جي اعتبار جي دڪ جي ڪهاڙي اُپ جي پکيڙ جيڏي وسيع ۽ ڏرتي جي پُڙ جيتري ڳري ٿي وئي آهي.
ٻن هفتن ڪانپوءِ سنبل اسپتال مان ڊسچارج ٿي گهر اچي ٿي، وهيل چيئر تي هلندي سنبل کي هاڙي گهر بہ بر جيان محسوس ٿئي ٿو ۽ هاڙي پڌر تي چمڪندڙ چانڊوڪي هن کي ڪوبہ قصيدو نٿي ٻڌائي، نہ ئي هلال جو چنڊ هن جي چوڙي جي ٽٽل ٽڪري تي رشڪ ڪري ٿو. . . !!
بس رڳو احساسن جي قبر ۾ محسوسات جي پيڙا اهو ٿي بار بار محسوس ڪرائي تہ اپاهج ماڻهو جي زندگي زنده متي جو ڇُرندڙ لاش هوندي آهي جنهن جي نصيب جي ريکائن ۾ صرف هي عبارت درج ٽيل هوندي آهي،
"آدُجڳاد کان قائم هن دستور جي تتل واري تي پيرن اُپراڻو انيڪ پيڙائن جي پاند هيٺ گهايل بينل اياڻو وجود هميشہ ڪنهن الوهيت شڪتي جي انتظار ۾ بي چين وجود هرروز هوا جي قاتلاڻي حملن سان انيڪ گلن جو قتلام ٿيندي ڏسي ٿو، بيشمار پنکڙيون مزارن جي ورکا ٿي پيرن ۾ چيپاتجو وجن ٿيون، سينکڙو ماتمڪده بحرِ ظلمات جي رات ۾ غمناڪ پڪارون ڪن ٿا، هر روز ڪيترائي نہ ٽيڙ جهڙا ظلم زور شور سان ٿي وجن ٿا پر المين کان وڌيڪ سانحو اهو ٿئي ٿو تہ پر پَتيل پکين جي بيوس ڪنيڙات ۽ ڪنهن مظلوم جي حق تلفي م ٽيل ڊاٽ جهڙو هي بي حس زمانو وري ساڳي تسلسل سان هلندو رهي ٿو. . !!!

سنبل جو هاڻي ڊرائنگ روم کان پنهنجي ڪمري تائين جو سفر ئي ڇيهه هجي ٿو، وهيل چيئر تي پنهنجو پاڻ کي گهيليندي هن کي پاڻ کان وحشت ٿيڻ لڳي هئي. . . !!

هاڻي نه ته صبح جو سوير تيار ٿي اسڪول وڃڻ جا سانپاها هجن ٿا ۽ نه ئي ڪپڑا "رائل مِرج پرفيوم" جي خوشبوءَ سان واسجن ٿا. .

چپن تي نه سُرخي جي لالائي هجي ٿي نه ئي نيل پالش ڪُلي ٿي، نه مسڪارن جا لشڪارا هجن ٿا ۽ نه ئي ڪجل اکين جي زينت بڻجي ٿو. . !!

سندس ڪپڙ ۾ پيل ڪا سميٽڪس جو سامان مدي خارج دوائن جيان ناڪاره بڻجي وڃي ٿو.

هن پنهنجا حال بي حال بڻائي ڇڏيا هئا. . . !!

سندس اهڙو حال ڏسي احمد علي ۽ اسحاق گهٽو ئي سمجهائيندا هئا پر سنبل سدائين ويڳاٽي ويڳاٽي رهندي هئي ڇو جو جيئڻ تان هن جو من ڪجي ويو هو. . . . !!

هڪ دفعا ته اسحاق سندس اهڙي حالت ڏسي روئي سمجهايو هئس ته:

"ادي تون ايترو زندگي مان مايوس ڇو ٿي وئي آهين؟ اسين سڀ توسان گڏ آهيون، توکي ڪابه تڪليف پهچڻ نه ڏينداسين، تون جيئن چوندين اسان تيئن ڪنداسين، تون جيڪو چوندين اسان توکي آڻي ڏينداسين، بس. . . ادي تون خوش رهو، تون حوصلو رک، اها خدا جي قدرت آهي ان جي اڳل فيصلن کي انسان ڇا ٿو ڪري سگهي؟

هي ڏس. . . !!

اسحاق پيڪ ٿيل ڏهي مان ڪجهه ڪڍندي چيو:

هي ڏس. . . ادي تو لاءِ اڄ رائل ميرج پرفيوم آندو اٿم، توکي هميشه رائل ميرج جي خوشبو ئي وٺندي آهي نه؟

هي وٺ تو لاءِ آندو اٿم. . . . !!

اسحاق پرفيوم سنبل ڏانهن وڌائيندي چيو. . !!

سُنبل: هاڻي مون کي ڪابه خوشبو نٿي وٺي. . . !!!

سنبل اکين ۾ لڙڪ لاڙيندي چيو.

ائين ڇئي هو روئندي وهيل چيئر جي ڇيڙن کي ڊرائنگ روم ڏانهن ڇڪي ٿي وڃي. . . !

اسحاق ڪمري ۾ اکين تي هٿ ڏئي روئڻ لڳو. . !!

(4)

ساجد سوچن جي سمنڊ ۾ غرق ٿي سوچي رهيو هو ته يونيورسٽي کُلي وئي آهي، ڪلاس ۾ هلي رهيا آهن، هاڻي ڇا ڪريان؟ سنبل کي هن وقت منهنجي سهاري جي پرپور ضرورت آهي، هن کي اڪيلو ڇڏي يونيورسٽي ڪيئن وڃان؟

ڇاڪريان، ڪيئن ڪريان؟ ڪجھ سمجھ ۾ نٿو اچي يونيورسٽي نہ ويس ۽ اٽينڈينس پوري نہ هئي ته انتظاميہ پيپرن ۾ ويھڻ کونہ ڏينديءِ ڪلاس نہ ورتا ته ڇا سمجھندس، پيپر ڪيئن ڏيندس؟ ساجد پُڏتر ۾ هو ته ڇا ڪريان؟ ڪيئن ڪريان هُو يونيورسٽي وڃي پڙهائي کي ترجيح ڏي يا سنبل جو ساٿ ڏي؟

گھڻي سوچ ويچار کانپوءِ آخرڪار هن فيصلو ڪيو ته سنبل کي راضي ڪري هن کان اجازت ونئي يونيورسٽي وڃي پڙهائي شروع ڪريان، ته جيئن تعليم پوري ڪري ڪنهن سٺي روزگار کي هٿ ڪجي نہ ته سنبل ته جسماني طرح معزور آهي پر آئون معاشي طرح معزور ٿي ويندس.

جيڪڏهن ڊگري نہ هوندي ته ڪا سُٺي نوڪري ۾ نہ ملندي ۽ بغير نوڪري ۽ روزگار جي هن معاشري ۾ عزت واري زندگي هرگز نٿي گذاري سگھجي تنھنڪري تعليم کي ترجيح ڏئي ساجد سنبل کي راضي ڪري يونيورسٽي وڃڻ جو حتمي فيصلو ڪري ورتو.

ساجد پنھنجو فيصلو سنبل کي ٻڌائڻ لاءِ جڏهن سنبل وٽ وڃي ٿو، هو جيڪا ساجد جي اڇڻ جي اڳ ئي راهہ ڏسي رهي هئي. . !!

سنبل جي ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي ساجد هن کي گھري سوچ ۾ فڪرانگيز حالت ۾ ڏٺو ۽ سندس هٿ ۾ اُها ذاتي ڊائري هئي جيڪا هو گھڻي وقت کان لکي رهي هئي، جنهن ڊائري ۾ سنبل زندگي جا اهم واقعا لکندي هئي. . . !!

"سنبل ڪيئن آهين؟"

ساجد ڪمري ۾ داخل ٿي سنبل کي ويجھو ويھندي پڇيو.

سنبل: تو کانپوءِ ڪيئن هوندس؟ بس . . . تنھنجي اڇڻ جي راهہ پئي ڏٺم.

ساجد ڊائري ڏانهن اشارو ڪندي چيو:

هي ڊائري ڏي مونکي ڏسان ڇا لکيو اٿئي؟

سنبل: نہ ساجد. . . ڊائري کي ڇڏي ڏي پليز ڊائري نہ ڏس.

ساجد: ڇو نہ ڊائري ڏسان؟ مون کان ۾ ڪا لِڪ آهي؟

سنبل: نہ. . . اهڙي ڳالهہ ڪونهي. . . بس ڊائري نہ ڏس.

ساجد: نہ. . . ڊائري اڄ پڙهندس.

ائين چئي ساجد زوري سنبل جي هٿ مان ڊائري کسي ورتي ۽ ڊائري پڙهڻ لڳو. . . !!

ڊائري تي ساجد کي ارپنا کيل هي اردو جو غزل لکيل هو.

"دشتِ هجران مين، نہ سايہ نہ صدا تيري بعد،
کتني تنها هين، تيري آبلہ پا تيري بعد؟
کوئي پيغام نہ دلدار، نوا تيري بعد،
خاک اڙاتي هوئي گذري هي صبا تيري بعد!
لب پہ اِک حرفِ طلب ٿا، نہ رها تيري بعد،
دل مين تاثير کي خواهش، نہ دعا تيري بعد!
عکس و آئينہ مين اب ربط هو کيا تيري بعد؟
هم تو ڦرتي هين خود اپني سي خفا تيري بعد!
پيرهن اپنا نہ سلامت، نہ قُبا تيري بعد،
هين وهي هم، هي وهي صحرا کي ردا تيري بعد!
ايک قيامت کي خراشين ميري چهري پہ سجين،
ايک محشر ميري اندر سي اُٹا تيري بعد. . . !!"

(محسن نقوي)

ڊائري تي لکيل غزل پڙهي ساجد ناراض ٿيندي چيو:
هي ڊائري تي کهڙا ڏک وارا شعر لکيا اٿئي؟
جو پئي پاڻ لاءِ مسئلا پيدا کرين؟
سنبل: مسئلا؟
مسئلا منهنجي زندگي جو اهڙو موضوع ٿي ويا آهن جو انهن تي پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي تائيم پاس کندي آهيان.
ساجد! تو کي خبر آهي تہ کلهہ کان وٺي تنهنجي اچڻ جو کيتري شدت سان انتظار کري رهي آهيان، توکي انهي ڳالهہ جو کو احساس بہ آهي؟
سنبل تسلسل سان ڳالهائيندي ساجد کي ميارون ڏيندي چيو. . . . !
ساجد: اهڙي کابہ ڳالهہ ناهي سنبل. . . . منهنجو سڄو وقت تنهنجي حوالي آهي، آئون اڄ بہ تو کان پري ٿي ويرانين جو واسو ٿي ويندو آهيان، مون وٽ تو لاءِ اڄ بہ اهو ئي پيار آهي اهائي محبت آهي،
کلهہ دراصل هک کم مٍ مصروف هئس ان کري تو ڏانهن کونہ اچي سگهيس ان لاءِ منهنجي جان مون کي معاف کريو.
آئون معذرت ٿو کيان. . . !!
ساجد پنهنجا هٿ کنن تي رکندي وڏي نيازمندي سان سنبل کان معافي وٺي کيس پرچائڻ لڳو. . . !!
سُنبل: بس. . . . بس نيک آهي. . . گهٽي ايڪتنگ نہ کر مون پنهنجي
کاوڙ ڇڏي پر ٻيهر ائين ديرون نہ کجا، مون جڏي جي جيئڻ جو آخري سهارو آخري سبب تون ئي

آهين، ڪٽي ائين نہ ٽئي تنهنجي ديرِ يا تنهنجي لاپرواهي منهنجي موت جو سبب بڻجي.
ساجد چڙڀ ڏيندي چيو:
هي ڇا ٽي چوين؟ چپ ڪر، هر ڳالهہ تي اهي مرڻ واريون خبرون نہ ڪندي وچ ڇو تہ هر ڳالهہ تي اهڙيون خبرون ڪرڻ وارا سڀ ھ ڪ ڏينهن اهڙو موت مرندا آهن، جنهن جو ذڪر هنن جي ڇهين حَس اڳ ۾ ڪندي رهندي آهي ۽ ياد رکجان جيڪڏهن ائين ٽيو تہ تنهنجي مرڻ ڪانپوءِ منهنجو جنازو بہ جلد ئي ڪڍندو. . . !!
اها ڳالهہ ٻڌي سنبل جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا ۽ پوءِ ٻئي ڇڻا پاڪرن ۾ پئجي روئڻ لڳا. . . !!
لڙڪ بيوسي جو پرپور اظهار هوندا آهن، جڏهن ڪا ڳالهہ ماڻهو جي دائراءِ اختيار ۾ ناهي هوندي تہ انسان ان احساس محرومي جي احساس کي لڙڪن جي پاڻي سان ٽڏو ڪري اڳتي جيئڻ جا جتن ڪندو آهي . . . !!
لڙڪ جيڪي محض اکين جو نمڪين پاڻي ناهن پر ڏکن جي ڏولي تي ڪنيل حسرتن جا اداس ڄاڄي آهن جيڪي زندگي جي محرومين ۽ تلخين جي ترجماني ڪندا آهن. . . !!
انسان بيوسي جي ڪُن ۾ ٻُڏندي جڏهن لاچارگي واري ڪيفيت ۾ روئندو آهي تہ اکين جا بي زبان ڳوڙها ڳالهائيندا آهن جن جي گونگي زبان سمجهڻ جو گُر ڪنهن ڪنهن اهلِ دل انسان وٽ هوندو آهي.
پي ڏينهن تي ساجد سنبل جي پر ۾ ويهندي سندس وارن ۾ آنگريون ڦيرينديِ چيو:
سنبل هڪڙي ڳالهہ ٻڌ؟
سنبل: ها ساجد ٻڌائي؟
ساجد: منهنجي يونيورسٽي ڪلي وئي آهي ڪلاس شروع ٿي ويا آهن، آئون چاهيان ٿو تہ ايندڙ سومر کان يونيورسٽي وڃي ڪلاس وٺان. . !!
تون جيڪڏهن اجازت ڏين تہ يونيورسٽي وڃي پڙهائي مڪمل ڪريان. . . !!
سنبل حيران ۽ پريشان ٿيندي چيو:
مطلب تہ تون مون کي هن حال ۾ وهيل چيئر تي اڪيلو ڇڏي وڃڻ مناسب ٿو سمجهين؟
ساجد: نہ. . . نہ اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪونهي واقعي مون کي بہ توکي هن حال ۾ اڪيلو ڇڏڻ مناسب ڪونہ ٿو لڳي پر آئون چاهيان ٿو تہ تعليم مڪمل ڪري ڪو بهتر روزگار حاصل ڪجي تہ جيئن پنهنجو مستقبل معاشي طرح مستحڪم هجي، نہ تہ بي روزگاري واري زندگي پاڻ لاءِ ڏاڍي ڏکي ٽي پوندي.
سنبل مايوسي واري حالت ۾ ساڳيو جملو دُهرايو:
مطلب مونکي ڇڏي وڃڻ مناسب ٿو سمجهين؟
ساجد: اڙي چري! آئون توکي ڇڏيو ٿورو ئي ٿو وڃان؟ آئون هر وقت تو سان گڏ هوندس، هر وقت تو سان رابطي ۾ هوندس، هر هفتي تو وٽ ايندو رهندس، تون پريشان نہ ٿي ۽ نہ ئي پاڻ کي اڪيلو سمجهہ، آئون هر وقت هر ويل تنهنجي يادن ۾ سمايل هوندس، تون منهنجي جسم جو ساهہ آهين، پلاڪو ماڻهو ساهہ کان بغير ڪيئن ٿو جيءَ سگهي؟ آئون يونيورسٽي پڙهڻ لاءِ وڃان ٿو ۽ پنهنجي پڙهائي مڪمل ڪري جلد ئي تو سان شادي ڪندس.

سنبل ڏک واري لهجي ۾ چيو:
مون جڏيءَ سان شادي ڪندين؟
ساجد: ها، سنبل تنهنجي معزور ٿيڻ سان منهنجي محبت تي ڪوبہ اثر نہ پيو آهي، تون اڄ بہ منهنجي خوابن جي راڻي آهين، آئون اڄ بہ تو کي روح جي گهرائي سان چاهيان ٿو، آئون اڄ بہ تو کي پنهنجو سڀ ڪجهہ سمجهان ٿو، تون منهنجي زندگي جي حاصلات آهين.
سنبل ساجد جي محبت ۾ري ڳالهين جي سحر ۾ڪوئجي وئي ۽ نہ چاهيندي بہ ساجد جي مستقبل جو سوچي پُرنم اکين سان نهاريندي يونيورسٽي وڃڻ جي موڪل ڏيندي روئندي روئندي چوڻ لڳي: ٺيڪ آهي تون يونيورسٽي وڃي پڙهائي مڪمل ڪر، آئون تنهنجي پڙهائي ۾ رڪاوٽ بڻجڻ نٿي چاهيان تون پلي وڃي پڙهائي مڪمل ڪر. . . !!
پر. . . ! هڪڙي ڳالهہ ڏيان جي ڪنن سان ٻڌجا ۽ هيئين ۾ هنڌائي ڇڏجا تہ تون يونيورسٽي صرف ۽ صرف تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهين، متان اتي وڃي يونيورسٽي جي رنگينن ۾پنهنجي اصل مقصد تعليم کي وساري ويهين. متان اتي وڃي اهو وساري ويهين تہ پٺيان وهيل چيئر تي ڪو اپاهج وجود تنهنجي انتظار ۾ راهون ڏسندي روئندڙ هوندو. . !
متان تون اتي وڃي اهو وساري ڇڏين تہ زندگي ۽ موت جي بہ واڻي تي حياتي سان جنگ ڪندڙ هڪ ماڻهو صرف تنهنجي ڪري ئي حيات آهي، متان اتي وڃي اهو ياد نہ رهنئي تہ پٺيان منهنجا ڪنهن سان واعدا، قول، اقرار ڪيل آهن، ڪو منهنجي محبت جي ڪري زماني ۾ ساهہ ڪڍي رهيو آهي ۽ ها، اهو بہ چگي طرح ياد رکجان تہ دردن جي ڏُهڙ ۾ غرق ٿيندڙ هڪ اپاهج ڇوڪريءَ مون سان ملڻ جي ڪري منهنجي ٻانهن جو هار ٿيڻ جي ڪري ئي زنده آهي.
ساجد: او. . . هو. . . سنبل
ايڏا وڏا وهم نہ ڪر، مون تي يقين ڪر، منهنجي محبت تي ويساهہ ڪر، آئون تو کانپوءِ پي ڪنهن جو بہ نہ ٿيندس، آئون سڄو تنهنجو آهيان، ۽ تنهنجو رهندس جيترو جلد ٿي سگهيو توکي پنهنجو ڪري تو سان لائون لهي توکي هميشہ لاءِ پنهنجو ڪندس.
سُنبل: تون هميشہ لاءِ منهنجو. . . صرف منهنجو ٿي رهجان. . . !!
سنبل جذباتي ٿيندي چيو:
ساجد: ها آئون تنهنجو آهيان صرف تنهنجو.
هنن جي ڳالهين جو تذڪرو اڃان جاري هيو تہ ڪمري ۾ اسحاق اچي ويو جنهن ساجد سان مخاطب ٿيندي ان کي چيو:
ساجد! ٻڌو آهي تہ تون هن سومر تي يونيورسٽي پيو وڃين؟
ساجد: ها ادا منهنجي يونيورسٽي ڪُلي وئي آهي، ڪلاس شروع ٿي ويا آهن، ان ڪري آئون يونيورسٽي وڃان ٿو جيڪڏهن آئون ڪلاس نہ وڃندس تہ گهٽ اٽينڈينس جي ڪري انتظاميہ پيپرن ۾ نہ ويهڻ ڏيندي ان ڪري آئون يونيورسٽي وڃي ڪلاس وٺان ٿو.
اسحاق: ها ادا تون پليين يونيورسٽي وڃ ۽ باقاعده ڪلاس وٺ پر هڪ ڳالهہ ڪڍهن بہ نہ وسارجان تہ

تنهنجي امانت اسان وٽ ڇڏيو پيو وڃين ان جي يادگيري ڪئجان، ان کي خوش رکجان ۽ ان جي توکي خاص پارت آهي.

اسحاق هٿ ٻڌي ساجد کي ليلائيندي چيو:

ساجد: ادا اسحاق هي ڇا ٿو ڪرين، هٿ ڇو ٿو ٻڌين؟ آئون سمجهي سگهان ٿو ته سنبل منهنجي عزت آهي منهنجي مَڱ آهي، مون کي ان جو پورو احساس آهي. بلڪل آئون ڪڏهن به ان معاملي ۾ غافل نه ٿيندس، آئون سنبل کي هر طرح خوش رکندس ۽ کوبه اهڙو ڪم نه ڪندس، جنهن سان هن جي دل آزاري ٿئي.

آئون هن جو هر طرح خيال رکندس ۽ هر هفتي تي سنبل وٽ ايندو رهندس، اوهين ايترو فڪر نه ڪريو ۽ مون تي پروسو ڪيو، مون تي اجايا شڪ نه ڪريو.

اسحاق: نه ادا نه. . . . اسان تو تي ڪنهن به قسم جو شڪ نٿا ڪريون پر ٻڌو آهي ته ڄامشوري جي سرزمين اهڙي آهي جتي شينهن هرٽين جي اکين جو نشانو ٿيو وڃن، جتي ڪيترائي عابد، زاهد، ڇوڪرا به حُسن جا بُت پرست ٿيو وڃن! چون ٿا ته ڄامشوري جون هوائون حُسن جي مستي سان سرمست هونديون آهن جن ڪيترن ئي جوانن کي عشق جي هڪار سان واسي بد حواس بڻائي ڇڏيو، ڪيترائي ڳڀرو حُسن ۽ عشق جي اثر هيٺ اچي پنهنجي مقصد تان هٽي راهن ۾ رلي ويا، تنهنڪري تون خاص خيال رکجان ۽ انهي حُسن جي وارن کان مُحتاط رهجان.

ساجد: بلڪل. . . ! ادا اسحاق بلڪل. . . !

آئون پرپور طريقي سان پاڻ کي محتاط رکندس ۽ منهنجي توجه جو مرڪز پڙهائي تي هوندو، مونکي احساس آهي ته منهنجي پويان ڪا امانت ڇڏيل آهي، منهنجي مٿي ٻيٽي ذميواري عائد ٿي وئي آهي جنهن کي آئون سمجهي سگهان ٿو. . . !!

اسحاق خوش ٿيندي چيو:

نيڪ آهي ادا اها تمام بهترين ڳالهه آهي جو توکي هر هڪ ذميواري، هر هڪ ڳالهه جو پورو احساس آهي ۽ تون چڱي ريت سمجهي سگهين ٿو ته تون پويان ڇا ڪجهه ڇڏيو ٿو وڃين؟ اسان جون دلي دعائون ۽ نيڪ تمنائون توسان گڏ آهن شال ڪاميابي ماڻين.

ساجد، سنبل ۽ اسحاق کي راضي ڪري پنهنجي گهر ڏانهن سامان پيڪ ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. . !!

(5)

نيٺ اهو سومر ٻه اچي ويو ساجد يونيورسٽي وڃڻ جون سڀ تياريون مڪمل ڪري، سمورو سامان پيڪ ڪري ڪٽي اچي سُنبل جي گهر ان کان ۾ سندس گهر وارن کان موڪلائڻ لاءِ اُتي آيو. . . . !
گهر ۾ داخل ٿيندي ئي احمد علي ۾ اسحاق ملن ٿا، خوش خيرات کانپوءِ احمد علي ساجد سان مخاطب ٿيندي چيو:
پٽ ساجد!
تون پڙهڻ يونيورسٽي وڃين ٿو، اها ڳالهه پڌي اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، ابا اسان جي دعا آهي ته شل پڙهي ڪنهن سٺي مقام تي پهچين. . . !!
پر پٽڑا! هڪ ڳالهه هن بدنصيب پيءُ جي ياد رکجان ته سنبل تنهنجي امانت آهي، تون جڏهن ٻه مناسب سمجهين ان کي ونڊي وڃجان.
پُٽ، ائين نه سمجهجهاءَ ڪو اسين پنهنجي پچي مان بيزار آهيون، حقيقت اها آهي ته سنبل توکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندي آهي، هو توکي ڏسي پنهنجا سڀ غم وساري ويهندي آهي اسان هن جي خوشي لاءِ تو مان اها اميد ٿا ڪريون ته تون ان جو خوشيون سلامت رکندين، آئون هٿ پڌي اها التجا ٿو ڪريان ته هن جي توکي خاص پارت آهي.
احمد علي هٿ پڌي ساجد کي چيو. . . !
ساجد احمد علي جي هٿن کي جهليندي چيو:
چاچا. . . . . چاچا منهنجي اڳيان هي هٿ نه پڌو، ائين ڪري مون کي گنهگار نه ڪريو، آئون سنبل کي سمجهي سگهان ٿو، ان جي هر طرح جي خوشي جو خيال ڪندس، مون کي پوري طرح هن جو احساس آهي، هو منهنجي وجود جو هڪ حصو آهي جنهن کي آئون ڇڏي نٿو سگهان، آئون هن کي وساري نٿو سگهان.
چاچا. . . اوهين فڪر نه ڪريو، آئون پنهنجي ذميواري ڇڳي نموني نڀائيندس.
اهو ٻُڌي احمد علي جي اکين م لڙڪ تري آيا، هن پنهنجا لڙڪ اُگهندي وڏي اميد سان چيو:
اسان کي تومان اهائي اميد آهي تون پنهنجائپ جي رشتن جو پرم رکندين.
ساجد: انشاءالله چاچا توهان فڪر نه ڪريو.
ائين چئي ساجد اسحاق سان مخاطب ٿيو:
ادا سنبل ڪٿي آهي؟
اسحاق: هو پنهنجي ڪمري ۾ آهي.
ساجد اتان اُتي سنبل جي ڪمري ۾ داخل ٿيندي مزاحيه انداز ۾ چيو:
سرڪار! دل جي ڪمري ۾ اچڻ جي اجازت آهي؟

سنبل نھ پھ جواب ڏنو:
ساجد! دل جي ڪمري ۾ تہ تون بنا اجازت جي اچي وئين ۽ اهڙو آئين جو هاڻي ان مان هڪ پل بہ ٻاهر نڪتو نڪرين، ڪيترائي وس حيلا ڪيا اٿم پر تون دائمي طور دل ۾ مقيم ٿي ويو آهين.
ساجد: ڇا واقعي؟
سُنبل: يقين نڪتو اچيئي تہ ڪاتي ڪٽي دل چيري ڏس؟
ساجد: آئون ايترو ظالم ناهيان، مون کي تنهنجي ڳالهين مان تنهنجي سچائي نظر اچي ٿي، مون کي تو تي تنهنجي پيار تي پورو پورو پروسو آهي.
ساجد جي چهري کي تڪيندي سنبل سوال ڪيو.
ساجد. . ! تون اڄ واقعي يونيورسٽي ٿو وڃين؟
ساجد: ها اڄ روانگي آهي.
سُنبل: وري واپس ڪڏهن ايندي؟
ساجد: تو وٽ تہ ايندو رهنديس.
سنبل: اڇا. . . .
ساجد: ها سنبل.
سُنبل: ساجد؟
ساجد: جيءُ
سُنبل: منهنجي اکين ۾ نهار؟
ساجد سنبل جي اکين ۾ نهارڻ لڳو،
سُنبل: ڇا هن اڻپي اکين ۾ اڃان بہ توکي ڪويل جي ڪاراڻ جو عڪس نظر اچي ٿو؟
ساجد: اجايا ۽ غير ضروري سوال نہ ڪر.
ساجد جي انهي جواب جو سنبل ڀڏو اڻ ڀڏو ڪري وري ساڳيو سوال پيهر دهرايو. . . !
سُنبل: ڇا هن اڻپي اکين ۾ اڃان بہ توکي ڪويل جي ڪاراڻ جو عڪس نظر اچي ٿو؟
ساجد: جيڪڏهن نہ آهي تڏهن بہ آئون تہ محسوس ڪريان ٿو تہ هن اکين ۾ منهنجي لاءِ اڃان بہ اها مستي آهي جنهن جي عقابي سرمستي ۾ آئون وڃايل آهيان.
سُنبل: ڇا واقعي ساجد سچ ٿو چوين؟
سنبل خوشي مان حيران ٿيندي چيو.
ساجد: ها بلڪل سچ ٿو چوان جي نہ مڃين تہ قسم کڻان؟
سُنبل: تون ڏاڍو پيارو آهين، تون ڏاڍو عظيم انسان آهين.
ساجد: ها، اهو تہ تون اڳي بہ چوندي رهندي آهين، ان ۾ ڪا نئين ڳالهہ ڪونهي.
سُنبل: سچ تہ تون مون لاءِ سدائين عظيم ۽ پيارو انسان رهيو آهين، تو لاءِ سدائين دل ۾ عزت ۽ احترام رهيو آهي ۽ سدائين بي لوث پيار رهيو آهي، ايترو وسيع پيار جيتري آسمان جي وسعت آهي.

سنبل ساجد جي هٿن تي هٿ رکندي چيو:
تون اڄ يونيورسٽي ٿو وڃين؟
ساجد: ها بلڪل وڃان پيو.
سُنبل: منهنجي هڪڙي خواهش آهي؟
ساجد: ها ٻڌاءِ تنهنجي ڪهڙي خواهش آهي؟
سُنبل: پهرين اکيون بند ڪر پوءِ ٻڌايان ٿي.
ساجد: اهڙي ڪهڙي خواهش جاڳي اٿئي جيڪا اکيون بند ڪرڻ سان پوري ٿيندي؟
سُنبل: تون اکيون ته بند ڪر.
ساجد: هل... هي اکيون بند ڪيون هاڻي ٻڌاءِ؟
ساجد اکيون بند ڪندي چيو.
سنبل ساجد جي ڳلن کي ويجهو ٿي ءِ هڪ چمي جو آواز اُپريو...!
ساجد چمي کي محسوس ڪري فورن اکيون کوليون ته سنبل سامهون نيٺ جهڪائي شرمائي رهي هئي.. !!
ساجد: اڇا ته اها هئي خواهش؟
سنبل ڪوبه جواب نه ڏنو... بس جهڪيل نيٺن ۾ شرم جون مُکڙيون ٽڙيل هيون.... !!
ساجد: سنبل.... ؟
سُنبل: جي؟
ساجد: هاڻي آئون هڪ ڳالهه چوان؟
سُنبل: تون هڪ ڇو؟ هزار ڳالهيون چئو
ساجد: پهرين اکيون پور؟
سُنبل: ڇو... اکيون ڇو پوريان؟
ساجد: بس.... تون اکيون ته بند ڪر
سُنبل: نه آئون اکيون کونه بند ڪندس
ساجد: ڏس... اکيون بند ڪر منهنجو چوڻ کونه ٿي مڃين؟
سُنبل: تون ائين ئي ڳالهه ٻڌاءِ؟
ساجد: نه اکيون بند ڪر بس..
سُنبل: او... هو... ساجد، هل هي اکيون بند ڪيون.
سنبل هڪ پل لاءِ اکيون بند ڪري وري کولي چڏيون، هن جي دل جو ڌڙڪو تيز ٿي ويو ءِ هن کي ڪجهه محسوس ٿي رهيو هو...!
ساجد: اُف.... سنبل تون ٿوري دير لاءِ ته اکيون پُور؟
سُنبل: ڇا مسئلو آهي؟ منهنجي دل تيزي سان ڌڙڪي ٿي
ائين چئي هن اکيون پوريون... !!

ساجد پنهنجا چپ هن جي ڳلن کان ويندي گردن تي رکيا ۽ ٻئي وجود هڪ نہ بيان ڪري سگھندڙ سحر ۾ کوڙجي ويا. . . !!
ٻن پهرن جو ساجد سيني کان موڪلائي يونيورسٽي روانو ٿيو. . . !!

(6)

25 جنوري تي ساجد جو يونيورسٽي ۾ پهريون ڏينهن هيو، هو يونيورسٽي ۾ داخل ٿيڻ وقت ڏاڍو گهبرايل ۽ اپاٽڪو لڳي رهيو هو. . . !!

هن جي چهري تي اپاٽڪائي ٻَکي رهي هئي، هو فيڪلٽي ۾ اپاٽڪو ٿي هلي رهيو هو، ڪجھ شرارتي چوڪرين هن کي اپاٽڪو ڏسي هن سان ريگنگ شروع ڪئي.

وڏي اکين واري اڻ ڄاڻ چوڪريءَ هن سان مخاطب ٿيندي چيو.

توهان فرسٽ ايئر جا آهيو، اسان فائنل واريون شاگرديائيون هر نئين ايندڙ شاگرد کي يونيورسٽي ۾ اچڻ تي پليڪار چوندیون آهيون ۽ گڏوگڏ نئين جونيئرز جي هر ممڪن مدد ڪري ان سان ڪئمپس ۾ ايندڙ مسئلن بابت ڀرپور تعاون ڪنديون آهيون، توهان سان ڪو مسئلو هجي يا توهان کي ڪابہ تڪليف هجي تہ ٻڌايو؟

ساجد حيران ٿيندي چيو:

اڄ منهنجو يونيورسٽي ۾ پهريون ڏينهن آهي، في الحال تہ ڪوبہ مسئلو ناهي.

وڏي اکين واري اڻ ڄاڻ چوڪريءَ ڳالھ وڌائيندي چيو:

توهان ڪهڙي ڊپارٽمينٽ جا آهيو؟

. ساجد: سنڌي ڊپارٽمينٽ

چوڪريءَ: سنڌي لٽريچر توهان جي ڪهڙي چوائس هو؟

ساجد: فرسٽ چوائس هو.

وڏي اکين واري چوڪريءَ سنڌي ڊپارٽمينٽ فرسٽ چوائس هجڻ واري ڳالھ ٻڌي طنز ڪندي چيو:

عام طورتي انٽري ٽيسٽ ۾ جنهن جون مارڪون سڀ کان گهٽ ايندیون آهن، جنهن جون مارڪون ڪنهن بہ ڊپارٽمينٽ جي قابل ناهن هوندیون ان کي ڪچرو مال سمجهي سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ داخلا ڏئي يونيورسٽي ۾ شاگردن جي استينٽ ۾ اضافو ڪيو ويندو آهي، انهي ڊپارٽمينٽ ۾ اهڙا شاگرد تمام گهٽ هجن ٿا، جيڪي عملي طرح بہ لٽريچر سان وابستہ هجن.

ساجد: ها بلڪل. . . پر منهنجو تہ پسنديده شعبو آهي. . !

چوڪريءَ: ان جو ڪو خاص سبب؟

ساجد: سبب تہ اهو آهي جو مون کي ذاتي طور تي ذوق آهي ۽ آئون ادب سان وابستہ آهيان.

چوڪريءَ: اچا. . . . تہ توهان اديب آهيو؟

ساجد: اديب تہ وڏي ڳالھ هوندا آهن، آئون اديب تہ ناهيان پر ادب جو طالبِ علم آهيان.

چوڪريءَ: اچا. . . هلو صحيح آهي. . . ! هاڻي اچو توهان کي توهان جي ڊپارٽمينٽ ڇڏي اچون.

شرارتي چوڪريون هن سان همدردي واريون ڳالهيون ڪري هن کي مطمئن ڪري ويون ۽ هن کي وٺي

وڃي، پروفيسر خليق الزمان جي آفيس ۾ ويهاريائون. پروفيسر جي آفيس ۾ ويهاري هن کي چوڻ لڳيون:
توهان سنڌي فرسٽ ايئر وارن جو ڪلاس هتي ئي هلندو آهي، شروع وارا ڏينهن آهن ڪلاس ديرسان هلندا ۽ شاگرد بہ گهٽ ايندا، توهان هتان کان ڪيڏانهن بہ ٻاهر نہ وڃجو.
ساجد: جي. . . . جي نيڪ آهي مهرباني توهان جي.
شرارتي چوڪريون هن کي پروفيسر جي آفيس ۾ ڇڏي ٻاهر وڃي هن تي کلڻ لڳيون. . . . !
جڏهن سخت مزاج پروفيسر خليق الزمان آفيس ۾ آيو هن کي اڳ ئي آفيس ۾ ويٺل ڏسي هن کي هٿ ڏئي پڇڻ لڳو:
جي ٻڌايو ڪم ڪار؟
پروفيسر جو سوال ٻڌي هي وائڙو ٿي ويو ۽ گهبرايل لهجي ۾ چوڻ لڳو:
ڪم ڪنهن سان بہ نہ آهي، ڪلاس ونڻ آيو آهيان.
پروفيسر سخت لهجي ۾ هن کي دڙڪو ڏيندي چيو:
پوءِ وڃي ڪلاس ونو، هتي آفيس ۾ ڇا ٿا ڪريو؟ وڃو. . . . وڃي ڪلاس ۾ ويهو.
ساجد: ڪلاس. . . . تہ ڇا هي ڪلاس نہ آهي؟
پروفيسر: توهان کي ڪنهن چيو آهي تہ هي ڪلاس آهي؟
ساجد: ٿي چوڪريون هيون انهن مون کي ٻڌايو تہ هي سنڌي فرسٽ ايئر وارن جو ڪلاس آهي. . . !!
پروفيسر ويتر رُعب ڪندي چيو:
يونيورسٽي ۾ پهتو آهين اڃان وينو چوڪرين هٿان بيوقوف ٿئين؟
هو توکي بيوقوف ٻڌائي ويون آهن هي منهنجي آفيس آهي ڪو ڪلاس ڪونهي، سنڌي جو ڪلاس فيڪلٽي جي فرسٽ فلور تي آهي وڃ اوڏانهن.
هي وائڙن جيان هڪ رجسٽر ۽ ڪجهہ ادب جا ڪتاب هٿ ۾ ڪڍي پروفيسر جي آفيس مان ڏاڍو لڄي ٿيندي ٻاهر نڪتو. . . !!
ٻاهر نڪري دل ئي دل ۾ چوڻ لڳو، يونيورسٽي جون چوڪريون ايتريون چالاڪ آهن تہ يونيورسٽي جا چوڪرا تہ وڏا لاهہ هوندا، ڪٽي اُهي بہ مون کي فرسٽ ايئر جو اڀوجهہ شاگرد سمجهي بيوقوف نہ بڻائين. . !!
اهو سوچي هي آسپاس نهاري وڏي هوشياري سان هلڻ لڳو، ڳولينديڳولينديڳوليندي

آخرڪار هن يونيورسٽي ۾ پاڻ کي مطمئن ڪري ورتو، هاڻي هن کي يونيورسٽي وڻڻ لڳي هئي. . !!
پهرين ته هو هر هفتي گهر وارن ڏانهن ڳوٺ ايندو هو ۽ سنبل وٽ وڃي ملاقات ڪندو هو، هن جي سنبل ڪانسواءِ نه سرندي هئي، هن کي انتظار هوندو هو ته ڪڏهن ٽو ڇنڇر جو ڏينهن اچي جو هو ڳوٺ وڃي. . !!
پهريان هو هر ڇنڇر تي ڳوٺ لازمي ويندو هو، پر پوءِ آهستي آهستي هو يونيورسٽي جي رنگن ۾ رنگجڻ لڳو هو. . . !!
هو هر هفتي ڳوٺ وڃڻ بجاءِ ٻن ٽن هفتن کانپوءِ ڳوٺ وڃڻ لڳو هو. . . !!
سنبل ديرسان اچڻ جو سبب پڇندي هئي ته ان کي چوندو هو:
هاڻي اسان جو سيمسٽر ويجهو اچي ويو آهي تنهنڪري آئون گهڻو وقت پڙهائي ۾ مصروف هوندو آهيان، ڪڏهن ڪا اسائنمينٽ لکندو آهيان ته ڪڏهن ڪورس جي استبدي ۾ رُڌل هوندو آهيان. . . !!
هاڻي ڏينهون ڏينهن ساجد يونيورسٽي کي با رونق جڳهه جو اعليٰ نمونو سمجهڻ لڳو هو، فئڪلٽي آف آرٽس جا حسين منظر هن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪري رهيا هئا، هو آهستي آهستي حُسن جي نظر جي تيرن جو نشانو ٿيندي پنهنجي حدف کان پوئتي هٽڻ لڳو هو. . . !!
ان ڏينهن پولين جي عالمي ڏينهن تي عبدالجبار هال ۾ سنڌي پوليءِ ۽ ان جي قدامت جي حوالي سان ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين ۽ استادن گڏجي پروگرام منعقد ڪيو هو، جنهن ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ ساجد به حصو ورتو هو. . !!
هو سنڌي پولي جي حمايت ۾ ٻرپور تقرير لکي آيو هو، پروگرام شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ هو هال ڏانهن اچي رهيو هو ته اُهي ٽيئي ڇوڪريون ڏٺائين جن هن سان پهرين ڏينهن تي شرارت ڪندي هن کي پروفسر جي آفيس ۾ ويهاريو هو. . . !!
ساجد وڏي اکين واري ڇوڪريءَ سان مخاطب ٿيندي چيو:
ان ڏينهن توهان مون سان ريگنگ ڪري منهنجي سخت دل آزاري ڪئي، اهو توهان سراسر غلط ڪيو هو، هڪ سينئر تي اهو فرض ٿو عائد ٿئي ته هو پنهنجي جونيئرز جي هر ممڪنہ مدد ڪري ۽ ان سان علمي، ادبي ۽ اخلاقي حوالي سان ٻرپور تعاون ڪري پر توهان ان جي برعڪس سينئر هڻڻ جي باوجود پنهنجي جونيئرز سان ٺيڪ ٺاڪ جُڻ ڪريو ٿا، اوهان جو اهو عمل غير اخلاقي ۽ قابلِ مذمت آهي، خاص طور تي اوهان ڇوڪرين کي ته اهو قطعي به ڪونہ ٿو سونهين جو ڇوڪرن سان ريگنگ ڪريو، دل خوش ڪرڻ ۽ ڪِل پوڳ ڪرڻ جا ٻيا به گهڻائي طريقا آهن. . . !!
ساجد پُر جوش طريقي انهن ڇوڪرين کي تنبيهہ ڪندي چيو. . !
ڇوڪرين هن کي ڪوبہ جواب نہ ڏنو ۽ ڪلندي انهي ساڳي هال ۾ وڃي ويٺيون جتي اڄ پولين جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان پروگرام طئہ ٿيل هو. . !!
ساجد به انهي ڇوڪرين جي پٺيان اچي تقرير واري هال ۾ ويٺو. . . !!
تقريرن جو سلسلو شروع ٿيو پهرين ۽ پي تقرير ختم ٿيڻ کانپوءِ ڪمپيئر هن جو نالو ڪنيو ۽ هن کي تقرير ڪرڻ لاءِ اسٽيج تي گهرايو. . . !!

هن سنڌي ٻولي جي حمايت ۾ فصيح زبان سان جذباتي انداز ۾ ٻرپور تقرير ڪندي چيوتہ:
"ٻولي زنده قومن جي حيات هجڻ جي سگهاري علامت هوندي آهي، ڪنهن بہ ٻولي جو پنهنجي سموري سگهہ سان جيئرو هجڻ سندس قوم جي جاويده حياتي جو ڪُليو ڪُلايو اعلان هوندو آهي، قدرت جيئن ئي انسان کي شعور عطا ڪيو تہ، انسان ڳالهائڻ شروع ڪيو ان پنهنجا خيال ۽ جذبا ٻولي جي وسيلي لفظن جي صورت ۾ پيش ڪري اظهار ڪرڻ شروع ڪيو.
جيئن جيئن زمين جي گولي تي انسان ذات جو واڌارو ٿيندو ويو تيئن تيئن قومون ۽ ٻوليون جُڙندیون ويون.
در حقيقت قومون ٻولين سان سجاتيون وڃن ٿيون ۽ ٻوليون قومن جي تشخيص هونديون آهن. . !!
ٻولي جي عالمن جي چوڻ موجب تہ ٻولي پنهنجي سماج جي گڏيل سوچ جي لفظي شڪل هوندي آهي، اهڙي ريت ٻولي اظهار جي وسيلي جي حيثيت ۾ پنهنجي سماج جي سياويڪ حالتن ۽ ان جي علمي ڪارگردگي جو حقيقي آئينو هوندي آهي. . !!
سنڌي ٻولي سنڌي قوم ۽ سنڌي سماج جي حقيقي ترجمان آهي،
اسان کي فخر آهي تہ اسان جي سنڌي ٻولي تمام گهڻي قديم ۽ پنهنجي وُسعت ۾ آسمان جيڏي پکيڙ رکي ٿي.
سنڌي ٻولي تمام گهڻي شاهوڪار ٻولي هجڻ جي باوجود اڄان تائين ڏارين ٻولين جي ملبي هيٺيان نہ نڪري سگهي آهي، سنڌي قوم جي اها بدبختي چئبي جو اسان هن وسيع تر ۽ شاهوڪار ٻولي کي اڄ ڏينهن تائين دفتري ٻولي واري حيثيت ناهيون ڏياري سگهيا.
جيتوڻيڪ هن ٻولي جي محل ۾ ڪيترن ئي اصطلاح، پهاڪن، چوٽين ۽ لفظن جا گوناگون علمي خزانا موجود آهن پر پوءِ بہ سنڌي ٻولي کي ثانوي حيثيت ڏئي ديوار سان لڳايو ويو آهي، جنهن جو عملي ثبوت غير سرڪاري تعليمي ادارن ۾ سنڌي ٻولي کي نہ پڙهائڻ جي صورت ۾ موجود آهي. . . !
سنڌ جا ڪيترائي اهڙا تعليمي ادارا آهن جتي سنڌي ٻولي کي دِست بن جي دٻي ۾ اُڇليو ويو آهي. . . !!
سنڌي ٻولي سان غير سنجيدگي وارو اسان جو هي رَويو سچ تہ سنڌين جي اجتماعي قومي شعور جي ڪوٽ جو هڪ وڏو الميو آهي. . . !!
اها اسان سنڌين جي اجتماعي نا اهلي چئبي جو اسان اڄان تائين جديد دور جي ڪمپيوٽر ۽ ٻين مشينري آلات جي سهولتن هئڻ باوجود بہ سنڌي ٻولي کي باضابطا طور گلوبلائيز ناهيون ڪرائي سگهيا. . !
ويتر قهر اهو بہ آهي جو اسان جي ٻولي کي ڏاريون ٻوليون گرهہ گرهہ ڪري کائي رهيون آهن جنهن سان سنڌي ٻولي جي اصلي جتادار حيثيت کي کاٽ لڳي رهيو آهي ۽ سنڌي ٻولي ۾ ڏارين ٻولين جي لفظن جي ٻرمار ڏينهون ڏينهن وڌندي وڃي پئي ۽ سنڌي ٻولي جا نج اصلوڪا پراڻا لفظ سنڌي سماج مان اُڏامي ويندڙ پکي جيان الوپ ٿيندا پيا وڃن. . . !!
سچ تہ هي اهم وقت آهي جو اسان سنڌي ٻولي خلاف ٿيندڙ هر هڪ سازش جو محاصرو ڪري سنڌي

پولي جي باقي رهڻ لاءِ دل ۾ جان سان عملي کوشش کري پنهنجون سڀ صلاحيتون سنڌي پولي جي آبياري لاءِ صَرف کيون. . . !!

"مورک دنيا جي ٻک ۾، وقت وڃي پيو تيزي ۾،
نيٽ وڃايان اُردو ۾، ڇو عشق کيان انگريزي ۾؟
سَرتي سنڌي جي پولي، مون وٽ ميندي جي پولي،
مون وٽ لائون پولي جون، ساڻ چميون سڀ پولي جون،
تسبيحن جا گل پوئي، گجرا ناهيان پولي جا،
پولي منهنجي ڏرتي جي، پولي منهنجي ٻاٻاڻي. . . !!"

(گلزارسيال)

ساجد جي تقرير ختم ٿي تہ هال ۾ تاڙين جو شور مچي ويو. سيني ويٺل شاگردن خوب تاڙيون وڄائي داد ڏنو خاص طور تي وڏين اکين واري ڇوڪريءَ کي ساجد جي تقرير باقاعده موهي وڌو هن اڻي ٻيهہ ساجد لاءِ پرپور تاڙيون وڄايون ۽ کيس تاڙين ذريعي داد ڏنو. . . !!

ساجد تقرير ايتري تہ پرجوش انداز ۾ ڪئي جو هال ۾ ويٺل سامعين تي جهڙو سحر طاري ٿي ويو هو.

وڏي اکين واري ڇوڪريءَ هن کي گُهوري گُهوري ڏسي رهي هئي ۽ سندس تقرير پڙهڻ جي فصيح ۽ زيبائتي انداز کان گهڻو ئي متاثر ٿي ايتري حد تائين جو جڏهن تقرير ختم ٿي تہ هن ٻيهہ تاڙيون پئي وڄايون ۽ ساجد هن کي ڏسندو رهيو.

پروگرام ختم ٿيڻ کانپوءِ سيني ساجد کي "واهہ واهہ" چئي داد پئي ڏنو تہ وڏي اکين واري ڇوڪريءَ بہ ساجد کي داد ڏيندي اهو چئي رواني ٿي:

"تقرير سُڻي ڏا ڪريو"

ساجد ان کي ڪو جواب ڏي ها، ان کان اڳي هو ڪاريڊور مان گرلس ڪينٽين ڏانهن رواني ٿي وئي. . . !!

(7)

ساجد جي رُخ ۾ بي رُخي ڏسي سنبل کي اهو احساس ٿيڻ لڳو هو ته ساجد هاڻي يونيورسٽي ۾ گهٽو خوش ٿي ويو آهي، شايد هن جي ڪٽي دل لڳي ٿي وئي آهي تڏهن ئي هن مون ڏانهن اڇڻ ڇڏي ڏنو آهي. . . !!

شايد هن جي دل مون سان گهتجي وئي آهي، هن جي زندگي مون کان سواءِ خوش گذري پئي، شايد ان جو ڪو سبب هجي. . !!

سنبل سدائين اڪيلائي ۾ اهو سوچي روئندي هئي ۽ ساجد يونيورسٽي جي فضائن ۾ خوشين سان ڀرپور خوشگوار جيون گذاري رهيو هو. . . !!

هاڻي ساجد کي سنبل وٽ آئي ٽي مهينا گذري ويا هئا، اهو ساجد جيڪو سنبل کان پري هڪ منٽ نه رهندو هو انهي کي هاڻي اڇڻ ۾ ٽن مهينن جي وٽي لڳي وئي هئي. . . !!

هڪ رات سنبل کي ساجد جي ياد شدت سان تڙپائي رهي هئي، ۽ هو يادگيرين جي بيابان ۾ ماضي جي متي قلهورڻ لڳي هئي. . ! سوچن جي سُرهاڻ ۾ هن جي اکين اڳيان ماضي جا اُهي منظر تري آيا جن لمحن دوران عشق جي وينگس وار کولي هنن تي ڇانورا ڪيا هئا. . . !!

ماضي کي ياد ڪندي هن جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ هن ڊائري کڻي ان تي لکيو:

"ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي سموندن جي گهرائي جي ڪا آنڊي ڪانڊي ٻڌجي ڪئين ساحلن کي صحرا ڪري ويندي آهي، وقت عقاب جيان اڏامي ويندو آهي پر دل ڪتاب تي لکيل ماضي جي محبت جا يا داشت نامان زندگي جو نه وسرندڙ باب ٿي ماڻهو کي دائمي طور ايذائيندا رهندا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن کي سفيد چانڊوڪي جهڙا اُجرا احساس بي قياس زماني جي گردش جي راهن ۾ ئي پيرن هيٺيان ڇيپاتجي ويندا آهن ۽ پوءِ بي لوث ستم جي بستين ۾ باقي بچيل ماڪ جهڙي نفيس ارمانن جو واڪ لڳندو آهي جنهن کي وقت اڌ ملهه ۾ خريد ڪري ياد گيرين جون حَسين عمارتون مسمار ڪري ڇڏيندو آهي. . . !!

شايد هن وٽ ڇڏيل منهنجي ياد گيرين جون خوبصورت عمارتون وقت هن جي دل تان ميساري ڇڏيون آهن تنهنڪري ئي هن کي منهنجي ياد نٽي اچي ۽ هن مون کي شايد ايترو باقاعدگي سان وساري ڇڏيو آهي"

ڊائري تي اهو نوٽ لکي هن ڊائري رکي ڇڏي ۽ وهيل چيئر تي ويٺي ساجد جي بيوفائي تي سوچي روئيندي روئندي ڳرندي رهي هئي. . . !!

هوڏانهن ساجد کي سنبل هوريان هوريان وسرڻ لڳي هئي، هن کي اُهي قول، اقرار ۽ واعدا، وچن وسرڻ لڳا هئا جيڪي هن سنبل سان ۽ ان جي گهر ياتين سان ڪيا هئا. . . !!

ساجد سنبل کي وساري وڏي اکين واري ڇوڪريءَ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو هو، هن کي بار بار خيالن ۾ هن

وڏي اکين واري شرارتي ڇوڪريءَ جو اهو جملو ياد اچي رهيو هو جيڪو هن تقرير ختم ٿيڻ کانپوءِ ساجد کي چيو هو. . . !!

سنبل هن کي هر روز فون ڪري چوندي هئي ته:

ساجد تون هاڻي بدلجي ويون آهين، تون اڃ مون ڏانهن، آئون توکاسواءِ پريشان آهيان. سنبل جا روز روز غم جا داستان ۽ ڏک ميارن جا قصا ٻڌي ٻڌي ساجد تنگ ٿي پيو هو، هن آخرڪار سنبل جي فونن ۽ ميسجز کان تنگ اچي پنهنجو موبائل نمبر تبديل ڪري ڇڏيو. . . !!

ساجد کي انهي وڏي اکين واري شرارتي ڇوڪريءَ جي محبت ۾ قاسڻ کانپوءِ سنبل جي اپاهجپڻي کان نفرت ٿيڻ لڳي هئي، هي سوچڻ لڳو ته آئون انهي معذور سان ڪيئن زندگي گذاري سگهندس، جيڪا پنهنجي جسم کي پاڻ کڻي نٿي سگهي؟

جيڪا اڃ پنهنجو پاڻ تي بار آهي، اها صبح جو منهنجي زندگي ۾ ڪهڙيون خوشيون آڻي سگهندي؟ اها منهنجي لاءِ ڪهڙو سک جو سبب ٿيندي؟

ويتر انهي جڏي کي سڃي زندگي مون کي ئي سنياڻو پوندو، ان جو هر هڪ بار مون کي ئي کڻڻو پوندو پر آئون آخر ڪيستائين ان جو بار کڻندس؟

نه. . . نه! آئون هن جڏي سان شادي ڪونه ڪندس آئون گهر وارن کي جواب ٿو ڏيان. . . !!

آئون پنهنجي زندگي هن معذور لاءِ قربان ڪري نٿو سگهان. . . !!

جيئڻ لاءِ ته هتي وڏي خوبصورت دنيا موجود آهي پوءِ ڇو آئون پاڻ کي ڪوهه ۾ اُڇلايان. . . ؟

نه قطعي نه آئون انهي جڏي ڇوڪريءَ سان شادي نه ڪندس، آئون بابا وارن کي جواب ٿو ڏيان. . . . !!

ساجد اهو سوچي سنبل کي مڪمل طرح ڇڏڻ جو آخري فيصلو ڪري ڇڏيو هو ۽ هوڏانهن سنبل ساجد جي اچڻ جي انتظار ۾ بي چين هئي. . !

ساجد جي بيرخي کي ياد ڪري هن جي اکين جا ڳوڙها پنبڙين جا لوڙها لتاڙيندا رهندا هئا. . . !!

ڪافي وقت گذري وڃڻ کانپوءِ به ساجد سندس ڳوڙها اگهڻ کونه آيو، هو سخت اڪيلائي جي حالت ۾ پنهنجي وجود جو لاش وهيل چيئر تي گهيلي گهيلي ٽڪجي پئي هئي.

هڪ ڏينهن وهيل چيئر کي گهمائي جڏهن آئيني اڳيان بيٺي ته هن کي پنهنجي وجائجي ويل سونهن تي ۽ ڳري ويل جسم تي وڏو ارمان ٿيو. . . !!

هن کي پنهنجو بي حال حال ڏسي خود تي رحم آيو ۽ هو پاڻ تي روئندي رهي. . !!!

ان ڏينهن 14 فيبروري پيار ڪندڙن جو عالمي ڏينهن هيو، جيڪو ويلنٽائن ڊي جي نالي سان مشهور هيو. . . !!

ويلنٽائن ڊي تي سنبل وهيل چيئر تي اداس ويٺي هئي، خاموشيون هن جي وجود ۾ گهرائي سان واسو ڪري چڪيون هيون، سخت تنهائي جي تلخي ۾ هو گذريل ويلنٽائن تي سوچي رهي هئي جڏهن ساجد هن سان گڏ هو. . . !!

ان ويلنٽائن ڊي تي ساجد هن لاءِ گلن جا تحفا ۽ رائيل مِرج پرفيوم ونڊي آيو هو جنهن جي خوشبوءِ سنبل کي ڏاڍي وڻندي هئي ۽ هو اهو پرفيوم استعمال ڪندي هئي. . . !!

گل ۾ پرفيوم سنبل کي ڏيندي هن ويلنٽائن ڏي وڏي پيار سان وِش ڪيو هو. . !
سنبل کي پاڪ ۾ پري پنهي ڳلن تي چميون ڏئي هن جا وار سنواريندي چيو هئائين:
سنبل ايندڙ ويلنٽائن ڏي کان اڳ ۾ آئون توکي پنهنجي ڪنوار بڻائي پنهنجي گهر وٺي ويندس ۽ ايندڙ ويلنٽائن ڏي آئون توکي پنهنجي ذاتي گهر ۾ وِش ڪندس جتي پاڻ ۾ اڪيلا هونداسين ۽ پنهنجي پيار جي هڪ الڳ پرپور دنيا هوندي، جتي توسان رڳو بس پيار ڪبو ۽ ايترو پيار ڪبو جو زمين آسمان هڪ ٿي ويندا ۽ وقت پِنڌ پهڻ ٿي ويندو ۽ تون منهنجي پاڪ جي آغوش ۾ پنهنجو ساهه منهنجي ساهه جي لمس ۾ ڪٽين، تنهنجي جسم جي پنل هپڪار منهنجي حِس کي مهڪائي ڇڏي ۽ آئون تنهنجي جسم جي سُندرتا جي تحويل ۾ مڪان ۽ لامڪان جون سيئي سرحدون اورانگهي مستي ۾ سر مست ٿي وڃان، تنهنجي جوبن ۽ جمال جي رعنائين ۾ ڪائنات جي خوبصورتي جو سمورو موهه هجي ۽ تنهنجي نفيس چپن جي چمين جي پوسل دائمي حياتي جي سند ثابت ٿئي.
ساجد جون ڳالهيون پاڻي تي ليکن جيان هيون اڄ اهو ويلنٽائن ڏي ته اچي ويو هو پر نه ساجد آيو، نه ان جو پيار ۽ نه ئي ان جو الڳ گهر جنهن جا خواب هن سنبل کي ڏيکاريا هئا. . . !!
هاڻي ته بس ڏکن ۾ چُور هڪ ويڳاڻو وجود هو، جنهن کي قسمت هر طرح سان ويران ڪندي رهي هئي، اڄ هوءَ پنهنجي اپاهجپڻي تي سخت بيزار هئي، هن هر هڪ ساهه گُهٽ پُوسٽ ۾ ٿي ڪنيو ۽ بس رڳو ٽڏا شوڪارا پري ٻئي هٿ مٿي تي ڏيئي زارو زار روئندي رهي هئي.
اهو به تقدير جو تشدد ڇئبو جو هر ماڻهوءَ جي مقدر ۾ ماڪ پنل رابيل ٽيڻ ناهي هوندو، ڪجهه اپاڳا ماڻهو خاڪ ٿي هوا ۾ اُڏري ويندا آهن. جڏهن انهن جي وجود جي مسيحائي ڪائنات جو ڪوبه مسيحا ناهي ڪري سگهندو ته لاوارثي لشڪر جي صورت ۾ انهن وجودن جي دل جي ريگستان تي تنهائي ۽ فنائي جا خيما هڻندي آهي جنهن ڪانپوءِ ان لاءِ مرڪ جا چپ ڪٽجي ويندا آهن، دردن جو هيبتناڪ دريا چوليون هڻندو رهندو آهي.

(8)

هو ڏانهن يونيورسٽي ۾ ويلنٽائن ڊي تي پيار ڪندڙ جوڙن جو ميلو متل هو، ڪيترائي جوڙا آهون پري رهيا هئا ۽ ڪن پاڻ وارن سان سڄڻ سات هئا تہ انهن هن اهم ڏينهن کي يادگار بڻائڻ لاءِ ڪابہ ڪسر باقي نہ ڇڏي هئي، ايتري قدر جو جيڪو ڪجھ نہ چوٽو هو اهو چئي ڇڏيو ۽ جيڪي سرحدون پار نہ ڪرٽيون هيون اهي بہ اُڪري ويا ۽ زوردار عشق جي پُرجوش وهڪري ۾ سپ ڪري ڇڏيائون. . . !!!

فيڪلٽي جي لان ۾ ڪوبہ گل سلامت نہ رهيو هو جيڪو ٻوٽي ۾ سلامت ٻيٺل هجي. . !

ان ڏينهن ويلنٽائن ڊي تي ساجد بہ ٽِري پيس سُوٽ پائي ڏاڍو حَسين لڳي رهيو هو ويٽر جو بليڪ سن گلاسز اکين تي پاتائين تہ هو وڌيڪ هوٽ لڳي رهيو هو.

جنرل هستري ڊپارٽمنٽ جي اڳيان هن کي اها وڌين اکين واري ڇوڪريءَ ملي جيڪا هن کي ڏسي بيھ رهي. . !!

ساجد سلام ڪندي چيو:

السلام عليڪم

ڇوڪريءَ: وعليڪم السلام

ساجد: توهان ڪهڙي ڊپارٽمنٽ ۾ پڙهندیون آهيو؟

ڇوڪريءَ: فلاسافي سيڪنڊايئر

ساجد: اڇا. . . ڇا آهي فلسفي ۾؟

ڇوڪريءَ: فلسفي ۾ فلسفو آهي

ساجد: ڇا جو فلسفو آهي؟

ڇوڪريءَ: هر هڪ شيءَ ڇو

ساجد: هر هڪ شيءَ معنيٰ اڇوکي ڏينهن جي حوالي سان بہ ڪو فلسفو آهي؟

ڇوڪريءَ: اڇوکو ڏينهن مطلب؟

وڏي اکين واري ڇوڪريءَ اڻ ڄاڻ ٿيندي پڇيو:

ساجد: اڇوکو ڏينهن مطلب ويلنٽائن ڊي جيڪو پيار ڪندڙن جو عالمي ڏينهن آهي. . . . !!

ڇوڪريءَ: اڇا. . . اڇا انهي فلسفي بابت تہ مئڊم اسان کي ڪونہ پڙهايو آهي. . !!

ساجد هلڪو ٿهڪ ڏيندي چيو:

ساجد: زندگي جو اهم فلسفو تہ اوهان ڄاڻو ئي ڪونہ ٿا باقي ٻيا فلسفا پڙهڻ جو فائدو؟

وڏي اکين واري ڇوڪريءَ کوبہ جواب نہ ڏنو ۽ بس خاموش ٻيٺي رهي. . !

ساجد ڳالھ کي اڳتي وڌائندي چيو:

توهان جو نالو ڇا آهي؟

ڇوڪريءَ: اوهان ڇو ٿا پڇو؟

ساجد: بس ائين ئي. .
چوڪريءَ: منهنجو نالو ياسمين آهي. . !!
ما شاءالله، نالو تہ خوبصورت آهي، ان جو مطلب؟
ياسمين خوشبودار گل کي چئبو آهي يا چنبيلي جو گُل. . !
ساجد: واهہ. . . واهہ تمام بهترين
ساجد هن کي وڌيڪ ديرتائين بيهارڻ لاءِ ڳالهہ جو موضوع متائندي چوڻ لڳو. . !!
توهان پهرين ڏينهن جڏهن مونکي پروفيسر خليق الزمان جي آفيس ۾ ويهاريو هو، ان ڏينهن توهان مونکي گهٽيون شرارتي لڳي رهيون هيون.
ياسمين هلکو ٿهڪ ڏيندي چيو:
دراصل. . . ان ڏينهن منهنجي هڪ شرارتي سهيلي مون سان گڏ هئي، ان چيو فرسٽ ايئر وارن چوڪرن سان ريگنگ ڪبي، ان ئي توهان سان سپ شرارت ڪرائي، اها وڏي شرارتي آهي خاص طور چوڪرن سان وڏيون شرارتون ڪندي آهي ۽ چوڪرن کي بيوقوف بڻائڻ ان جو پسنديده مشغلو آهي. . . !!
ساجد: هونئن بہ يونيورسٽي جا چوڪرا چوڪرين جي معاملي ۾ جلد بيوقوف بڻجي ويندا آهن انهي جو سبب هنن وٽ بي قابو جذبات هجن ٿا. . . !!
ياسمين: بي قابو جذبات جي ٿوري وضاحت ڪريو؟
ياسمين هن کان وضاحت پڇي. . . !!
ساجد محسوس ڪيو تہ ڳالهہ بي زيبي ڇئي ويس ان کري پنهنجي ڳالهہ تي پردو وجهڻ لاءِ جهٽ چيائين.
مطلب تہ بغير سوچڻ سمجهڻ جي جلد ئي چوڪرا جذباتي ٿي ويندا آهن. . . !!
هنن جي ڳالهين جو سلسلو اڃان جاري هيو تہ هڪ چوڪريءَ ياسمين کي سڏ ڪندي چيو:
ياسمين! هيڏانهن اچ توکي آفيس ۾ سَر خليق ٿو سڏي. . !
ياسمين ان چوڪري کي ورندي ڏيندي چيو:
ها نيڪ آهي بابا کي چئو تہ گاڏي ٻاهرڪڍي آئون بس اچان پئي. . . !!
ساجد اها ماجرا ڏسي حيران ٿيندي ياسمين کان پڇيو:
سر خليق چا ٿو ٿئي توهان جو؟
ياسمين چيو:
اهو منهنجو والد آهي هاڻي تي ٿي رهيا آهن ان کري آفيس بند کري چوي ٿو تہ اڄ گهر هلون.
هو مونکي صبح جو پاڻ سا گڏ گاڏي ۾ وٺي ايندو آهي ۽ موڪل مهل بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو آهي.
ساجد اها ڳالهہ ٻڌي وائڙو ٿي ويو تہ ياسمين پروفيسر خليق الزمان جي ڌي آهي. . !
هو پاڻ سنياليندي چوڻ لڳو:
اڇا. . . اڇا صحيح آهي.
ياسمين: نيڪ آهي پوءِ آئون هلان ٿي. . !

ساجد: نيڪ آهي توهان پلي وجو توهان جو والد انتظار ڪندو هوندو ۽. . . ها توهان سان ملي خوشي ٿي. . !

ياسمين: مون کي ب توهان سان ملي خوشي ٿي. . !

اهو چئي ياسمين فيڪلٽي جي مين گيٽ ڏانهن رواني ٿي. . . !!

ساجد خوشيءَ سان ڪپڙن ۾ نہ ماپي رهيو هو. . !

هو چوڪرين جي معاملي ۾ وڏو لڪي هو چوڪريون اڪثر هن جي شخصيت کان متاثر ٿيندیون هيون، هي جنهن ب چوڪريءَ کي پرپوز ڪندو هو اها هن کي پرپور موٽ ڏيندي هئي، ان جو سبب هن جي هوٽ پرسنلٽي هئي. . !

هو اڪثر دوستن کي چوندو هو:

مون ڏانهن چوڪرين جي ندي وهي اچي ٿي. . . !!

چوڪرا هن کان چوڪريون ڦاسائڻ جا ٽپس پڇندا هئا ت انهن کي چوندو هو:

چوڪرين کي متاثر ڪرڻ لاءِ ماڻهو شخصي طرح مڪمل تيار هجي، ڪپڙي، جتي ۽ شيو وغيره ۾ هميشہ الرٽ هجي، چوڪرين کي راضي ڪرڻ لاءِ هميشہ لُڪ شهزادن ۽ گهوٽن جهڙو هئڻ گهرجي، برانڊيڊ ڪپڙا، عمده جُتي ۽ اوچي ڪلاس جو پرفيوم ان ڳالهہ سان مشروط شيون آهن. . !!

باقي غريب غُربا، گَرا گنجا ۽ آپرا سپرا پلي پيا جتيون گسائي اجايون شاعريون ڪن پر ڪجهہ ب ڪونہ ٿيندو انهن کان، انهن جي اهڙي مشق فُروٽ ليس Fruit less آهي. . . !!

هو اهي ڳالهيون چوڪرين کي متوجہ ڪرڻ لاءِ جڻ ت ٽپس طور ٻڌايندو هو. . . !!

(9)

سنبل پنهنجي ڪمري ۾ سج لهڻ مهل سوچن جي ڪُن ۾ ڦيريون کائيندي رهي هن سوچيو پئي:
ساجد اڄ ويلنٽائن ڊي تي مون وٽ ڪونہ آيو هن کي. . . هن کي منهنجو ذرو بہ احساس ڪونہ ٿيو:
اڄ ويلنٽائن ڊي آهي. . . ! اڄ تہ ڪو رابطو ڪري ها. . !
ڪو فون يا ڪو خط نياپو موڪلي ها، وڏو پٿر دل ٿي ويو آهي، آخرڪار هن کي ڇا ٿي ويو آهي؟
سنبل دل ئي دل ۾ اهو سوچي روئڻ لڳي هئي. . . !!
ائين ئي پيار ڪندڙن جو عالمي ڏينهن ويلنٽائن ڊي هن لاءِ ڪوري ۾ ڪامندي گذري ويو. . !!
جڏهن تقدير تنها ڪري ڇڏيندي آهي تہ هر تدبير نور وڃائي ويهندي آهي ۽ ماڻهو پاڻ جي آڳ ۾ جلي رک ٿي ويندو آهي. . !
سنبل بيڪار ٿي ويل زندگي جو بيزار لاش کڻي جيءُ رهي هئي، ڪوبہ ڏينهن ۽ ڪابہ رات هن لاءِ خوشين جي خوشبو نہ آڻيندي هئي. . !!
بس. . . رڳو هن جي جيو جهان ۾ چنڊ چاندوڪيون وکيريندو ۽ هن جي دل دنيا کي يادن جا طوفان ارپي ويندو هو. . !!
ڏُک جو پورهيت هن جي اکين مان ڳوڙهن جو فصل لٽندو رهندو هو، ستارا هن جي بي حال حال جا بي زبان گواهہ هئا يا تماشين ٻڌجي ويا هئا. . . !
هاڻي دنيا هن لاءِ انڌيري جي علامت ٻڌجي وئي هئي.
بيزارين جي گهاڻي ۾ پيسجندڙ هن جو مايوس من هاڻي ڪيس زندگي کان فراريت لاءِ اُتسائيڻ لڳو هو،
ساجد جي ديدار لاءِ تڙپندڙ وجود صحرا جي اجايل واري جيان پياسو ٻڌجي ويو هو. . !!
هن کي هاڻي زندگي کان وحشت ۽ موت کان خوف ٿيڻ لڳو هو. . . !
هو هاڻي احساس ڪمتري جي محرومي ۾ ايترو گهيرجي وئي هئي جو هو هاڻي خودڪشيءَ جو سوچڻ لڳي هئي. . . !!
ها! اهو سراسر سچ آهي تہ درد سدائين وجود جون خوشيون پيليون آهن ۽ اهو بہ عالمگير سچ آهي تہ نيٽن جون نديون وهائڻ جو نيڪيدار پُڻ درد آهي. . !
درد. . . جنهن جي ڪاپي ڪُک مان عشق جو جنم ٿيو،
عشق. . . . جيڪو سدائين درد جي ردا ۾ ملبوس آهي. . !!
هاڻي سنبل صرف انهي آس تي جي رهي هئي تہ بس صرف هڪ دفعو ساجد کي اکين سان ڏسان ۽ پوءِ زندگي کي فراريت جي رستي تي آڻي ساهہ جي پکي کي وجود جي پيڃري مان آزاد ڪري ڇڏبو. . !!
هڪ ڏينهن سنبل پنهنجي ڪمري ۾ ويني هئي تہ هن کي ٻاهر ساجد جي پاءُ مبين جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، هي تڪڙي وهيل چيئر جا ڦيٿا ڦيريندي ٻاهر نڪتي، مُبين بہ هن کي ڏسي هن ڏانهن اڳتي وڌيو. . !

مبين اڳتي وڌي سنبل جي مٿي تي هٿ رکي ان کي کيڪاريو. . !!
سنڌي سماج ۾ مٿي تي هٿ رکي ڪنهن عورت کي کيڪارڻ جو مطلب اهو هوندو آهي ته هٿ هيٺ آيل عورت جي مٿي جي اهميت کيڪارڻ واري لاءِ پنهنجي ماڻُ ۾ پيڙ جهڙي مقدس هوندي آهي، مٿي تي هٿ رکڻ سان گڏ اهو تاثر به هوندو آهي ته هن هٿ هيٺ آيل عورت جو سِر مون کي منهنجي گهر جي ننگن جيان عزيز آهي ۽ ان جي آبرو ۽ عزت لاءِ جان جو نذرانو به ڏيندس. . . !!
خوش خيرات کانپوءِ مُبين سنبل جا هيٺا حال ڏسي پريشان ٿي ويو، هن کي سنبل جي ڏهري جسم ۾ ڏرا ڏئي ويل اکين کي ڏسي ڏاڍو رحم آيو. . !!
مُبين ڏک ۽ همدردي واري لهجي ۾ چيو:
ادي سنبل! هي ڪهڙا حال بڻائي ڇڏيا اٿئي؟
سنبل: بس. . . ادا اهو نه پڇ. . . !
هاڻي زندگي بار ٿي وئي آهي. . . آئون زندگي مان بيزار ٿي وئي آهيان. . . !!
ادا هاڻي هن مُرده ڏانچي جو بار نٿو کڄي. . . !!
مُبين: ادي همٿ کر. . مايوس نه ٿي. . . !
ادي آئون ساجد ڏانهن يونيورسٽي وڃان ٿو، ڪلهه هُن جو فون آيو ته مون ڏانهن پئسا ڏياري موڪليو آئون اڃي نٿو سگهان، منهنجو سيمسٽر شروع ٿيڻ وارو آهي ۽ آئون پڙهائي ۾ مصروف آهيان، سو اڄ آئون هُن کي پئسا پهچائڻ يونيورسٽي وڃان پيو جيڪڏهن توهانجو ڪو پيغام وغيره هجي ته ڏيو هُن تائين پهچائي ڇڏيندس.
سنبل: ها ادا آئون هڪ چني لکان ٿي اُها ساجد کي ڏئي ڇڏجو. . . !!
مُبين: جي بلڪل توهان چني لکو.
سنبل: ٺيڪ آهي ادا. . جيستائين آئون انيلا کي چوان ٿي اها توهان کي چانهه ٺاهي ڏي ٿي. . . !!
ساجد: ٺيڪ آهي بلڪل. . . !
سنبل: پنهنجي ڪمري ۾ وڃي آهه پريندي خط لکڻ شروع ڪيو:
"بوج غمون کا کتنا پي هوتا مين اُنا ليتا،
مگر زندگي هي بوج بني تو اُنائون کيسي؟
مون لاءِ منهنجي ساهه جهڙا پيارا ساجد!
شل منهنجي رت جو هر ڦڙو تنهنجي قلم جي مس بڻجي توکي ڪم اچي. . !
ساجد. . ! تون ايڏو بيوفا نڪرندين مون ڪڏهن سوچو ڪونه هو. . !
بي وفا! توکي ڇا ٿي ويو آهي جو تون ايترو پٿر دل، تون ايترو بي رحم ٿي ويو آهين؟
آخر ڪهڙي سبب جي ڪري تون پنهنجا سڀ قول، اقرار وساري ڇڏيا آهن؟ آخر ڇو تو سڀ رابطا ختم ڪري ڇڏيا آهن؟
تون مون بيوس کي ڪهڙي ڏوهن جي سزا پيو ڏين؟
ساجد: ڇو. . . آخر ايتري بي رُخي ڇو آهي؟

جيڪڏهن تنهنجي دل ۾ پي ڪنهن چوڪريءَ اچي گهر اڏيو آهي تہ صاف ٻڌاءِ؟
توکي خبر آهي تہ اڄ تو کي ٽن مهينن کان وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي جو تون مون وٽ ناهين آيو. . . !
ڪيترو وقت گذري ويو آهي جو مون توکي ناهي ڏٺو ڇڙ تہ هن اکين کان بينائي کسجي وئي آهي، ڇڙ تہ دنيا ۾ صبح ٿئي ئي نٿو ڇڙ تہ آئون مري وئي آهيان ۽ منهنجو چچريل لاش شهر جا ڪُتا کائي رهيا آهن. . !
ساجد! تنهنجي يادن جا طوفان مسلسل منهنجي دل جي گلشن کي پونو بٹائيندا رهن ٿا، تنهنجي واعدن جا ورلاپ اڄ تائين منهنجي سماعتن سان ٽڪرائجي دل ۾ ارمانن جون قيامتون برپا ڪن ٿا.
تنهنجِي مُئا جيارڙ جهڙي مُرڪ جو قسم! تو کانپوءِ زندگي گذارڻ ڪاوَن پري راهہ تان پيرن اُپراٽو هلڻ برابر آهي.
ساجد! هاڻي هي دنيا مون لاءِ دوزخ ۽ دلدل جي حقيقي علامت ٿي وئي آهي.
او بي رحم! ڪڏهن اڄ تہ سهي انهن نماڻين اکين کي ڏسي وچ جيڪي ڪڏهن توکي ڪويل جي رنگت جو عڪس لڳندیون هيون، اهي بدنصيب نيٺ هاڻي اُوجاڳن جي آوي ۾ جلي رهيا آهن.
اي پٿر دل انسان! هن دل جون دانهون ڪنهن کي ٻڌايان؟
ڪڏهن ڪڏهن شديد تنهائي جو تيزاب دل جي گلابن کي ساڙي ڇڏيندو آهي ۽ ناڪام حسرتن جي باهہ ۾ سڙي ويل ارمانن جي خاڪ هوائون تو ڏانهن اُڏائي ڪٽي ويندیون آهن انهن ۾ منهنجا اهي ئي نياپا ڇڏيل هوندا آهن تہ هاڻي تو کانسواءِ راتيون روح کي رهڙين ٿيون ۽ ڏينهن تنهائي جي شدت کان ڏنگين ٿا، يا تون هلي آءُ يا هي ساهہ وجي ٿو ان کي پنهنجي وطن وڃڻ جي موڪل ڏي.
تو کانپوءِ هي زندگي ڏنل حسرتن جي ڪاڪ جي خاڪ ٿي وئي آهي، توکي شايد هاڻي هي اپاهج نٿي وٽي اها منهنجي بدترين بد قسمتي ڇئبي، پر پرين! هن بدنصيب جي هاڻي صرف هڪ ئي آرزو آهي بس. . . صرف هڪ دفعو ملي وڃ.
بس. . . صرف هڪ دفعو آئون توکي پنهنجي هن متلاشي اکين سان ڏسان ان کانپوءِ منهنجون نگاهون تنهنجي رستن جي دز ٽيڻ ڇڏي ڏيندیون. . . .
پوءِ توکي هي اپاڃي ڪا بہ ميار نہ ڏيندي تون پليون وجي ڪنهن وينگس سان لائون لهجان. . .
بس. . . زندگي ۽ موت جي بہ واٽي تي هي اداس نگاهون تنهنجي درشن لاءِ سڪن ٿيون صرف هڪ دفعو موٽي اڄ، هڪ دفعو ملي وڃ. . .
صرف هڪ دفعو توکي هن جهان ۾ پنهنجي اکين سان ڏسان پوءِ دائمي جدائي جي رِدا اوڍي آئون هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويندس.
هوش باقي رها تو جي نہ پائينگي تيري بغير،
التجا هي جب پي ڇوڙنا، زنده مت ڇوڙنا. . .
تنهنجي بدنصيب، جيڪا سڃي تنهنجي هوندي بہ تنهنجي ٿي نہ سگهي. . . سنبل"
سنبل خط لکي لفافي ۾ بند ڪري مُبين کي ڏنو، مُبين چانهہ پي خط کٹي موڪلائي روانو ٿيو. . . !
شام ڏاري مُبين ساجد وٽ پهچي ويو، حال حوالن کانپوءِ مُبين ساجد کي سنبل جو خط ڏيندو چيو:

ادا! هي خط تو لاءِ ادي سنبل ڏنو آهي، هينئر سندس طبعيت خراب آهي، هو ڏاڍي ويڳاٽي ٿي وئي آهي هن پنهنجا حال وجائي ڇڏيا آهن، هو سُکي سڙي صفا هڏن جو پنجرو ٿي وئي آهي.

مُبين جي ڳالهه ٻڌي ساجد ڪاوڙ مان نفرت آميز لهجي ۾ منهن ڦٽائيندي چيو:

پوءِ آئون ڇا ڪريان؟

مُبين وري به ساجد کي التجا واري انداز ۾ چيو:

تون هڪ دفعو هن وٽ هل، هن کي حوصلو ڏي هن سان هلي ڳالهائي، هو تمام بري حالت ۾ بري طريقي سان زندگي کي گذاري رهي آهي.

ساجد بي رُخي سان تلخ لهجي ۾ چڙٻ ڏيندي چيو:

توکي هن جڏيءَ جو ڏاڍو فڪر ٿي پيو آهي، توکي هن سان وڏي همدردي پيدا ٿي پئي آهي؟ هتي ڏسين نٿو مون تي پڙهائي جو ڪيترو ڪم آهي؟ هفتي ڪانپوءِ منهنجو سيمسٽر شروع ٿيڻ وارو آهي آئون ان جي تياري ڪيان يا وينو ڳوٺن جا چڪر ڪاٽيان؟ مون وٽ ايترو فارغ ٽائيم ڪونهي آئون ڳوٺ نٿو هلي سگهان.

مُبين: ادا تنهنجي مرضي، باقي هروپرو ڪنهن جي ايتري دل آزاري چڳي ڳالهه نه آهي.

ساجد: اِن ۾ دل آزاري جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟

آئون مصروف آهيان، مونکي پنهنجا ڪم آهن تنهنڪري آئون ڳوٺ نٿو هلي سگهان.

مبين کي ڳوٺ روانو ڪري ساجد سنبل جو خط پڙهيو، خط پڙهڻ کان پوءِ هن نفرت ۽ وحشت آميز لهجي ۾ ٻُڙڪيو:

چگو ڪاڦو آهيان هن جڏيءَ مان. . . !

(10)

ٻئي ڏينهن تيار ٿي ساجد يونيورسٽي روانو ٿيو، پنهنجي ڊپارٽمينٽ وڃڻ بدران سڌو فلاسافي ڊپارٽمينٽ ويو جتي ياسمين کي ڏسي سامهون پنڌپهڻ ٿي بينو رهيو، ياسمين هن کي سامهون بينل ڏسي سندس اکين ۾ مسلسل گُهوري رهي هئي ۽ هو ياسمين جي گُهور ۾ گهائجي ويو.

هن جي چپن جي ڳاڙهاڻ ساجد جي تقدير جي سرهاڻ بنجڻ لڳي هئي، هن جو مرڪڻ ساجد کي نئين حياتي اربڻ جو باعث بنجڻ لڳو هو. . . !

ڪجهه ڏينهن جي چند ملاقاتن ۾ ئي ساجد ياسمين جي نينهن جي نشن ۾ مدهوش ٿيڻ لڳو هو. . !

هن جي مُرڪ ساجد جي نڊ جو سُرڪ پري ڇڏيندي هئي جنهن کان پوءِ هو سڄي سڄي رات ننڊ جي ناوَ کان پري جاڳ جي جهان ۾ جاڳندو رهندو هو ۽ صبح جو اکيون ڳاڙهيون ڏسي دوست پڇندا هئا:

ساجد! رات ستو ڪونهي ڇا، اکيون ڳاڙهيون اٿئي؟

ساجد ڳالهه نٽائي ڇڏيندو هو.

هڪ ڏينهن ياسمين کي ٽيچرس ڪيفي ڪينٽين تي اڪيلو وينل ڏسي موقعي جو فائدو وٺندي هن سان گڏ وڃي پر واري خالي پيل ڪرسي تي وٺو ۽ ياسمين کي سلام ڪري ان سان مخاطب ٿيو:

توهان جي پڙهائي ڪيئن پئي هلي؟

ياسمين: پڙهائي صحيح ٿي هلي.

ساجد: گذريل سيمسٽر ۾ ڇا پوزيشن هئي؟

ياسمين: بس ايوَريج هئي. . . . نارمل هئي.

ساجد: اڇا. . . ؟

ساجد هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي ياسمين کي سرگوشي ۾ چيو:

مون کي توسان هڪ ڳالهه ڪرڻي آهي.

ياسمين: ها ٻڌاءِ؟

ساجد: تون ڏاڍي خوبصورت آهين، تنهنجو حُسن دنيا جي لازوال ۽ بي مثل شيءِ آهي.

ياسمين ساجد جي واتان پنهنجي ايتري تعريف ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي ويتر ساجد جي هوٽ پرسنلٽي هن کي موهي رهي هئي. . !

ياسمين: تون منهنجي حواسن تي ڇانئجي وئي آهين مون کي توسان پيار ٿي ويو آهي. . !!

ياسمين اڳ ئي ساجد کي پسند ڪرڻ لڳي هئي انهي ساجد جي ڳالهه ٻڌي شرمائيندي نيٺ هيٺ جهڪايا ياسمين ساجد جي محبت کي قبول ڪري ساجد کي خوشين جي هڪ پرپور دنيا ارپي ڇڏي هئي. . . !

هاڻي ساجد جي دنيا مُسرتن ۽ مسڪراهٽن جي خزاني سان سرشار ٿي وئي هئي. . !!

ساجد شيڊيول موجب جيئن ئي يونيورستي ايندو هو تہ سڀ کان پهريان فلاسافي ڊپارٽمنٽ جو چڪر لڳائي ياسمين سان ملي پوءِ پنهنجا ڪلاس اٽينڈ ڪندو هو. . !!

ان ڏينهن معمول موجب ساجد يونيورستي اچي رهيو هو تہ آرٽس فيڪلٽي جي مين گيٽ تي پوليس جي نفري ڏٺائين جيڪا شاگردن جي چيڪنگ ڪري رهي هئي. . !!

ساجد اڳتي وڌيو تہ پوليس واري هن جي مڪمل چيڪنگ ڪئي، چيڪنگ دوران هن پوليس واري کان پڇيو:

هي اڄ چيڪنگ ڇو پئي ڪئي وڃي؟

پوليس واري چيو تہ ڪلهہ صبح جو فيڪلٽي ۾ ڪريڪر جو ڏماڪو ٿيو هو، انتظاميہ کي شڪ آهي تہ اُهو ڏماڪو شاگردن ڪيو آهي ان ڪري هاڻي اسان هر هڪ شاگرد جي چيڪنگ ڪري پوءِ فيڪلٽي اندر وڃڻ ڏينداسين.

ساجد حيراني مان پوليس واري کان پڇيو:

ڪهڙي ثابتي هٿ آئي آهي جو اوهان ڇهئو ٿا ڏماڪو شاگردن ڪيو آهي؟

پوليس وارن هن کي ڪوبہ جواب نہ ڏنو ۽ ساجد کي هٿ جي اشاري سان وڃڻ جو اشارو ڏنائون. . . !!

ساجد سوچڻ لڳو تہ ڪيڏي نہ شرم جهڙي ڳالهہ آهي جو شاگردن جي چيڪنگ ڪري پوءِ انهن کي يونيورستي اندر اچڻ ڏنو ٿو وڃي. . . !!

يونيورستي هڪ اعليٰ تعليمي ادارو آهي ان جي شاگردن جي چيڪنگ هن اداري جي بدنامي جي زمري ۾ اچي ٿي. . !!

اسان يونيورستي جا شاگرد آهيون ڪو چور لوفر يا ڪرمنل قسم جا ماڻهو ٿورو ئي آهيون جو انتظاميہ اسان سان اهڙي طريقي جو سلوڪ ڪري ٿي. . . !

اهڙو نازيبا رَوَيو سچ تہ افسوس جوڳو عمل آهي، هن اداري ۾ شاگردن جي تذليل ڪري هڪ مهذب اداري کي بدنام ڪيو پيو وڃي. . . !!

ساجد انتظاميہ تي افسوس ڪندو اچي فلاسافي ڊپارٽمينٽ پهتو جتي ياسمين اڳ ئي هن جي انتظار ۾ بيٺل هئي.

هن ياسمين وٽ پهچڻ شرط پوليس جي رويي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو:

ڏماڪا بہ شاگردن مٿان ٿين ۽ وري ردِعمل طور چيڪنگ ڪري تذليل بہ شاگردن جي ڪئي وڃي ٿي.

ياسمين ڏس! اهو آهي اسان جي انتظاميہ جو حال جو چور کي چڏي لڳا آهن ساڏ جي پويان. . . !

ياسمين کوبہ جواب نہ ڏنو بس خاموشي سان هن کي ٻڌندي رهي.

ساجد وري انتظاميہ تي چوهہ چنڊيندي چيو:

يونيورستي ۾ هيڏي وڏي بدنظمي آهي اها هنن کي نظر ئي ڪونہ ٿي اچي، يونيورستي ۾ نَوَن ايندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ رهائش جو مسئلو ڪيڏو اهم آهي، شاگرد رهائش لاءِ ڪيترو پريشان ۽ ذليل ٿين ٿا اهو هنن کي احساس ئي ڪونهي. . . !

سِتي(حيدرآباد) ۾ رهڻ وارا شاگرد پوائنٽن ۾ سڄي اچن ٿا، هڪ هڪ پوائنٽ ۾ ايترا شاگرد سٽيل هوندا آهن جو جڳ مهاجر هندستان کان لڏو کنيو پيا اچن.

ڪلاس هڪ بجي ختم ٿي ويندا آهن ۽ پوائنٽون روانيون ٿيڻ جو آفيشلي ٽائيم ٿي بجي آهي، گرمين ۾ شاگردن جا ويهي ويهي حال هيٺا ٿيو وڃن.

هوڏانهن اي سي ٽو جي حالت ڏسو. . . !

اي سي ٽو ۾ چالان جمع ڪرائڻ وڏي آزار جو ڪم آهي، سڄو ڏينهن گرمي ۽ ڪاڙهي ۾ شاگردن جي ڊگهي قطار بيٺل هوندي آهي جن مان ڪي شاگرد گرمي ۽ تيز اس جي ڪري نيم بيهوشي واري حالت ۾ اچيو وڃن، ڪن ڪمزور شاگردن جي اهڙي حالت ٿي وڃي ٿي جو لائين ۾ بيهڻ بيهڻ انهن کي چڪر اچي ويندا آهن ۽ پوءِ انهن جا شاگرد ساٿي انهن کي پاڻي جا ڇنڊا هڻي هوش ۾ آڻي پيهر لائين ۾ بيهڻ جي قابل بنائيندا آهن. هيتري وڏي يونيورسٽي جا چالان جمع ڪرڻ وارا صرف ٻه ملازم آهن سي ٻه هڪ اهڙي ڪُڏي ۾ ويٺل هوندا آهن جهڙوڪر هندستان ۽ پاڪستان جي سرحد تي چوڪي ۾ ويٺل ڊنل سپاهي هجن جن کي هر وقت اهو خوف هجي ته ڪٽان ٿي گولي اچي. . !!

اهي ٻه ملازم هزارن جي تعداد ۾ شاگردن جا چالان فارم پري پري جڏهن شام جو گهر ويندا هوندا ته ائين محسوس ڪندا هوندا جڳ جسم ۾ ساهه ئي ڪونهي. . . !!

وري جو سي ايل تي ڏس پيپرن جي دوران ته پير رکڻ جي گهٽي ڪونهي. . !

شاگرد ويچارا گهٽي رش هجڻ جي ڪري ويهڻ ته نهيو پر سي ايل ۾ بيهڻ ٻه ناهن سگهندا پوءِ لاچار ٿي سخت گرمي ۽ اُس ۾ ٻاهر وٽن هيٺيان پيا پڙهندا آهن. . !!

اهي ايتريون سڀ ڪوتاهيون انتظاميه کي نظر ئي ڪو نه ٿيون اچن باقي شاگردن سان هر هڪ ڏاڍائي ۾ اڳ کان اڳري آهي. . !

هن جي جذباتي ڳالهين کي ٻڌي ياسمين پٽ کي ٽيڪ ڏيندي چيو:

ساجد تون صحيح ٿو چوين، اهو سڀ ڪجهه هن انتظاميه جي نااهلي جي ڪري آهي، جيستائين انتظاميه جو هر هڪ فرد پاڻ کي ذميوار تسليم ڪندي پنهنجي حصي جو ڪم ايمانداري سان نه ڪندو ته سڀ ڪجهه ائين ئي بي ترتيب ۽ ڇڙوڇڙ رهندو. . !!

هنن جي ڳالهين جو سلسلو تڏهن ٽُٽو جڏهن ياسمين کي سندس سهيلي سڏ ڪندي چيو:

اندر اڇ هاڻي ڪلاس شروع ٿي ويو آهي.

ياسمين ڪلاس ونڻ لاءِ رواني ٿي ۽ ساجد پنهنجي ڊپارٽمينٽ ڏانهن روانو ٿيو. . !!

ٻئي ڏينهن تي معمول موجب ساجد جيئن ئي يونيورسٽي اچي ٽو ته ساڳي ريت فيڪلٽي جي مين گيٽ تي پوليس جي چيڪنگ جاري هئي، جنهن تي هن کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي پر پاڻ تي ضبط ڪندي هن پاڻ کي چيڪنگ لاءِ پيش ڪيو. . !!

پوليس وارن هن جو بيگ ڦلهوري ڏنو، هن جي مٿي تي پاتل ڪيپ لهرائي چيڪ ڪئي، هن جا شوز لهرائي چيڪ ڪيا ته هن کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ هن ڪاوڙ مان پوليس واري کي چيو:

بيلٽ ڪولي پينٽ لاهي اندرويئر ٻه چيڪ ڪرايان متان ان ۾ ڪجهه لڪايل نه هجي؟

توهان شاگردن جي کُلم کلي تذليل ڪري رهيا آهيو چيڪنگ اهڙي طريقي ڪريو ٿا جو جڻ اسان کو خطرناڪ ڏوهاري هجون. . !!

پوليس واري گرم ٿيندي هن کي ڏڪو ڏيندي چيو:

ڪامريڊ جا پٽ! چپ ڪري هتان نڪري وڃ نہ تہ ڊيوٽي اٽڪاءُ جي ايف آءِ آر ۾ لاڪپ ۾ هڻي ڇڏيندو سانءِ. . !!

پوليس واري جي انهي جملي تي ساجد کي ويتر ڪاوڙ آئي هن چيو:

ڇو. . . لاڪپ ۾ ڇو هڻندين؟ آئون کو ڏوهاري آهيان جو لاڪپ ۾ ڪندين؟

پوليس واري ويتر رُعب ڪندي چيو:

هاڻي چپ ڪري هتان نڪرين ٿو يا هڻون موبائل ۾؟

ساجد ڪاوڙ مان پڙڪندي روانو ٿيو. . !!

اڄ هي فلاسافي ڊپارٽمينٽ وڃڻ بجاءِ پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي محرم خان سيمينار لائيبريري ۾ وڃي ويٺو. . !!

پوليس وارن سان منهن ماري جي ڪري هن جو موڊ خراب ٿي ويو هو. . !!

لائيبريري ۾ ڪنهن سان ڳالهائڻ بجاءِ هي ڪتاب کولي ان ۾ منهن هڻي ويٺو هو. . !!

هو ڏانهن ياسمين هن جو انتظار ڪري رهي هئي ان جڏهن ڏٺو تہ ڪلاس جو ٽائيم ٽيڻ وارو آهي ۽ ساجد اڃان تائين نہ پهتو آهي تہ هن ساجد جو نمبر ڊائل ڪيو پر ساجد جو نمبر بند هو. . !

هن کي ڪتڪو ٿيو تہ متان ساجد پوليس وارن سان منهن ماري ڪري ڪنهن مسئلي ۾ نہ اچي ويو هجي، اهو سوچي هن ڪلاس ڇڏي ڏنو ۽ ساجد جي ڊپارٽمينٽ ڏانهن رواني ٿي. . !

ساجد جي ڊپارٽمينٽ جي سيمينار لائبريري ۾ هن ساجد کي اچي ڏٺو. . !

ساجد هن کي ڏسي مسڪرائيندي چوڻ لڳو:

ياسمين اچو. . . اچو ويهو. . !!

ياسمين هن جي پر واري ڪرسي تي ويهندي هن کان پڇيو:

ڇا ٿي ويو جو اڄ مون ڏانهن ڪو نہ آئين؟

ساجد مسڪرائيندي سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي ۽ چيائين تہ پوليس وارن جي رَوَيي جي ڪري ڏاڍي ڪاوڙ ۾ هئس ان ڪري تو ڏانهن اچڻ مناسب نہ سمجهيم. . . !!

ياسمين: ڪاوڙ پوليس واري تي هئي پر مون ڏانهن ڇو ڪو نہ آئين؟ مونکي بہ اهو ئي شڪ هو تہ متان پوليس وارن سان ڪو مسئلو ڪيو هوندئي متان پوليس توکي ڪٽي نہ وئي هجي، ان ڪتڪي م آئون تنهنجي پٽيان هتي آئي آهيان. . !!

ساجد هلڪو ٿڪ ڏيندي چيو:

پوليس وارن تہ موبائل ۾ هنيو ٿي پر بچي ويس. . !

ياسمين چهري تي گهنج آئيندي فڪر ۾ چيو:

تون مهرباني ڪري ان پوليس وارن سان نہ اٽڪندو وڃ جڏهن پاڻ صاف آهيون تہ هو پلي پيا چيڪنگ

ڪن. . !
تون پليز آئينده هنن سان منهن ماري نہ ڪجا. . !
ساجد: مسڪرائيندي چيو:
ياسمين! اڄ هڪڙي ڳالھ جي ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي. . !!
ياسمين: ڪهڙي ڳالھ جي؟
ساجد: ڳالھ اها آهي هاڻي مون کي يقين ٿي ويو آهي تہ هتي ڪو آهي جنهن کي منهنجو فڪر رهي ٿو ڪو آهي جيڪو مون لاءِ سوچي ٿو. . !!
مهرباني ياسمين تنهنجي جو تون منهنجي فڪر ۾ منهنجي لاءِ هتي منهنجي ڊپارٽمينٽ آئين. . !!
ياسمين: نہ ساجد، مهرباني چوڻ جي ضرورت نہ آهي آئون پنهنجي دل هٿان مجبور هئس، مون کي منهنجي دل هتي وڃي آئي آهي. . !
ساجد ياسمين ڏانهن گهوريندي چيو:
ياسمين. . . ؟
ياسمين: جي ساجد؟
ياسمين ساجد ڏانهن ڏسندي چيو:
ياسمين ٻاهر هل ڪچهري ڪيون. . !!
ياسمين: ٻاهر. . . ؟ ٻاهر ڪٿي هلون. . . . ؟
ساجد: ٻاهر سي ايل کان اڳيان استيتستڪس ڊپارٽمينٽ واري لان جي اولهندي ڪنڊ ۾ ٿا هلي ويهون. . !
ياسمين: هل! ايترو پري. . . ؟
ياسمين تعجب ۾ چيو:
ساجد: هي تہ پيو آهي ڪهڙو پري آهي. . ؟
ياسمين: هلو پلي. . .
ساجد ۽ ياسمين محرم خان سيمينار لائبريري ما نڪري ٻاهر فيڪلٽي جي مين گيٽ ڏانهن روانا ٿيا فيڪلٽي جي مين گيٽ وٽ ساڄي پوليس وارا بيٺا هُئا، جڏهن هي اُتان گذريا تہ ياسمين پوليس وارن سان مخاطب ٿي انهن کي چيو تہ آئينده هن چوڪري جي تلاشي نہ وٺجو هن چوڪري ۾ آئون ضامن آهيان. پوليس وارا جيڪي ياسمين کي سڃاڻيندا هئا تہ هي پروفيسر خليق الزمان جي ڏي آهي پوليس وارن ڏٺو تہ هي چوڪرو ڪو وڏي ماڻهو جو پٽ ٿو لڳي جو هن جي شخصي ضمانت پروفيسر جي ڏي ٿي ڪٽي سو يڪدم چيائون:
ٺيڪ آهي هاڻي هن چوڪري جي تلاشي نہ وٺنداسين. . !
ساجد ۽ ياسمين جڏهن استيتستڪس ڊپارٽمينٽ جي لان جي اولهندي ڪنڊ ۾ پهتا تہ هنن هڪبئي جي گوڏن سان گوڏا ملائي پلٽي هٽي ويٺا. . !!
ياسمين ويهندي ئي ساجد کان پڇيو:

هيڏي يونيورسٽي ڇڏي تون مون کي هتي ڇو وٺي آيو آهين؟
ساجد: اڙي يار، هي اهڙي مخصوص جاءِ اٽئي جتي لان ۾ ويٺل کي ٻاهريون ماڻهو نٽو ڏسي سگهي ان کان علاوه هن جڳهه جا ٽيئي پاسا ٻوٽن جي قطارن سان بند آهن، ٽن سائيڊن کان نه کو ماڻهو سولائي سان اچي ٽو سگهي ۽ نه ئي ڏسي ٽو سگهي باقي هڪ ئي پاسو ڊپارٽمينٽ جي سائيڊ وارو ڪليل آهي جتان پاڻ آيا آهيون اُتان جيڪڏهن کو ماڻهو آيو ته پري کان ئي ڏسي ونبو. . . !
هي جڳهه ايل ايس پي آهي.
ياسمين: ايل ايس پي جو مطلب ڇا آهي؟
ساجد: ايل ايس پي جو مطلب آهي.
"lover`s secrect place"
ياسمين: اڇا. . . اڇا
ائين چئي ساجد ياسمين کي وڌيڪ ويجهو ٽيڻ لڳو ۽ سندس هٿ ياسمين جي سنهڙي آنگرين ۾ ڦاسائي ان کي ٻاڪر ڏانهن ڇڪيائين. . !
ياسمين سميٽجي ٻاڪر ۾ چنبڙي وئي. . !
هو ڏينهون ڏينهن هڪٻئي کي وڌيڪ ويجها ٽيندا ويا هنن جي عشق جو قصو فيڪلٽي کان ويندي پوري يونيورسٽي ۾ مقبول ٽيڻ لڳو، هر کنهن کي هنن جي محبت جي داستان جي خبر پوڻ لڳي هئي، هي ٻه ماڻهن جي پرواهه ڪرڻ کان بغير محبت جي چيچ جهلي هلڻ لڳا هئا. . !
ماڻهن کان لاپرواهه ٿي هي هڪٻئي ۾ سمائجڻ لڳا هئا، هنن جي ايتري محبت ڏسي هنن جي جوڙي تي فيڪلٽي جا ليلا مجنون نالو مشهور ٿي ويو هو، هنن جي جوڙي يونيورسٽي ۾ ايتريقدر مشهور ٿي وئي جو شاگرد هنن جي نالي منسوب ٿي ويل جڳهن جو ذڪر ڪندي مثال ڏئي چوندا هئا ته هلو ته هلي ايل ايس پي تي هلي ويهون جتي فيڪلٽي جا ليلا مجنون ويهن ٿا. . . !!
هنن جي ويهڻ جون ٻه مشهور جڳهيون هيون، هڪ فيڪلٽي واري ٽيچرس ڪيفي ڪينٽين پيو استيٽستڪس واري لان جيڪا ايل ايس پي جي نالي مشهور ٿي وئي هئي.
هو اڪثر انهي ٻنهي جڳهن مان کنهن هڪ جڳهه تي دنيا کان لاتعلق ٿي پنهنجي مستي ۾ ويٺل هوندا هئا. . !
اها چوڏهين جي روشن رات هئي، دڳن تي چمڪندڙ چانڊوڪي فطرت جي حُسن جو شاهڪار منظر پسائي رهي هئي. . . !
ساجد ۽ ياسمين جي فون تي ڳالهه ٻولهه جاري هئي، هو موبائل فون ذريعي هڪٻئي سان ڪئمپس تائمنگ کانپوءِ ٻه ڳنڍيل رهندا هئا. . . !
ان رات ٻه مسلسل هو ڏينهن ڪلاڪ لاڳيتو ڳالهائي چڪا هئا، اڃان هنن جي ڳالهين جو چيڙو نه آيو هو. . . !
ڳالهيون جيڪي کنهن ماڻهو سان ڳالهائڻ ۾ ڪتنديون ئي ناهن ۽ کنهن سان ڳالهائڻ لاءِ ڪا ٻه ڳالهه ملي ناهي سگهندي. . . !

ٻڌ ياسمين!
ساجد فون تي ڳالهائيندي ويهاٽي کي پاڪر پائيندي چيو.
ياسمين: ها ساجد ٻڌاءِ؟
ياسمين صوفي سيٽ تي ليٽندي چيو.
ساجد: اڄ رات ڪيڏي نہ دلڪش آهي، تون اڄ تہ اڄ رات گڏجي گذاريون. . . ؟
ياسمين: نہ شادي کان اڳ ۾ رات گڏجي ڪو نہ گذاريندا سين شادي کان اڳ ۾ مائٽن جي عزت کي خراب ناهي ڪرٽو. . !
ساجد: پوءِ اڄ تہ شادي ڪريون. . . !
ياسمين: شادي. . . . ؟ هينئر ئي. . . ؟ ايترو جلد. . . . ؟
ساجد: ها پوءِ ڇا آهي؟
ياسمين: ڊگري تہ ڪليئر ڪريون؟
ساجد: ڊگري الائي ڪڏهن ملي؟ منهنجي تو ڪانسواءِ نٽي سري. . . !!
ياسمين: منهنجو بہ تو ڪانسواءِ وقت نٽو گذري. . . !!
سچ تہ اهو آهي جو آئون پاڻ بہ چاهيان ٿي تہ پاڻ هاٽي شادي ڪريون.
ساجد: پوءِ دير ڇا جي آهي؟
ساجد بي چين ٿيندي چيو.
ياسمين: تنهنجا گهر وارا سخت مزاج آهن، پهرين تون انهن سان ڳالهاءِ، انهن کي راضي ڪر، پوءِ آئون بابا سان ڳالهائيندس مونکي پوري اميد آهي چو تہ بابا مون کي ڪنهن بہ ڳالهہ جو انڪار نہ ڪندو آهي مون کي يقين آهي تہ هو منهنجي خوشي ۾ خوش هوندو. . !!
ساجد: ٺيڪ آهي آئون پنهنجي گهر وارن سان ڳالهائيندس ۽ تون بہ پيلي پنهنجي گهر وارن سان ڳالهائجانءِ. . . . !!
ائين چئي ساجد خدا حافظ چيو ۽ ڪال ڊراپ ڪئي. . . !!
ٻئي ڏينهان ساجد صبح سوير ئي سندس ننڍي ڀاءُ مبين کي يونيورسٽي گهرايو. . . !!
شام جو جڏهن مبين ساجد وٽ پهتو تہ خوش خيرات کانپوءِ هن ساجد کان ايمرجنسي ۾ گهرائڻ جو سبب پڇيو:
ساجد مبين سان مخاطب ٿيندي وڏي بي حسي سان ٻڌايو.
ساجد: مبين توکي ايمرجنسي ۾ هتي تکڙو گهرائڻ جو اهم مطلب آهي. . !
مبين: ها ادا ٻڌائي خير تہ آهي نہ ؟
ساجد: پهرين تون مون کي ٻڌاءِ تون منهنجي هن ڪم ۾ مدد ڪيتري ڪندين؟
مبين: ادا مدد تہ ڇا تو وڏي ڀاءُ لاءِ سڀ ڪجهہ حاضر آهي.
ساجد ڳالهہ شروع ڪندي چيو:
مبين هڪڙو زندگي جو وڏو فيصلو ڪري وينو آهيان.

مبين: ڪهڙو فيصلو ادا؟
ساجد: فيصلو اهو ڪيو اٿم ته يونيورسٽي ۾ هڪ ڇوڪريءَ وٽ آئون تمام گهٽو مجبور آهيان آئون ان سان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان. . . . !!
مبين ساجد جي وات مان اهي شادي جا لفظ ٻڌي حيران ۽ پريشان ٿي ويو ۽ جذباتي انداز ۾ چوڻ لڳو:
ساجد تو کي يونيورسٽي ۾ رهي سُرت ڇڏائي وئي آهي ڇا؟ هي تون ڇا پيو چوين؟ توکي خبر ڪونهي ته پويان ڳوٺ ۾ تنهنجي مڱڻي ٿيل آهي ۽ اها ويچاري جڏڻي ڇوڪريءَ تنهنجون ڏينهن رات راهون پئي ڏسي، هو صرف تنهنجي خاطر ئي زندهه آهي، هن کي جڏهن تنهنجي انهي عشق جي خبر پئي ته هو صفا مري ويندي، هن جو هينئون ڦاٽي پوندو.
ساجد: ڪير به ڪنهن لاءِ ڪو نه ٿو مري تون اجايا وهم نه ڪر.
مبين: آئون تو کي صحيح ٿو چوان اهو سراسر غلط آهي اها سراسر ويساهه گهاتي آهي . . !!
ساجد: بس. . . جيڪو به آهي اهو منهنجو آخري فيصلو آهي. . !
مبين: نه ساجد. . . تون ائين نه ڪر ادا. . . !
ساجد: اهو منهنجو حتمي فيصلو آهي جيڪڏهن اوهين انهي ڳالهه ۾ منهنجي مدد نه ڪندا ته آئون ڪجهه به ڪري سگهان ٿو. . . !!
مبين: ڪجهه به مطلب؟
ساجد: ڪجهه به جو مطلب ته جيڪڏهن اوهان منهنجي مدد نه ڪئي ته آئون هن ڇوڪريءَ سان ڪورٽ ميرج ڪندس يا پاڻ کي ماري ڇڏيندس. . !!
ساجد جا اهي لفظ ٻڌي مبين ماٺ ۾ پئجي ويو. . !!
مبين منهن لاهي ڳٽتي واري حالت ۾ چيو؟
هن معزور جو ڇا ٿيندو جيڪا تنهنجي ڪري ئي زنده آهي؟
ساجد: انهي جي قسمت انهي سان.
مون ڪو ان جڏي جو نيڪو ڪنيو آهي ڇا؟ وجي جيئي مري، منهنجو ڇا؟
آئون هن جڏي سان شادي ڪري سڄي زندگي عذابن ۾ وجهڻ ڪو نه ٿو چاهيان. . . !!
مبين هن جو لهجو ڏسي سمجهي ويو ته ساجد پنهنجي وس ۾ ڪونهي ۽ هو هاڻي ڪا به ڳالهه نه مڃيندو.
هن لاچار گي ظاهر ڪندي چيو.
ساجد. . . . تنهنجي مرضي. . .
باقي اهڙي ويساهه گهاتين جا نتيجا اڪثر پڇتاءُ تي ڪتن ٿا. . !
پنهين جي وچ ۾ ڪجهه دير خاموشي ٿي وئي. . . !!
مبين مٿي تي ٻئي هٿ رکي سي ـ سي جي لان تي چپر پٽيندو رهيو. . . !!
ڪجهه دير خاموشي کانپوءِ مبين چيو:
توکي اندازو آهي ته تنهنجي انهي ڪم سان ڳوٺ ۾ ماڻهو پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ڇا چوندا؟
۽ هو چاچا احمد علي وارا ڇا سوچيندا تنهجي باري ۾؟

ڪلهه تون انهن سان واعدا وچن ڪري آيو آهين؟
ساجد: هو ڇا سوچيندا ڇا ڪندا، ان جي مونکي ڪا به پرواهه ڪونهي. . . !
مون کي بس هن ڇوڪريءَ سان ڪنهن به حالت ۾ شادي ڪرڻي آهي ۽ انهي جي لاءِ آئون اوهان سڀني ۽ هن دنيا کي به ڇڏي سگهان ٿو. . . !!
مبين ساجد جي حالت ڏسي سمجهي ويو ته هن سان ڳالهائڻ فضول آهي، هي پنهنجي وس کان ٻاهر نڪتل آهي ان ڪري هي چپ ڪري ويو. . !!
صبح جو سوير مبين ساجد کان بغير موڪلائڻ جي نڪري آيو ۽ گهر پهچي گهر وارن کي سڄي ماجرا ٻڌائيندي چوڻ لڳو:
بابا! ساجد هڪ ڇوڪريءَ جي عشق ۾ ايترو انڌو ٿي ويو آهي جو پنهنجو سڀ ڪجهه ڇڏي ان ڇوڪريءَ سان شادي ٿو ڪري. . . !!
غلام عباس: هي. . . هي تون ڇا ٿو چوين مبين؟
غلام عباس حيرت گاڏڙ غم ۾ ٻڏندي ترندي چيو،
مُبين: بابا آئون بلڪل سچ ٿو چوان هن مون کي يونيورسٽي انهي ئي ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ گهرايو هو. . . !
بابا هو ڇوڪريءَ وٽ وڏو مجبور ٿو لڳي، ان ڇوڪري لاءِ چوي ٿو اوهان سڀني کي ڇڏي ڏيندیس يا زهر کائي مرندس پر ان سان شادي ضرور ڪندس. . . !!
غلام عباس: پوءِ ڇا هو پنهنجي مڱ سنبل کي ڇڏي ٿو؟
مُبين: ها بابا ان لاءِ چوي ٿو ته اها جڏي آهي ۽ آئون جڏڙي سان شادي ڪونه ڪندس. . !!
غلام عباس اها ڳالهه ٻڌي ڪاوڙ مان ٻاهه ٿي ويو ۽ ڏڪندي چوڻ لڳو. . . !!
هن جو ايترو دماغ خراب ٿي ويو آهي جو پنهنجي مڱ کي ڇڏي وڃي ڏاري عورت سان پرٽو ڪندو؟
نه ائين ڪونه ڪرڻ ڏيندس. . . . !!
سپاٽي آئون وڃان ٿو يونيورسٽي وڃي نيڪ ٿو ڪريانس. . . !!
ساجد جي ماءُ غلام عباس کي سمجهائيندي چوڻ لڳي. . .
غلام عباس ايتري ڪاوڙ ڇگي ناهي، ڪجهه سوچ ويچار ڪر. . . اڪثر ڪاوڙ ۾ ڪيل فيصلن تي پڇتائڻو پوي ٿو. . . !
تون ساجد کي زوري جيڪڏهن سنبل سان پرٽائيندي ته سپاٽي جيڪڏهن هن سنبل کي نه نهاريو ته ان جو ذميوار ڪير ٿيندو؟
غلام عباس: ڇا مطلب آهي تنهنجو سڪينا؟
سڪينا: منهنجو مطلب آهي ته زندگي ساجد کي گذارڻي آهي هو ٻار ڪونهي پنهنجو ٻُرو ڀلو خود سمجهي ٿو، ڀلي پنهنجي حياتي جو اهم فيصلو پاڻ ڪري سپاٽي پاڻ کي ائين نه ڇئي ته بابا ۽ امان وارن منهنجي حياتي خراب ڪئي. . . !!
سڪينا اڃان ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي چوڻ لڳي:
پاڻ ته گهٽو ئي چاهيون ٿا ته پنهنجن سان سگهاوتي ڪري پنهنجن سا گڏ جون پر قسمت ۾ ائين ٿيڻو

ناهي تہ پاڻ چا ٿاکري سگھون؟
منھنجي مڃين تہ ساجد کي ڇڏي ڏي ان کي زوري نہ پرٽائي متان تنھنجو ضد پنھنجي ٻچي لاءِ نقصانڪار ثابت ٿئي. . . !!
سڪينا جون ڳالھيون ٻڌي غلام عباس مان ٿي ويو ۽ ڪجھ دير سوچڻ ڪانپوءِ چيائين:
سڪينا پوءِ ھن ويچاري جڏڙي ڇوڪريءَ جو چا ٿيندو جنھن سان پُٽين اڳ مڱيو وينو آھي، ۽ ھو احمد علي وارا چا سوچيندا؟
انھن کي ڪھڙو منھن ڏيڪاريندا سين جيڪي پنھنجي جڏڙي نياڻي جون سڀ اميدون پاڻ سان وابستہ ڪريو ويٺا آھن؟
سڪينا: بس. . . انھي جي قسمن انھي سان. . . !
سڪينا ٿڏو ساھ ڀرندي چيو. . !
غلام عباس: صبح جو وڃان ٿو ساجد ڏانھن. . . !
بس. . . صبح ٿئي وڃي ساجد سان ملان ٿو پوءِ ڏسان چا ٿو چوي ڪھڙو رُخ ٿو ڏي؟
سڪينا: ھا صحيح ٿو چوين . . تون وچ ۾ خيال ڪجا متان جذبات ۾ اچي ڪا اھڙي ڳالھ ڪرين جو پوءِ ويٺا پڇتايون. . . !
آئون تہ وري بہ توکي چوان ٿي ھن تي پنھنجو فيصلو زوري نہ مڙھجان جيڪڏھن ھو انھي ڳالھ ۾ خوش آھي تہ پاڻ ھن جي خوشي ۾ خوش آھيون. . . !!
ساجد جا والدين سندس اھڙي ڳالھ ٻڌي سڄي رات فڪر ۾ نہ سُتا. . . !!
صبح جو غلام عباس ساجد سان ملڻ يونيورسٽي وڃي ٿو يونيورسٽي پھچي ساجد سان ملي ٿو، ٻوائز ھاسٽل اڳيان سي ـ سي لان تي ساجد سان مخاطب ٿي غم ۽ غصي واري حالت ۾ چيائين:
ساجد! ھي مبين جيڪي ڳالھيون ٻڌايون آھن اُھي سچيون آھن چا؟
ساجد: ھا بابا اھو سچ آھي. . . !!
غلام عباس: پوءِ چا تون پنھنجي پھرين مڱ کي ڇڏي ڏيندي؟
پٽس سخت ناراضگي واري انداز ۾ چيو.
ساجد: ھا بابا ھن معزور سان گڏ آئون حياتي ڪونہ ٿو گذاري سگھان، مھرباني ڪري مون کي مجبور نہ ڪريو، منھنجي زندگي حرام نہ ڪريو. . . !
ھن جڏي سان ڪيئن عمر گذاري سگھندس، جيڪا اُٺڻ ويھڻ کان لاچار آھي. . . . !
ڪير سڄي زندگي ھن جي حاضري ڀرينڊو؟ سڀاڻي اھل اولاد آھي، ٻار ٻچا ٿيندا انھن جي ڪير ڪندو؟
ھو تہ پنھنجي بہ نٽي ڪري سگھي ان جي اولاد جي ڪير ڪندو؟
غلام عباس: ساجد ھوش ڪر. . . !!
ھو جڏڙي تنھنجي مڱ آھي جنھن کي تو ڪڏھن حَسين خواب ڏيڪاريا ھئا، جنھن سان تو ساڻ نياڻڻ جا واعدا وچن ڪيا ھئا، اڄ ھو بدنصيب معزور ٿي پئي آھي تہ تنھنجون سڀ ھمدرديون تنھنجا سڀ رشتا

هن سان ختم ٿي ويا آهن؟
واهہ. . . واهہ تو ۾ واقعي وڏي انسانيت آهي واقعي تون وڏو رحم دل انسان آهين. . .
واهہ. . . واهہ. . . !
غلام عباس ائين چئي رومال سان پنهنجا لڙڪ اُگهڙ لڳو. . . !!
ٿوري دير جي خاموشي کانپوءِ غلام عباس وري چوڻ لڳو. . !
تون هن معزور کي ٺڪرائي سنو نٿو ڪرين اسين توکي هروپرو مجبور نٿا ڪريون پر جيڪو ڪجهہ تون ڪرين پيو اهو سراسر غلط آهي اهڙي ويساهہ گهاتين جا نتيجا اڪثر پڇتاءُ تي ڪتن ٿا. . . !!
ساجد: بابا توهان خود سوچيو هن معزور جو بار آئون ڪيستائين کڻندس؟
بابا! آئون توهان کي هٿ ٻڌي عرض ٿو ڪريان تہ منهنجي زندگي خراب نہ ڪريو ۽ مون کي پنهنجي زندگي جو هي اهم فيصلو پاڻ ڪرڻ ڏيو. . . !!
نيٺ غلام عباس اولاد جي اڃيان پنهنجي ڳالهہ ڇڏي ۽ هن کي چوڻ لڳو:
پُٽ. . . تنهنجي مرضي. . .
تنهنجي خوشي انهي ڳالهہ ۾ آهي تہ نيڪ آهي اسان تنهنجي خوشي ۾ خوش آهيون، تنهنجي مرضي جيئن ڪر اسان تنهنجي پويان آهيون، تون پلي وجي پنهنجي مرضي سان شادي ڪر. . . !
اهو ٻڌي ساجد ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پٽس کي پاکر پائي چوڻ لڳو. . . !
مهرباني . . . . بابا. . . . وڏي مهرباني اوهان جي. . . . . !
غلام عباس ساجد کان موکلائي ڳوٺ روانو ٿئي ٿو تہ ساجد وڏي خوشي سان ياسمين کي فون تي چوي ٿو:
ياسمين. . . تو کي لک لک مبارکون هجن. . . !!
چا جون مبارکون. . . . ٻڌاءِ تہ سهي. . . ؟
ساجد: پهرين تون مبارکون تہ جهل. . . . !
ياسمين: ها ساجد خير مبارک. . . هاڻي تہ ٻڌاءِ؟
ساجد: ڪلهہ بابا هتي مون وٽ هاسٽل تي آيو هو.
ياسمين: پوءِ؟
ساجد: پوءِ مون ان کي پنهنجي شادي لاءِ راضي ڪري ڇڏيو آهي. . .
آئون اڄ ڏاڍو خوش آهيان. . .
اڄ مون کي ايتري خوشي ٿي آهي اڄ آئون ڪپڙن ۾ نٿو ماپان. . . !!
ياسمين: سچي ٻڌاءِ تو واقعي گهروارن کي راضي ڪري ڇڏيو؟
ساجد: ها. . . . ها سچ ٿو چوان. . . !
ياسمين: واهہ. . . . واهہ پوءِ تہ واقعي ڏاڍي خوشي جهڙي ڳالهہ آهي، مون کي بہ ڏاڍي خوشي پئي ٿئي. . . !
ساجد: هاڻي تنهنجو وارو آهي تون ٻڌاءِ تون پنهنجي گهر وارن سان ڪڏهن ٿي ڳالهائين؟

ياسمين: منهنجو تہ ڪو مسئلو ڪونهي، مونکي بابا وارن ۾ پرپور اميد آهي، هو منهنجي ڳالهہ رکندا. . . !
ساجد: پوءِ تہ واهہ واهہ ٿي ويندي ياسمين. . . !
تون بس. . . هاڻي جلدي ڪر پنهنجي گهر وارن سان ڳالهائي تہ جيئن شادي جي تاريخ پڪي ڪريون. . . !!
ياسمين: ها بلڪل آئون جلد ئي بابا وارن سان ڳالهايان ٿي. . !!
ساجد ءِ ياسمين سندن شادي ٿيڻ جي خوشي ۾ بيحد خوش ٿيڻ لڳا. . .

(11)

جڏهن اها ڳالهه واءُ ۾ ڦهلجندي سنبل جي ڪنن تائين پهتي تہ ساجد يونيورسٽي مان شادي پيو ڪري تہ هن پاڻ کي لحد م ليٽيل محسوس ڪيو، هن محسوس ڪيو تہ ڏرتي تي هڪ اهڙي موسم غالب ٿي وئي آهي جو وڻ پاڻيهي ئي سُڪن پيا ۽ پکي خودڪشيون ڪري پنهنجون زندگيون پيا وڃائين، هر پونمي رات ۾ احساسن ۾ ڦٽڪو جاري ٿي ويو آهي، ڪٽي بہ ڪو ڄانورو ناهي، پري پري تائين ڦهليل نٿڻ اُس ۽ وک وک تي چريليون آهن جن تي آئون ڇالا ٿي ويل پيرن سان اڪيلي بينل آهيان ۽ فضا ۾ اهڙو زهر محلول ٿي ويو آهي جو ساهه رکجي رکجي تڪليف سان کڄي پيو، ڪيفيتن جي انهي قهر ۾ لڙهندي سنبل زندگي کان فراريت جو حتمي فيصلو ڪري ڇڏيو ۽ هن مرڻ کان پهرين ساجد ڏانهن سڪرات جي آخري هڏڪي جو درد خط ۾ سمائي، آخري ميار جو روئندڙ لفظن سان هڪ المناڪ خط لکيو. .

هن لکيو:

"محبت زنده باد

پلي ڪيئي پلا پرين، توکي ائين نہ مناسب هوءِ،

لاءِ ڇت چريو ڪري، پاڻ ڪيڏي وئين پوءِ،

توڙي حُب نہ هوءِ، تہ بہ هوت نہ ڪجن هيڏيون. . . !

ساجد! مبارڪ هجيئي نئين پيار جي. . . !

بيوفا! توکان پوءِ رُلندڙ هي زنده لاش سدائين تو لاءِ انتظار ڪندي جاڳ جي آڳ ۾ جلندو رهيو آهي.

تنهنجون لاپرواهيون اکين تي ڪٽي بہ آئون جيئندي رهيس جنهن جو سبب صرف توکي هڪ دفعا اکين سان ڏسڻ هو. . . !!

مون کي ڏاڍو ڏک آهي تہ آئون آخري دفعو توکي هن جهان ۾ پنهنجي اکين سان نہ ڏسي سگهيس منهنجي مرڻ کانپوءِ منهنجي روح کي بہ تنهنجي ڏسڻ جي سِڪ رهندي. . . !!

ساجد! مون تنهنجو ايترو انتظار ڪيو جو تنهنجي اچڻ جي اوسيئڙي ۾ آئون رات ۽ ڏينهن جاڳي گذاريندي هُيس. . . !

هوائون جڏهن بہ در کڙڪائيندیون هيون تہ مون کي لڳندو هو تون آيو آهين. . . !

اوچتو ڪير دروازي تي دستڪ ڏيندو تہ مونکي اهو گمان ٿيندو هو تہ منهنجو ساجد آيو آهي. . . . !!

آئون سدائين انهي خوشفهمي ۾ رهندي هئس تہ مون کي پنهنجي وجود جو ساهه سمجهندڙ منهنجو ساجد مون معزور کي ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندو ۽ هو هڪ ڏينهن مون وٽ ضرور ايندو، آئون هن ڏوڻن ۾ ويهي ويل ڪمزور اکين سان توکي ڏسي تنهنجي ديد جي اُڃ لاهيندیس. . . !!

سچ تہ مون کي تنهنجي ديدار جي ايتري اُڃ هئي جو پٽائي چواٽي:

"جي سمنڊ منهن ڪريان، تہ سُرڪيائي نہ ٽئي"

تنهنجي سڪ جو سمنڊ منهنجي من ۾ سدائين تنهنجي ديدار لاءِ چوليون هڻندو رهيو جيڪو اڄ هن آخري ڪنيل ساهن تائين بہ چوليون هڻي رهيو آهي. . . !!

ساجد! ان سمي تنهنجو ملڻ سچ تہ جيون ڏان جي ازلي بشارت سان پُنرجنم جي دائمي واڌائي جو مترادف ثابت ٿئي ها جڏهن جو زندگي جي سُڪڙجندڙ رڳن ۾ رت ڇمندو پئي ويو نگاهن جي چاندوڪي ۾ حسناڪين جي سپيتا جا پُرڪشش منظر اکين جي آڪاش جي وسعتن تان الوپ ٿيندا پئي ويا، اُپ تي چمڪندڙ ستارن جي جهيڙي روشني ڪي اونداهہ جا ڪانڊي دفنائي رهيا هئا، پرهہ ڦُٽي جو گلن جي شائستگي جو طواف ڪندڙ پوپٽ نٽهڻ اُس سان پنئورن جي قبيلائي جهيڙي ۾ سخت ڪرباڪ حالت ۾ مارجي رهيا هئا، جنهن جي سوڳ ۾ هوائون سينہ ڪوبي ڪري رهيون هيون ۽ خوشبوءِ جلاوطني جو عتاب پوڳي رهي هئي. . . !!

لاڏاٽو قبيلن جي هجرت ويل اُڏايل ڏوڙ جهڙي هن زماني ۾ تنهنجو ملڻ سچ تہ دردن جي بي حَس صياد جي قيد مان رهائي جو الهام ثابت ٿئي ها. . . !!

تنهنجي بي پرواهہ رَوَيي جي ڪنورتا هميشہ اهو سخت تڪليفده تاثر ڏنو تہ هڪ طرفي محبت جا رت جي دريا مان گذرندڙ زوردار عشق جا سيئي رستا شمشان گهاٽ تي ڇيهہ ڪن ٿا. . . . !

ساجد! پرين ڪان پري رهي لمحا قيدي ڪيئن ٿين ٿا اهو بہ توکي پتو پئجي ويندو. . . !!

توکي عنقريب خبر پئجي ويندي تہ سچي محبت کي نڪرائي ويساهہ گهاتي ڪرڻ وارن جو آخري انجام پڇتاءِ جي پاٽي ۾ ٻڏندي ٿيندو آهي . . . !!

هاٽي غم سهڻ جي ايتري تہ عادي ٿي وئي آهيان جو هاٽي مون لاءِ ڪوبہ غم اوپرو ناهي ڇو جو منهنجي دل ٽانڊن جي وڇاٽي تي ليٽيل آهي، آئون هاٽي غالب جي انهي ستن تي عمل پيرا آهيان تہ:

"درد کا حد سي بڑہ جانا هي دوا بن گيا"

ساجد. . . . . هاٽي وڌيڪ آئون نٽي جي سگهان. . . هاٽي وڌيڪ مون ۾ تنهنجي جدائي جا سور سهڻ جي همٽ نہ آهي تنهنڪري الوداع. . . . ساجد هميشہ لاءِ الوداع. . . . . !!

هاٽي هي اپاهج وجود توکي ڪابہ ميار نہ ڏيندو تون پنهنجي نئين جيون ساٿي سان سدائين خوش رهجان. . . . !

هي خط تو وٽ پهچڻ کان اڳ ئي منهنجي ساهہ جو پکي هن جسم جي پڃري مان هميشہ لاءِ اُڏامي چڪو هوندو، جيڪڏهن نئين پيار مان ڪجهہ گهڙين لاءِ فرصت مليئي تہ اچي منهنجو ڪانڊي ٽيئجا تہ جيئن منهنجي روح کي تسڪين ملي تہ ساجد منهنجي آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيو پر جيڪڏهن تون ان تي بہ نہ پهچي سگهين تہ منهنجي قبر تي اچي نہ روئجان ڇو جو آئون توکي هميشہ ڪلندو ڏسڻ چاهيان ٿي تنهنجو روئڻ منهنجي تڪليف ۾ اضافي جو سبب بڻبو. . . !!

جيڪڏهن تنهنجي دل رنجائي هجيم تہ معاف ڪري ڇڏجان. . .

تنهنجي بدنصيب

سنبل. . . . !!"

سنبل هي خط لفافي ۾ بند ڪري ٽپال ذريعي ساجد ڏانهن موڪليو ۽ پوءِ پاڻ زندگي کان فراريت واري

رستي تي نڪري پئي. . . !!
هن آخري ڀيرو پنهنجي ڪمري ۾ نظرون ڦيرايون ۽ ڪمري ۾ ساجد سان گڏ گذاريل ڏينهن هن جي ذهن تي تري آيا ۽ انهي سوچ جي تسلسل ۾ هن الائي ڪيترا ڳوڙها اکين مان هاري ڇڏيا. . . !!
الائي ڪيترا سڏڪا پيار جي آخري ميار تي ڪمري ۾ گونجندا رهيا. . . !!
آخري ڀيرو هي پنهنجي ذاتي ڊائري کڻي پڙهڻ لڳي جنهن ۾ هڪ هنڌ تي ساجد جي هٿ اکرن سان هي نوٽ لکيل هو:
"سنبل منهنجي زندگي آهي. . . منهنجي زندگي جي هر خوشي آهي، جيڪڏهن آئون هن کي وساريان تہ ان ڏينهن پاڻ کي ٻوڙي ماريان "
ساجد جي هٿ اکرن سان لکيل نوٽ پڙهي سنبل اوچنگارون ڏيندي چپن ۾ ٻڌڪيو. . .
اها سنبل اڄ توکان وسري وئي آهي. . . . !
اها اڄ تو لاءِ هميشہ هميشہ لاءِ مري چڪي آهي . . . . !
ائين هو ڪمري ۾ مسلسل روئندي رهي. . . . !
روئندي روئندي هن انهي نوٽ هيٺيان اردو جو هي شعر لکيو.
مرتي هين تيري عشق مين، مرني کي بعد کيا هوگا؟
ڪفن انها کر ديکهنا، لبون پر تيرا نام هوگا. . . !!
ڊائري تي اهو شعر لکي هن ڊائري کُليل ئي ڇڏي ۽ وهيل چيئر جي ڦيٽن کي ڦيريندي احمد علي جي ڪمري ڏانهن رواني ٿي جتان شوڪيس ۾ پيل هڪ خاني مان احمد علي جي الماڙي جي چابي کنيائين. . . !!
چابي کڻي الماڙي کولي الماڙي ۾ پيل پستل کڻي چيمبر ۾ گولي وجهي، پستل ڪاڪ ڪري پنهنجي لونٽي تي فائر ڪنيائين. . . !
ٽڪا سان سجو ڪمرو وڃي ويو ۽ هو وهيل چيئر تان وڃي هيٺ پٽ تي ڪِري. . . . !!
سندس رت اکين ۽ وات مان ٽيندو فرش تي ريلا ڪندي وهڻ لڳو. . . !
پستل جو ٽڪاءُ ٻڌي ڪجهہ گھڙين ۾ ئي سڀ گھر ڀاتي ڊوڙي ڪمري ۾ پهتا جتي پٽ تي ڪريل رت ۾ لٿ پٽ سنبل جو لاش ڏسي گھر ۾ قهرام مچي ويو، روج راڙو آهہ و زاري شروع ٿي وئي ۽ گھر جو سجو ماحول ماتم ۾ تبديل ٿي ويو. . . !!
جڏهن ڳوٺ ۾ اها ڳالهہ پکڙي تہ سنبل پنهنجو پاڻ کي ماري ڇڏيو آهي تہ ماڻهو آهہ و زاري ڪندي ان ڪمري ۾ آيا جيڪو رت سان ڳاڙهو ٿيل هو. . . !!
چئني پاسي هاءِ گھوڙا جا ڏُکدائڪ آواز هئا سجو ڳوٺ ان درد ناڪ واقعي جي سوڳ جي لهر ۾ ٻڏي ويو هو. . . !!
جڏهن اها ڳالهہ واءُ ۾ اُڏندي وجي ساجد جي سماعتن تائين پهتي تہ. . . اڄ صبح جو سنبل پاڻ کي گولي سان ماري ڇڏيو آهي، تہ وقتي طور هن کي ٿورو ڏک ٿيو پر وري ياسمين سان شادي واري ڳالهہ سوچي هن انهي المناڪ واقعي کي درگذر ڪري ڇڏيو. . . !!

هن سوچيو تہ انهي واقعي کانپوءِ ڳوٺ وارا متان مون کي فون ڪري تنگ نہ ڪن سو هي پنهنجو موبائل فون بند ڪري سمهي پيو. . . !!

سنبل جا مائٽ پنهنجي ڏي جو لاش رکي ساجد جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا تہ متان جيئري تہ ڪونہ آيو پر مرڻ کانپوءِ اچي ڪانڌي ٽئي. . . !!

سجو ڏينهن لاش هن جي اچڻ جي انتظار ۾ پيو رهيو پر هو موبائل بند ڪري لاپرواهہ ٿي ستو پيو هو. . . !!

جڏهن شام ٿي سج لهڻ وارو هو تہ سنبل جي گهر وارن ساجد جي اچڻ جو آسرو لاهي هن جو مڙهہ متي حوالي ڪيو. . . !!

سنبل جي تدفين کانپوءِ سيئي ڪانڌي موٽي آيا پر غلام عباس قبر تي اوچنگارون ڏئي روئندو رهيو ۽ پنهنجي پُٽ جي ظلمن جي معافي ونندو رهيو. . . !!

ڪافي وقت تائين قبر تي روئي پِٽي اُهو بہ گهر ڏانهن موٽي آيو. . . !

ساجد گهر وارن جي فونن ۽ ميارن جي ڪري نمبر بند ڪري سويل سمهي پيو هو. . !

صبح جو سوير ساجد يونيورسٽي آيو، ڪلاس ۾ هڪ نئين نمبر تان هن کي ڪال آئي. . . !

هن ڪال اٽينڈ ڪئي. . . !

السلام عليڪم، جي ڪير ساجد؟

ساجد: جي. . . جي ساجد. . . !!

ٽپالي: آئون ٽپالي نعيم ٿو ڳالهايان، توهان جي نالي هڪ لفافو آيو آهي، اُهو توهان کي ڪٿي پهچائي وڃان؟

ساجد: آئون آرٽس فيڪلٽي ۾ سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ آهيان اُتي اچي ڏئي وڃو. . . !!

نعيم: جي بلڪل نيڪ آهي آئون اچان ٿو. . !!

ڪجهہ دير ۾ ٽپالي اچي ٿو ۽ ساجد کي اهو لفافو ڏئي ٿو جنهن ۾ سنبل جا آخري جذبات تحرير ٿيل هئا. . . !!

ساجد لفافو کولي خط پڙهڻ لڳو. . . !!

سنبل جو آخري ميار وارو انتهائي جذبات سان سرشار خط پڙهيائين تہ هن جي پيرن هيٺيان زمين نڪري وئي. . . !!

هن کي سنبل جي لامحدود محبت جو احساس ٿيڻ لڳو ۽ پچتاءُ جي طوفان ۾ هن پاڻ کي بليڊ جي ڌار تي بيٺل محسوس ڪيو. . . !!

هن محسوس ڪيو تہ سندس وجود طوفانن جي زد ۾ اچي ويو آهي. . . !!

سنبل جي هن سان ايتري حد تائين جنونيت واري محبت ڏسي هاڻي هن کي اهو احساس شدت سان ٿيڻ لڳو واقعي مون کان عظيم غلطي ٿي وئي آهي. . . !

غلطي جي احساس ٿيڻ کانپوءِ هن پاڻ تي سخت ملامت ڪئي. . . !!

غم جي گھٽائن جي گھيري ۾ هن سنبل کي ۽ سنبل جي محبت کي ياد ڪندي اوچنگارون ڏيڻ شروع ڪيون. . . !
روئندي اوچنگارون ڏيندي چوڻ لڳو. . . !
سنبل. . . تو هي ڇا ڪيو. . . ؟ تو هي ڇو ڪيو. . . . ؟
واقعي مون کان عظيم غلطي ٿي وئي، آئون توکي وقت تي سمجهي نہ سگهيس . . . . !!
مون کي معاف ڪر. . . !!
هن جي روئڻ جو آواز ٻڌي هن جا ڪلاس فيلوز ڊوڙي آيا ۽ هن کان پڇڻ لڳا:
ساجد ڇا ٿيو. . ؟ ڇو ٿو روئين؟
ساجد ڪنهن کي بہ ڪوبہ جواب نہ ڏنو ۽ بس روئندو رهيو. . . !
هڪ ڇوڪري ڊوڙندي وڃي فلاسافي ڊپارٽمينٽ ۾ ياسمين کي ٻڌايو:
ساجد کي الائي ڇا ٿيو آهي؟ هو رڳو وينو روئي ۽ ٻڌائي ڪجهہ بہ نٿو. . . . !!
ياسمين اهو ٻڌي گهبرائجي وئي ۽ ڪتاب اُتي ئي ڇڏي تڪڙي تڪڙي ساجد ڏانهن آئي. . . . !!
ساجد کي ڏسي حيراني مان پڇڻ لڳي. . . !!
ساجد ڇا ٿيو آهي. . . . ؟
تون. . . .
تون ايترو روئين ڇو پيو؟
ساجد ڪوبہ جواب نہ ڏنو ۽ هٿ ۾ جهليل خط ياسمين کي ڏيندي وري اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو. . . !
ياسمين ساجد کان خط وٺي تڪڙي تڪڙي پڙهڻ لڳي. . . !!
ياسمين خط پڙهي ساجد کان حيرت مان پڇيو:
هي ڪنهن جو خط آهي؟
هي سنبل ڪير آهي؟
هن سان ڪهڙو ظلم ڪيو اٿئي؟
ساجد: ياسمين. . . .
اها سنبل منهنجي مڱ هئي. . .
منهنجي انهي سان مڱڻي ٿيل هئي. . .
ياسمين حيران ۽ پريشان ٿيندي چوڻ لڳي. . . .
هي. . . . . هي تون ڇا پيو چوين؟
ساجد: ها. . . . ياسمين سچ ٿو چوان. . . . !
اها سنبل منهنجي مڱ هئي، مون ان سان ويساهہ گهاتي ڪئي، مون ان سان ظلم ڪيو، سنبل سان منهنجي مڱڻي ٿيل هئي ۽ هو مون سان بي حد پيار ڪندي هئي. . . . !
هڪ روڊ حادثي ۾ هن جون ٻئي ٽنگون ڪپجي ويون ۽ هو معزور ٿجي وئي. . . . . !
مون هن کي هن جي معزور هجڻ جي سبب ٺڪرائي ڇڏيو هو، هن جي لامحدود پيار کي ٺُڏي ڇڏيو هو. .

. . !

اهو خط هن خودڪشي ڪرڻ کان اڳ ۾ مون ڏانهن لکيو هو. . . !

آئون هن جي وفائن کي وقت تي سمجهي نہ سگهيس، مون کي هن کي سمجهڻ ۾ گهڻي دير لڳي وئي. . . . !

ياسمين مون کان وڏي پُل ٿي وئي. . . !

مون کان وڏي خطا ٿي وئي. . . !!

ائين چئي ساجد زارو زار روئندو رهيو. . . . !!

ياسمين سخت ڪاوڙ مان چيو:

مڪار. . . . . دوکيباز. . . . . تو هيڏي وڏي ويساهہ گهاتي ڪئي؟

تو هي هيڏي وڏي ڳالهہ مون کان ڇو لڪائي رکي؟ تو ڇو مونکي اڳ ۾ هن معاملي بابت نہ ٻڌايو؟

ساجد: مونکي ڊپ هو تہ منهنجي مڱڻي جو ٻڌي تون مونکي ڇڏي ويندين تنهنڪري تو کان اها ڳالهہ لڪايم. . .

ساجد روئندو ٻہ رهيو ۽ ياسمين کي التجائون ٻہ ڪندو رهيو. . .

ياسمين: تو هيڏو وڏو ظلم ڪيو؟

تو ايترو قهر ڪيو پنهنجي مڱ سان. . .

سا ٻہ هڪ معزور ۽ جڏڙي سان؟

تون وڏو ظلم آهين. . . . تون وڏو دوکيباز آهين. . . .

تو هن جي ۽ منهنجي ارمانن جو قتل ڪيو آهي، تون وڏو قاتل آهين، تون انسان آهين پر انسان جي ڪَل ۾ جانور آهين، تو ۾ انسانيت جو ذرو پُرزو ڪونهي. . . .

ياسمين روئندي ميارون ڏيندي سخت ڪاوڙ مان چوڻ لڳي هئي. . . .

ساجد: بس. . . هاڻي وڌيڪ مون تي ملامتون نہ ڪر. . . !

آئون واقعي تنهنجو ڏوهاري آهيان، مون کان وڏي غلطي ٿي آهي.

ياسمين: تو غلطي نہ پر تو قتل ڪيو آهي، سنبل جي خودڪشي جو تون ذميوار آهين. . . . !

هن تنهنجي بيرُخين، تنهنجي بيوفائين جي ڪري پنهنجو پاڻ کي ماري ڇڏيو. . .

تو وڏو بي رحم قاتل آهين. . .

تو منهنجي جذباتن، منهنجي احساسن سان ٻہ ڪيڏيو آهي. . . .

تون منهنجي ارمانن جو ٻہ قاتل آهين. . . !

جيڪو ڪنهن معزور ۽ معصوم کي ڏوکو ڏئي ٿو سگهي اهو پٿر دل انسان ڪنهن سان ٻہ سچو نٿو ٿي سگهي. . . .

ساجد تون بيوفا آهين. . . . بي مرَوت آهين. . .

ظالم آهين. . . حيوان آهين. . . درندو آهين. . . . تون انسان نہ بلڪہ جانور صفت وحشي انسان آهين. . . .

ائين چئي ياسمين روئندي روئندي رواني ٿي وئي. . .
ساجد رڙ ڪندي چيو. . .
ياسمين . . . . ياسمين. . . . مونکي هن حال ۾ ڇڏي نہ وڃ. . .
مون کان غلطي ٿي آهي، مون گناهہ ڪيو آهي. . .
مون کي ڇڏي نہ وڃ. . . تون نہ وڃ ياسمين. . .
آئون ايترا صدما نہ سهي سگهندس. . .
تون نہ وڃ. . . .
ساجد روئندي رڙندي ياسمين کي سڏيندو رهيو پر ياسمين نہ مُڙي ۽ هو ويندي رهي. . . .
ساجد منهن گوڏن ۾ هٿي ڪنڌ هيٺ ڪري روئندو رهيو. . . .
ڪجهہ دير روئڻ کانپوءِ هن ڳوٺ ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ لڙکن سان وهنتل اکيون صاف ڪري ڳوٺ روانو ٿيو. . .

(12)

ساجد گهر پهچي مبين سان گلي ملي اوچنگار ڏيئي روئندي چوڻ لڳو. . .
ادا هي سڀ چا ٿي ويو. . . . . ؟
هي سڀ ڪيئن ٿيو؟
مبين هن کي ڪاڀ ورندي نہ ڏني ۽ متي تي هٿ ڏئي چُپ ڪري ويٺو رهيو. . . . . !!
ساجد: ادا واقعي مون کان اهڙي غلطي ٿي وئي آهي جو آئون پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي ٻہ هن گناهہ جو ڪفارو ادا نہ ڪري سگهندس. . . !
مون واقعي سنبل سان وڏي ناحق ڪئي. . . . !!
آئون واقعي هن جو گنهگار آهيان. . . . !!
مون بي حسي جو بدترين مظاهرو ڪيو آهي. . . !1
ائين چئي ساجد لڳاتار روئڻ لڳو. . . . !!
هو پنهنجي ڪيل گناهہ کي لڙڪن جي پيٽا ڏئي سنبل جي گهر ڏانهن روانو ٿيو. . . . !!
سنبل جي گهر ۾ داخل ٿيو تہ سڀني گهر پاتين جي ويڳاڻي حالت ڏسي هي ويتر اجهامي ويو. . . !!
هو زندهہ لاش جهڙو وجود کڻي اڳتي وڌڻ لڳو. . . !!
احمد علي وارا هن کي سخت ڪاوڙ ۽ نفرت سان ڏسڻ لڳا هئا.
ساجد خشڪ چپن سان ڳيت ڏيندي چوڻ لڳو. . .
چاچا. . . هي سڀ چا ٿي ويو. . . . ؟
هي سڀ ڪيئن ٿيو. . . ؟
احمد علي وڏي ڪاوڙ مان چيو:
ظالم. . . ٻہ رحم. . . هتي جو آيو آهين؟
نڪري وڃ هتان کان. . . .
اسان جي اکين کان ٽري وڃ. . . .
وڃي تو واري هن شهزادي سان لائون لهہ. . .
هن گهر ۾ هاڻي مرڻ گهڙي تائين تو لاءِ ڪاڀ جاءِ ڪونهي. . .
تون قاتل آهين. . . . منهنجي معصوم نياڻي جو قاتل آهين. . . .
خبر اٿئي هن کي تنهنجي اچڻ جو ڪيتري شدت سان انتظار هوندو هو. . . ؟
هو روز مون کان پڇندي هئي تہ بابا اڄ ساجد اوهان کي فون ڪونہ ڪيو؟
اڄ ساجد جو اوهان وٽ ڪو ميسيج ڪونہ آيو؟
هو هر روز تنهنجا رستا ڏسندي هئي. . . .

۽ تون. . . تو تہ اهڙو ظالم نڪتين جو هن جي جنازي کي بہ ڪلهو ڏيڻ ڪونہ آئين. . . !!
ڇا ڇڏيو آهي تو اسان ۾؟
اسان کي جڳ جهان ۾ خوار ڪري اسان جي نياڻي کي ڇڏي ڏنئي. . .
احمد علي وڏيڪ ڳالهائي نہ سگهيو ۽ زارو زار روئڻ لڳو. . .
ساجد اکين ۾ لڙڪ لاڙي هٿ ٻڌي چوڻ لڳو. . .
چاچا مون کي معاف ڪريو. . . . مون کي معاف ڪريو. . .
مون کان عظيم غلطي ٿي وئي آهي. . .
آئون پنهنجو گناهہ تسليم ڪريان ٿو. . .
مون کي معاف ڪريو. . .
ساجد لڳاتار روئندو رهيو ۽ سنبل جي گهر وارن کان معافي ونندو رهيو پر ڪيس ڪنهن بہ ڪا ورندي نہ ڏني. . .
سيني جي لٽل منهن تي ويتر مايوسي ڇائنجي وئي ۽ وري انهي گهر ۾ ٻيهر ڳوڙهن جو مينهن وسڻ شروع ٿي ويو هو. . .
ساجد روئندي سنبل جي ڪمري ڏانهن روانو ٿيو. . .
ڪمري ۾ داخل ٿي سڄي ڪمري ۾ ڇئو طرف نظرون گهمايائين. . .
ڪمري ۾ سنبل جي وجود جي خوشبو کي محسوس ڪري اکين مان وڏڦڙو مينهن وسڻ لڳيس. . .
شوڪيس تي ڪُلي پيل سنبل جي ذاتي ڊائري تي نظر پيس تہ اڳتي وڌي وجي ڊائري کنيائين. .
ڊائري جي ڪليل ورق تي نظرون ڄمي ويس جنهن پني تي هن جو پنهنجي هٿ اکرن سان اهو نوٽ لکيل هو. . .
"سنبل منهنجي زندگي آهي، منهنجي زندگي جي هرخوشي آهي. . .
جيڪڏهن آئون هن کي وساريان تہ شال ان ڏينهن پاڻ کي ٻوڙي ماري ڇڏيان. "
جڏهن انهي نوٽ کان هيٺ سنبل جي هٿ اکرن سان اردو جو هي شعر لکيل ڏنائين. .
مرتي هين تيري عشق مين مرني کي بعد کيا هوگا؟
ڪفن انها ڪر ديکهنا لبون پہ تيرا نام هوگا. . !!
تہ ساجد جي ڪيفيت هارايل جواري جهڙي ٿي وئي. . . !
ڪمري مان ٻاهر نڪري هي قبرستان ڏانهن روانو ٿيو. . . !!
قبرستان پهچي سنبل جي قبر کي ٻاڪر وجهي ديوانن جيان زارو زار اوچنگارو ڏئي روئندي چوڻ لڳو سنبل مون کي معاف ڪر. . .
بيشڪ آئون تنهنجو وڏو گنهگار آهيان. . . !!
مون کي معاف ڪر. . .
سنبل. . . مون کي معاف ڪر. . . . !!
سڀ ڪجهہ هارائڻ کانپوءِ هو قبر تي زارو زار روئندو رهي ٿو ۽ پنهنجي ڪيي جي معافي ونندو رهي ٿو

پر هن لاءِ بي چين روح هميشہ لاءِ سانت ٿي چڪو هو. .
هن جو اوسيئڙو ڪندڙ اکيون هميشہ لاءِ پورجي چڪيو هيون. . .
هن جو آواز ٻڌڻ لاءِ پريشان رهندڙ سماعتون هميشہ هميشہ لاءِ متي ۾ دفنائجي چڪيون هيون. . .
عشق جو اونداهو سج اُپري چڪو هو، ڪائنات اونڌاهہ جي سياهي سان دامنگير ٿي چڪي هئي، قبرون قبرون ٿي ويل دل جي ڏرتي سوين اٽپوري ارمانن جو شمشان گهاٽ ٿي چڪي هئي. . .
هاڻي هن جي روئڻ پٽڻ جو هن کي قبر مان ڪوبہ جواب نہ مليو. . . !!
سنبل جي قبر تي روئندي روئندي هن کي ڪافي دير ٿي چڪي هئي. . .
ڏرتي تي رات پنهنجا ڪارا پر پکيڙي چڪي هئي، قبرستان ۾ اونڌهہ ڇائنجي وئي هئي، رات جو سناٽو پوائتي منظر جو هيبتناڪ ڏيک پيش ڪري رهيو هو. . .
هي رات جو دير سان نيم بي هوشي واري حالت ۾ گهر موٽي آيو ۽ صبح جو بغير ڪنهن سان ڪجهہ ڳالهائڻ جي يونيورستي روانو ٿيو. . .
يونيورستي پهچي هن ياسمين جو نمبر ڊائل ڪيو. . .
ان جو نمبر بند هو، وري ڪجهہ دير ڪانپوءِ نمبر ڊائل ڪيائين تہ وري بہ نمبر بند هو. . . !
ياسمين جو نمبر بند هجڻ جي صورت ۾ هن ياسمين جي ويجهي سهيلي ميهوش جو نمبر لڳايو ۽ ان کان ياسمين بابت پڇتائين. . . !
ميهوش هن کي ٻڌايو تہ ياسمين ڪجهہ ڏينهن لاءِ ڪراچي هلي وئي آهي ۽ تو تي سخت ناراض هئي ۽ چيائين تہ جيڪڏهن ساجد تو کي فون ڪري تہ ان کي چوجا هاڻ پنهنجي وچ ۾ ڪو بہ تعلق نہ آهي، منهنجا توسان سڀ واسطا ختم آهن ۽ مون کي هميشہ هميشہ لاءِ وساري ڇڏي مون کي تو کان سخت نفرت ٿي وئي آهي. . . !!
اها ڳالهہ ٻڌي ساجد ڪال اڌ ۾ ڪٽي ڇڏي ۽ هن پاڻ کي موت ڏانهن روانو ٿيندي محسوس ڪيو. . .
هن کي سنبل جي خط وارا جملا ذهن تي تري آيا تہ "پرين کان پري رهي لمحا قيدي ڪيئن ٿين ٿا اهو تون هڪ ڏينهن ڄاڻي ويندين، تو کي خبر پئجي ويندي تہ سچي محبت کي ٺڪرائڻ وارن جو آخري انجام پڇتاءُ جي پاڻي ۾ ٻڏندي ٿيندو آهي. "
هو پڇتائو جي باهہ ۾ پسم ٿيڻ لڳو هو ۽ زندگي جي آنگڻ هن کان ڇڏائجي رهي هئي. . .
هن کي شدت سان احساس ٿيڻ لڳو تہ محبت ۾ دوکيبازي جو انجام ڏاڍو برو ٿيندو آهي.
هاڻي هن جي زنده رهڻ جا سيئي سهارا ختم ٿي ويا، دنيا هن لاءِ ڪوڪلي ٻڌجي وئي. . . !
هن جون اکيون خوابن کان خالي ٿي چڪيون هيون، زندگي هر طرف کان بي رنگ ۽ بي مزي ٿي چڪي هئي. . . !!
هن سوچيو تہ مون پنهنجو سڀ ڪجهہ ختم ڪري ڇڏيو آهي. . . !!
سنبل سان بيوفائي ڪيم. . . !
ياسمين سان ويساهہ گهاتي ڪيم. . . !
ماڻهو پير تي ڪهاڙو هڻندا آهن پر مون ڪهاڙي تي پير هنيو آهي. . . !!

مون هي ڇا ڪيو. . . !
مون هي سڀ ڪجھ ڇو ڪيو؟
مون کان هي ڇا ٿي ويو. . ؟
آئون هر طرح سان برباد ٿي ويس. . . !
هن مسلسل پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيا. . . !!
هر سوال جو جواب هن جي پريشاني ۾ اضافي جو سبب بنجڻ لڳو هو.
هو سخت پريشاني جي عالم ۾ پنهنجو پاڻ تي ملامت ڪندو لڙکڙائيندڙ قدمن سان اڳتي سنڌو ڏانهن وڌيو. . . !!
شام ٽاڻي سنڌو جي ڪنارن تي بيهي هن آخري پيرو ڇامشوري تان لهندڙ سج ڏانهن نهاريو جيڪو غفائن ۾ گم ٿي رهيو هو. . . !
پوءِ هن سنڌو جي وهندڙ پاڻي ۾ نهاريو جنهن ۾ سنبل جي محبت هن کي ٻانهون کولي سڏي رهي هئي. . . !!
ڪجھ گھڙين کانپوءِ پاڻي ۾ وڏو آواز ٿيو ۽ ڪنارن تي وينل پکي اڏامڻ لڳا. . . . !!

سمبارا پبليڪيشن جا 2017ع ۾ شايع ٿيل ڪتاب

• خالي آڪيرو	(شاعري)	سعيد ميمڻ	-/300
• نيو ڇور ڪان نئين دهلي	(ساروٽيون)	مڪيش بارتاٽي	-/250
• مڪڙيون آس جون	(گڏيل شاعري)	سرويچ ناٿن شاهي	-/200
• اکين جي گلاس ۾	(شاعري)	وشال	-/200
• قاضي نذرالاسلام	(زندگي ۽ فن)	منصور قادر جوٽيجو	-/200
• شيخ اياز جا دوها	(شاعري)	ڊاڪٽر فياض لطيف	-/250
• پيئي جن پرک	(لطيفيات/تحقيق)	غلام شبير پيراهين	-/250
• گڏاپ جا گل	(لُغت)	منصور ٽلهو	-/250
• شاهه جو رسالو-ڊاٽڪي	(شاعري)	استاد لغاري	-/400
• منجهان منهنجي روح	(شاعري)	ياسين چانڊيو	-/200
• عجيب داستان	(سوانح عمري/شاعري)	ربڙنو خاصخيلي	-/100
• نگر نگر ۾ اوهان جي خوشبوءِ	(شاعري)	نور الدين نفيس	-/300
• سنڌ جون ريتون، رسمون ۽ رواج	(تحقيق)	محمد ابراهيم ڪنير	-/150
• تون ئي تون	(شاعري)	بخاري افضل	-/200
• شاهه جا شيدائي (حصو پيو)	(تحقيقي جائزو)	راهب علي لاڙڪ	-/350
• آخري ماڻهو	(ڪهاڻيون)	زيب سنڌي	-/250
• دل ورا ڪو دوست سين	(ذات ، ذاڻ ، ڪرت ۽ ڪردار)	انور سومرو	-/120
• اجارا احساس	(شاعري)	شيخ نديم	-/200
• صحرا جهڙا خواب	(شاعري)	مخمور رضا	-/250
• سنڌيا شاهه جون ڪهاڻيون	(ڪهاڻيون)	شبانه سنڌي	-/200
• سونهن جا همسفر	(گڏيل شاعري)	بلال تبسم	-/400
• سيئي سجدا سونهن کي	(شاعري)	راحب جوٽو	-/200
• روح جي راحت	(شاعري)	ڪرم حسين ڪرم وگهڙ	-/200
• ڏرتيءَ جو ڪاهوڙي ڪردار مير بليدي	(شخصيت)	پريت پال سنگهه سوديو	-/350
• ڪتيندي ڪنبيا	(شاعري)	اڪبر بجير (ٿري)	-/200
• موتڙ جنين مهٽو	(ناول)	ترجمو: علي نواز ڏاهري	-/400
• شاهه لطيف جا چتيهه سُر	(تعارف ۽ فلسفا)	محقق ۽ شارح:استاد لغاري	-/300
• سار، سپنا ۽ صليب	(گڏيل شاعري)	اعجاز انڙ	-/300
• سنگيت جي مڌرتا	(شاعري)	ساحر راهو	-/250
• منو مور ماڻهو	(مضمون/تاثر)	حامد لاشاري	-/150
• جلا وطن پکي	(ڪهاڻيون)	محبوب سنڌي	-/250
• صحرا جي پاڪر ۾	(نثري نظم)	رحيمداد جوڳي	-/250
• شاهه جو رسالو	(حمائل سائيز)	ترتيب ۽ تعليق: استاد لغاري	-/200
• ڏک جا نندا ڪا پاڇا	(جديد نثري نظم)	حبدار سولنگي	-/400
• تاريخ حضرت سنڌ	(تحقيق)	جاموٽ حاجي خان چاچڙ "سنڌي"	-/300
• پاٽي تي ئي پاٽي ٽيندو	(شاعري)	حافظ محمد بخش خاصخيلي	-/300
• وڻ وڻ منجهان واس	(گڏيل شاعري)	گهايل لغاري	-/240
• اڃان آليون اکيون آهن	(مضمون/شاعري)	سميڙ:ڪامل امداد جتوئي	-/000
• سورن سلا نِسريا	(مضمون ۽ مقالا)	احمد علي صابر	-/400
• عشق اوندا هو سج	(ناول)	عاشق بلوچ	-/200

رابطي لاءِ: ساجد سنڌي
Sambara. publication@gmail. com
Cell: 0300-3513966

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ ڀڙ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙوڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو سات نياڻيندا.

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book


عشق اونداهو سج
عاشق بلوچ
سمبارَ پبليڪيشن حيدرآباد
141
عاشق هوندا، پر نرالا ليکندا آهن. هر ڪو پنهنجي هر ڪم ۾ جنون جو انداز پنهنجو منفرد هوندو آهي. اهي عاشق پنهنجي عشق ۾ سچا ۽ کري هوندا آهن جن جي دم سان پيار ۾ حسن جو سنسار قائم ۽ وڌيڪ حسين ياسي ٿو. عاشق بلوچ پڻ اهڙن عاشقن مان آهي جن جي جي، ۾ ٽانگهه، تڙپ، ڪچهه ڪري گذرڻ جو ولولو ۽ جنون آهي. اهو ئي سبب آهي جو عاشق بلوچ هن ننڍي عمر ۾ هي خوبصورت رومانوي ناول سرجي اهو ثابت ڪيو آهي ته جيڪڏهن مائهو جي من ۾ ڪنهن ڏانهن جذبي جو چنڀ لڳي آهي ته اهو زندگي جون ٻيڪ ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون مائي سگهي ٿو.
ڊاڪٽر نياز لغاري
ناول اسان وٽ هڪ نئين صنف طور اُپريو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي مقبوليت جون سڀ حدون هيون جڏهي آسمان تي اڏرڻ لڳو. ناول ۾ هر قسم جا موضوع پر پور طريقي پيش ڪيا وڃن ٿا پر رومانس ان جو بنيادي عنصر آهي يعني اهو رومانس محبوب سان ملڻ جو هجي يا ڏرڻي سان عشق جو هجي. عاشق بلوچ جو هي ناول يونيورسٽي جي رومانس ،ان جي شاگردن جي مسئلن جي نمائندگي ڪندي نظر اچي ٿو. طارق عالم جي "رهجي وبل منظر" جيان عاشق بلوچ وٽ به ڪي رهجي وبل خواهشون ناول جي صورت ۾ نروار ٿيون آهن. سندس لکڻ جو ڏان، پيشڪش جو انداز ڏاڍو دلڪش آهي. اميد ته هي ناول سنڌي ادب ۾ هڪ خوشگوار اضافو ٿيندو.
ڊاڪٽر ريحانه نقير